# حيثيت

(ناول)




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حيثيت

(ناول)

امر گوپالاڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حيثيت

(ناول)


ليکڪ : امر گوپالاڻي
سرنامو : اِي-98، ساڪيت، اِندور-452018.
موبائيل : 08989831884.
دفعو : پهريون- سال : 2016
ڇپائيندڙ : امر گوپالاڻي
ڪاپيون : 500
قيمت : 160 رپيا
ٽائيپ سيٽنگ : آهوجا گرافڪ سروس،
۽ ڇپائي ڪيندڙ : اي-وارڊ مين روڊ، ڪبيرنگر،
احمدآباد.


# HESIYAT

(Novel)


Writer : **Amar Gopalani**
Add. : E-98, Saket, Indore-452018.
Mo. : 08989831884
Edition : **1st**
Year : **2016**
Published : **Amar Gopalani**
Copies : 500
Price : 160/ Rs.
Type Setting : **Ahuja Graphic Service,**
& Printed by : **A-Ward Main Road, Kubernagar,**
Ahmedabad-382340.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي طرفان

دوستو،

ادب جو مطلب ساهتيہ سان آهي. اسين سنڌي ادب کي فضيلت، سنسڪارن جي لاءِ اِستعمال ڪندا آهيون. ادب ۽ سنسڪار گهر ۾ وڏا، اِسڪول ۾ اُستاد ۽ اُن کان پوءِ اديب دانشمند ۽ سنت مهاتمائون سيکاريندا آهن.

اسين پنهنجي وڏن ۽ سنت مهاتمائن جا جنم ڏينهن ۽ ورسيون ملهايون ٿا ليڪن اديب ۽ دانشمند جيڪي گيان جا، ڄاڻ جا روشن منار آهن، جيڪي سماج کي صحيح راهہ ڏيکارڻ وارا سونهان آهن، اُنهن کي وساري ڇڏيون، نظرانداز ڪري ڇڏيون. ان جو مطلب اِهو ٿيندو تہ سماج پنهنجي دماغ جا روشندان ڄڻ تہ بند ڪري ڇڏي.

ان جو فائدو وٺي ڌرم جو ڌنڌو ڪرڻ وارا مهاتمائن جي ويس ۾ حرفتاز عوام ۾ ڀرم، سنسا ۽ انڌوشواس ڦهلائي رهيا آهن، وهم اِنسان ذات کي اگيان جي گرت ۾ غرق ڪري ٿو ڇڏي.

ڀڳوان شري ڪرشن گيتا اڌياءُ 6، سلوڪ 5 ۾ چيو آهي- اِنسان خود ئي پنهنجو دوست آهي، خود ئي پنهنجو دشمن.

جنهن جو دماغ روشن آهي،سوچ صحيح آهي، سو خود ئي پنهنجو دوست آهي، جيڪو اِنسان سنسن،ڀرمن ۽ انڌ وشواس ۾ جڪڙيل آهي سو خود ئي پنهنجو دشمن آهي.

دوستو، اچو تہ خود پنهنجا دوست بڻجون. پنهنجي دماغ کي روشن ۽ سوچ کي دُرست رکون. ان لاءِ ضروري آهي علمي ڪتابن سان گڏ ساهتيہ بہ پڙهون، ساهتيڪار، دانشمندن جا شڪرگذار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌجون. سماج ۾ روشن منارن کي ياد ڪريون، سندن جنم ڏينهن ۽ ورسيون شدت سان ملهايون.

سنڌي سماج جو ڪوهنور هيرو شري حشو ڪيولراماڻي، جيڪو گمناميءَ جي دز ۾ دٻيل آهي اُن کي گمناميءَ مان ٻاهر ڪڍي چمڪايون. سندس جنم ڏينهن ۱۴ ڊسمبر (چوڏهين ڊسمبر) اُتساهه ۽ اُمنگ سان ملهايون. سندس ڪيل خدمتن ۽ قرباني کي ياد ڪري کيس شرڌانجلي پيش ڪريون.

**امر گوپالاڻي**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اَرپڻ

## ناول **حيثيت**

صدق ۽ ادب سان پيش ٿو ڪريان

سنڌ جي ادب، دانشمنديءَ جي روشن منار

سدا حيات **حشو ڪيولراماڻيءَ** کي



**امر گوپالاڻي**

اي-98، ساڪيت، اِندور-452018.

سيل نمبر : **08989831884**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڇپيل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| .1 | آنسون عمر ڀر ڪي (هندي) | 2008 |
| .2 | آنسون عمر ڀر جا (سنڌي ڪهاڻي سنگرهہ) | 2012 |
| .3 | گردش (سنڌي ڪهاڻي سنگرهہ) | 2012 |
| .4 | ڪلومل بلومل (طنزي ۽ مذاقي ليکہ-ڀاڱو پهريون) | 2013 |
| .5 | نياڻيون ناهن نماڻيون (ناٽڪ سنگرهہ) | 2013 |
| .6 | ڪمارس (ناول-ڀاڱو پهريون) | 2014 |
| .7 | ڪمارس (ناول-ڀاڱو ٻيون) | 2014 |
| .8 | ايڏو بہ ناز نہ ڪر ۽ ٻن پُڙن جي وچ ۾ (سنڌي-ناول) | 2015 |
| .9 | ڏنگ (سنڌي-ناول) | 2016 |
| .10 | ڪلومل بلومل (طنزي ۽ مذاقي ليکہ-ڀاڱو ٻيون) | 2016 |
| .11 | بانجهڙا ڪماري (سنڌي- ڪهاڻي سنگره) | 2016 |
| .12 | حيثيت (ناول-هندي) | 2016 |
| .13 | چئتالي (ڪهاڻي سنگره-هندي) | 2016 |
| .14 | حيثيت (ناول-سنڌي) | 2016 |

**امر گوپالاڻي**
اِي-98، ساڪيت، اِندور-452018.
سيل نمبر : 08989831884



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**راجيش** ايم. بي. اي. جو لاسٽ سيميسٽر ڪليئر ڪري چُڪو هو. لڳاتار پڙهائيءَ سبب هُو شاريرڪ چاهي مانسڪ روپ سان ٿڪاوٽ محسوس ڪري رهيو هو. آئيندهه جي باري ۾ سوچڻ کان اڳ هن آرام ڪرڻ تي چاهيو. سوچ ويچار کان پوءِ هن مانڊو وڃڻ جو فيصلو ڪيو. مانڊو اِندور کان فقط 88 ڪلوميٽر جي فاصلي تي هو. هن پنهنجي بائيڪ تي مانڊوءِ وڃڻ جو فيصلو ڪيو. فقط 90 منٽن ۾ هُو مانڊو پهچي ويو.

هن پنهنجي لاءِ هوٽل روپمتيءَ ۾ روم بوڪ ڪرائي ڇڏيو هو. هوٽل پهچي هُو پنهنجي روم ۾ ٿانئيڪو ٿي ويو. ڪمرو آرامدائڪ هو. اٽئيچ باٿ، وارڊ روب، اي.سي.، ٽي. وي.، فون هر سهوليت ميسر هئي.

ڪلاڪ ڏيڍ آرام ڪانپوءِ هن پنهنجي لاءِ لنچ جو آرڊر ڏنو. هن لنچ ڪمري جي ٻاهران پورچ نما اڱڻ ۾ ويهي ڪئي. پورچ سان لاڳيتو ڪافي وڏو لان ۽ وڻن ٻوٽن جو جُهرمُٽ هو. اِن سان گڏ گُلن جون ڪياريون هيون. بائونڊريءَ تي ريلنگ لڳل هئي. برسات جو مؤسم هو. چوڌاري سامهون سرسبز پهاڙ، ترائيءَ ۾ خوبصورت وادي، ڪيٿ ۽ ڪجهه گهر، هڪ طرف پهاڙ تان ڪرندڙ آبشار جو خوبصورت منظر هو. قدرت جڻ نووڙٽيءَ جيان سينگار ڪيو هو. قدرت کي نهاري دل دماغ کي سڪوُن تي مليو.

لنچ کان فارغ ٿي راجيش ڪمري ۾ وڃي وري آرامي ٿيو. سُني ننڊ ڪري هوُ اُٿيو. هٿ مُنهن ڌوئي وار سنواري هوُ ٻاهر اچي ڪرسيءَ تي وينو. چانهه گُهرائي پيتائين. اُٿي اُتي ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه دير چهل قدمي ڪيائين. ڪافي سئلاني آيل هئا. هوٽل جا سڀ ڪمرا بوڪ ٿي چُڪا هئا. شام جو ٻيا به مسافر ٻاهر لان تي الڳ الڳ جڳهين تي اچي ويٺا هئا. اُنهن مان ڪجهه سنگل، ڪجهه ڊبل ته ڪجهه فئمليءَ سان گڏ آيل هئا. ڪجهه ولائتي سئلاني پڻ آيل هئا. هوٽل ڪافي وڏي ايراضيءَ ۾ ڦهيل هئي. پارڪنگ جو جوڳو بندوبست هو. هوٽل کي وڌائڻ جي به گنجائش رکي ويئي هئي. دقت هئي ته فقط اِها ته مانڊوءَ جو خاص سيزن برسات ۾ برسات ڪانپوءِ جا چند مهنا هو. اُن وقت سئلانين جي ڪافي رش هوندي آهي. خاص ڪري ڇنڇر آرتوار ۾ ٻين موڪلن جي ڏينهن تي اُنهن مان به گهڻي ڀاڱي اهڙائون وارا هوندا هئا جيڪي پنهنجي ٿري يا چار وهيلر تي صبح جو اچي شام جو واپس هليا ويندا هئا.

راجيش واپس روم ۾ آيو. لائيٽ جلايائين، ٽي. وي. چالو ڪري نيوز چئنل هلايائين. چئنل تي نيوز هئي ئي نه. ٻيءَ تي خبرچار دهرائي ٿي وئي. ٽئين چئنل تي بحث ڇڙيل هئي، مڇي بزار وارو نظارو هو. سوني سب هلايائين، اُن تي اڳ ۾ ڪيترا دفعا ڏيکاريل سيريل تارڪ مهتا جو اُلٽو چشمو ڏيکاريو ٿي ويو. لڳي پيو ايندڙ 10 سالن تائين به تارڪ جو چشمو اُلٽو ئي رهڻ وارو هو.

خفا ٿي راجيش ٽي. وي. آف ڪئي. هوُ وري ٻاهر نڪري لان ۾ اچي ويٺو. جتي چوڌاري ساوڪ نظر اچي رهي هئي. هاڻي منهن اونداهيءَ وقت ڪارنهن نظر اچي رهي هئي. ڪٿي ڪٿي روشني جڳنوءَ جيان ٽمٽمائي رهي هئي. ڪجهه دير بعد هوُ واپس ڪمري ۾ ويو. ڪرسيءَ تي ويهڻ ساڻ آندل هندي ماهوار مخزن سنڌو مهڪ پڙهڻ لڳو. ڪجهه دير ڪانپوءِ گلشن ننڊا جو ناول ’جهيل کي اُس پار‘ ڪڍي پڙهڻ لڳو. ڪافي دير پڙهندو رهيو. ڪيس ٻُڪ لڳي هئي. پر ناول اَڌورو ڇڏڻ تي من نه پيو ٿئس. تڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويٽر ڊنر جو آرڊر وٺڻ آيس. جيستائين ڊنر کيس سَروَ نہ ٿيو، هوُ پڙهندو رهيو.

راجيش رسوئي کائي چُڪو هو. ويٽر برتن کڻڻ آيو. راجيش کيس ڪافي آڻڻ لاءِ چيو ۽ کانئس چشتي محل جو رستو پڇي ۽ سمجهي ورتائين. راجيش دير رات تائين پڙهندو رهيو. ناول پورو پڙهڻ کان پوءِ اُٿيو. هڪ گلاس پاڻي پري پيتائين. ٽائلٽ مان ٿي آيو. پوءِ نائيٽ لئمپ ٻاري لائيٽ وسائي بستري تي پسرجي ويو.

ال صبوح راجيش بسترو ڇڏيو. نت ڪرم کان نورت ٿي هٿ مُنهن ڌوئي ڪمري مان ٻاهر نڪتو. دروازو لاڪ ڪري بائيڪ تي سوار ٿي چشتي محل طرف روانو ٿيو. اڃا انڌيرو هو، اِسٽريٽ لائيٽ ٻري رهي هئي. چشتي خان جي محل وٽ پهچي بائيڪ پارڪ ڪيائين. محل اندر ويو. اُتي اڃا بہ انڌيرو هو، پر ايترو بہ نہ هو جو ڪجهہ نظر ئي نہ اچي. هوُ محل جي مٿئين حصي ۾ ويو. محل هڪ پهاڙيءَ تي نهيل هو. مٿي روشني هئي. ڪجهہ ٻيا بہ سئلاني موجود هئا. ماڻهن جي اچڻ جو سلسلو جاري هو. سيني جو نگاهوُن اوڀر دِشا طرف هيون. مٿي هير وهي رهي هئي. اچانڪ اوڀر دِشا ۾ لالاڻ ڦهلجڻ لڳي. سيني جون نگاهون اُن طرف هيون. ڏيري-ڏيري ڳاڙهاڻ جي وچ ۾ هڪ سُنهري ليڪ نمودار ٿي. ليڪ هر پل وڌندي رهي ۽ گول ٿيندي ويئي. سج اُڀرڻ جو اِهو نظارو دلڪش هو. ڪجهہ پلن ۾ پورو سُنهري گولو اُڀري آيو. هيٺ وادي روشنيءَ ۾ وهنجي ويئي. سرسبز وادي، ندي، آبشار، اکيون ڪئميرا جيان نظارن کي قيد ڪنديون رهيون.

درشڪن جو من قدرت جي نظارن کي نهاريندي ڀريو نٿي. ڪجهہ دير کانپوءِ راجيش هيٺ لهڻ شروع ڪيو. محل جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندرئين حصي ۾ ڪمرا نهيل هئا، جيڪي زبون حالت ۾ هئا. پورو محل ڪنڊهر ۾ تبديل ٿي چُڪو هو. سامهون ڪليل جڳهہ ۾ وڏو هال نهيل هو. جو ڪڏهن دربار جو روپ اختيار ڪندو هوندو. اُجڙيل محل ۾ ڪٿي-ڪٿي ٽائيلس ۽ رنگين چترڪاري ۽ اونچي معيار واري نڪشاني نظر اچي رهي هئي.

هيٺ اچي راجيش موٽر سائيڪل تي سوار ٿي هوٽل طرف موٽ ڪاڏي. هوٽل پهچي، ڪمري ۾ اچي هڪ گلاس پاڻي پيتائين. چانهہ گهرائي پيتائين. پوءِ بستري تي ليٽي پيو. ڪجهہ دير ليٽي اُٿيو. ٻاهر وڃي ڇهل قدمي ڪرڻ لڳو پوءِ ڪمري ۾ اچي دروازو بند ڪري سنان ڪرڻ هليو ويو. ڏاڙهي لاهڻ جو موڊ نہ ٻڻيس. سنان ڪري تيار ٿي ٻاهر اچي نيرن جو آرڊر ڏنائين. جيستائين ٻئرو نيرن ڪٽي اچي، تيستائين اخبار پڙهڻ لڳو. اخبار مان پتو پيس تہ ٽن ڏينهن جو ماندو اُتسو شروع ٿيڻ وارو آهي. ڪيس هڪ فلم جي شوٽنگہ جي ڄاڻ پڻ ملي. فلم جو پروڊيوسر، ڊئريڪٽر سندس پتا ستيش هو. هوُ پنهنجي يونٽ سان گڏ اچڻ وارو هو. سندن رهڻ جو اِنتظام ٽوئرزم ڊپارٽمينٽ جي مالوا رسورٽ ۽ مالوا رٽريٽ ۾ ٿيل هو. روپمتي جي موهني ريسٽورنٽ جو کاڌو لذيذ هو. اُتي رهيل مسافر اڪثر اُتي ئي رسوئي کائيندا هئا. ڪيترا ٻئي هنڌ رهيل بہ اُتي کائڻ لاءِ ايندا هئا. راجيش طيءِ ڪيو تہ هوُ روپمتيءَ ۾ ئي رهندو. مالوا رسورٽ ۾ نہ ويندو. راجيش ٽي. وي. چالو ڪئي. هن ٻئلڪ اَئنڊ وائيٽ چئنل لڳايو. اُن وقت چئنل تي فلم شڪست جو گانو هلي رهيو هو. گيت جا ٻول هئا، ’سپ دشمن اِس جانِ ڪي، بدلي رنگہ جهان ڪي...‘ گيت جا ٻول درد ڀريا دل کي ڇُهڻ وارا، دل ۾ درد جاڳائڻ وارا ۽ تاثير سان ڀريل هئا، اوترو ئي مناس ڀريو سنگيت ۽ آواز هو. فلم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هيروئن جي اداڪاري بہ لاجواب هئي. راجيش مڳڌ ٿي ڳائو ٻڌڻ لڳو. سوچڻ لڳو پُراڻي گيت سنگيت ۾ ڪيترو نہ رس آهي. پريم نگريءَ ۾ پريم پريا گيت ٻڌڻ راجيش ڪي سُٺو لڳي رهيو هو.

ڪجهہ دير بعد ساڳئي چئنل تي بامبي ٽاڪيز جي سدابهار فلم محل ڊيڪارڻ شروع ڪيائون. پينگهہ تي لُڏندي ’آئيگا آني والا..‘ گيت ڳائيندي مڌوبالا کي ڏسي راجيش حيرت ۾ پئجي ويو. سوچڻ لڳو- ايتري بہ خوبصورتي ٿي سهندي آهي! سُرڳہ جون اپسرائون چاهي جنت جي حوُرن جوُن ڳالهيون ٿينديون آهن، ايتريون خوبصورت تہ اُهي بہ نہ هونديون. پرين جي راڻيءَ کي بہ مڌوبالا کي ڏسي من ۾ حسد پيدا ٿيندو هوندو؟

راجيش پوري فلم ڏٺي. تن من جي ٿڪاوت دور ٿي ويس. خود کي ترو-تازا محسوس ڪرڻ لڳو. ٻاهر وڃي لنچ ڪاڌائين. رسوئي کائي اچي بستري تي ليٽيو. شام جو چانهہ پي پئدل ئي گهمڻ نڪري ويو. مانڊوءَ جي وچ بزار ۾ هڪ طرف رام مندر هو. هوُ درشن ڪرڻ لاءِ ڏاڪا چڙهڻ لڳو. تڏهن هڪ آديواسي حسينا مندر مان نڪري هيٺ اچي رهي هئي. راجيش جون نگاهون حسينا جي چهري تي ٽڪي ويون. ڪامديو پنهنجو پهريون ٻاڻ راجيش جي نوجوان دل تي هلايو. حسينا سندس پرسان لنگهي هيٺ لهي ويئي. راجيش پلٽو کاڌو، حسينا جي پُٺ ورتائين. سندس اچرج جو ٺڪاڻو نہ رهيو، جڏهن ڏٺائين تہ ڇوڪري مندر مان نڪري جامي مسجد جا ڏاڪا چڙهي رهي هئي، هوُ لنبا قدم کڻندو اُن طرف وڌيو ۽ ٽڪيٽ خريد ڪري مسجد ۾ اندر ويو. سندس ڌيان نہ مسجد جي وشالتا ۾ هو نہ اڏاوت ۾. سندس نگاهون تہ اُن حسينا کي تلاش ڪري رهيون هيون، جيڪا ڪجهہ دير اڳ ۾ مسجد اندر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳهڙي هئي. سندس ڪٿي بہ اتو-پتو نہ هو. هوُ نراش ٿي ٻاهر نڪتو.

راجيش بي مقصد پنڪندو رهيو. سڄ لهڻ جو وقت ٿيڻ وارو هو. ڪيترن ماڻهن کي هن هڪ طرف ويندو ڏٺو. هوُ بہ سندن پُٺيان لڳو. هوُ جتي رُڪيا، هوُ بہ اُتي بيهي رهيو. اُها ماندوءَ جي سن سيٽ پائنٽ هئي. اِها متاهينءَ تي هڪ دڙي مثل جڳهہ هئي. اُتر طرف ڳهاٽن وڻن سان ڍڪيل پهاڙ هئا. هيٺ ڳهري ترائي هئي، جتي ڪجهہ ڪکاوان اڏيل گهر نظر اچي رهيا هئا. هيٺ وڃڻ جو ڪوئي رستو نظر نٿي آيو. شايد ڪوئي پيچرو هو جيڪو ڳهاٽي ٻيلي سبب نظر نٿي آيو. اچانڪ ماڻهن جو ڌيان اُن طرف ويو. ٻہ ننڍا ٻار بي ڪٿي اُن ٻيلي مان هيٺ واديءَ طرف وڃي رهيا هئا. واقعي ئي حيرانيءَ جي ڳالهہ هئي. اَهڙي ڏکئي اُتاهين پيچري تان ٻار هيٺ ڳهرن ڏانهن وڃي رهيا هئا. اوچتو سڄ لهڻ لڳو. سيني جو ڌيان اُن طرف هو. ڌيري-ڌيري سڄ انڌيري ۾ ٻڏندو ويو. ماڻهو پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا. سيني جي زبان تي اُنهن ٻارن جو ذڪر هو جيڪي ڳهاٽي پهاڙي ٻيلي تان بيخوف هيٺ لهندا ٿي ويا. اُنهن مان هڪ ڇوڪرو ۽ هڪ ڇوڪري هئي.

اوچتو سڀ ڇرڪيا. سڄ جو ڳاڙهو گولو وري نظر آيو. آسمان ۾ لالاڻ ڦهلجي ويئي. ڌيري-ڌيري سڄ است ٿي ويو. راجيش کي مهاڀارت جي ڪٿا ياد آئي. ڪوروَن پانڊوَن کي نيچو ڏيکارڻ لاءِ چڪرويوهہ جي رچنا ڪئي جنهن کي تهس نهس ڪري ٻاهر نڪري اچڻ ارجن ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي نہ ايندو هو. ارجن کي يُڌ جي ٻئي مورچي تي رُڌل رکيائون. ايمنيوءَ کي چڪرويوه ٽوڙڻ ايندو هو، نڪرڻ نہ ايندو هو. هوُ سر جو سانگو لاهي چڪرويوهہ ٽوڙي اندر هليو ويو. اڪيلي سر ڪوروَن جي مهارٿين گڏجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪيلي ايپمنيوءَ تي حملو ڪري ڪيس نهتو ڪري ڇڏيو. ڪانئر جئدرٿ نهتي ايپمنيوءَ جي هتيا ڪري ڇڏي.

سڄ لٿي ڪانپوءِ جڏهن لڙائي بند ٿي، ارجن پنهنجي ڏيري تي موٽي آيو. ايپمنيوءَ جي موٽ جي خبر مليس ته غم ۽ غصي مان پرتگيا ڪيائين ته ٻئي ڏينهن يُڌ ۾ سڄ لهڻ کان اڳ جئدرٿ کي ماري بدلو وٺندو. اگر جئدرٿ کي نه ماري سگهيو ته پوءِ سڄ لٿي جو جيئري چکيا تي چڙهي پنهنجو انت آڻيندو.

ٻئي ڏينهن تي ڪورون جا سڀ سپهه سالار فوج سميت جئدرٿ جو گهيرو ڪري بيٺا. ڪورو سينا ارجن کي ناڪام ڪندي رهي. ارجن جئدرٿ کي ماري نه سگهيو. ارجن کي چکيا تي چڙهندو ڏسڻ لاءِ دريوڌن، اشوٿاما، جئدرٿ وغيره سڀ چکيا جي جڳهه تي پهچي ويا. ڪرشن ارجن کي آگاهه ڪيو، شڪار سامهون بيٺو اٿئي، گانڊيو کڻ جئدرٿ جو انت ڪر. ارجن ٻُڌتر ۾ هو. ڪرشن چيس، سڄ لٿو نه آهي، بادلن جي اوٽ ۾ آهي، دير نه ڪر. ارجن گانڊيو ڌنس کنيو، تير سان جئدرٿ جي سسي ڌڙ کان الڳ ڪري ڇڏيائين. اچانڪ سڄ نڪري نروار ٿيو. نيڪ اهڙو منظر مانڊوءَ ۾ درشڪن ڏٺو. سڄ لهي ويو، وري اچانڪ پرگهٽ ٿيو. ڪجهه دير ڪانپوءِ است ٿي ويو.

راجيش پنهنجي روم ۾ موٽي آيو. ڪرسيءَ تي آرام سان ويٺو. اکيون بوٽي ڇڏيائين. هوُ چڙڪ پري سڌو ٿي ويٺو. اکين ۾ ان آديواسي حسينا جو چهرو تري آيس. ساڳيو چهرو سندس ڪُليل اکين ۾ به ترڻ لڳو.

راجيش باٿ روم ۾ ويو. واشبيسن جو نل چالو ڪري اکين تي ، مُنهن تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هنيائين. مُنهن اُگهي ٻاهر لان ۾ نڪري آيو. چانهه جو آرڊر ڏيئي اُتي چهل قدمي ڪرڻ لڳو. ٻاهر لان تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. ستيش سنجنا کان پڇيو، ”توهان سياڻي شروع ٿيڻ واري ماندو اُتسو جي ريهرسل ڏني؟ خاص ڪري انگوريءَ جي پوشاڪ، اُن جي ڊانس، ڳائڻ، سياڻي ڪري سگهنديَن اِهو سڀ؟“

سنجنا آتم وشواس سان چيس، ”شيوئر سر.“ هاڻ ستيش ساوڻ ۽ نيلم سان مخاطب ٿيو. ٻنهين چيس، ”ڊنر ڪانپوءِ اسين ڪلي ڄڄهه تي ويهي گيت جي رچنا ڪنداسين.“ سروڻ چيو. ”آءٌ گيت تيار ٿيڻ ڪانپوءِ ڌُن تيار ڪندس، ڌُن لوڪ ڌُن هوندي، جنهن ۾ لوڪل ساز پڻ آرڪيسٽرا ۾ شامل ڪيا ويندا.“

ستيش کي تسلي ٿي. هن ڊرنڪ، سافٽ ڊرنڪ ريپيٽ ڪرڻ جو آرڊر ڏنو. فريش سنئڪس جو پڻ آرڊر ڏنائين. راجيش ٻيو ڪجهه وٺڻ کان منع ڪئي. ستيش جي موبائيل جو رنگ ٽون وڳو. نمبر ڏسي آن ڪري چيائين، ”چئه ڪمل؟“

”سر، سياڻي جي شوٽنگ لاءِ اِسپاٽس جي نشانديهي ڪئي ويئي آهي.“ ”ڏس ڪمل، هتي آنڊي فلم جي شوٽنگ پڻ ٿي هئي ۽ ڳانو به فلمايو ويو هو. آءٌ ريپيٽيشن نٿو چاهيان.“ ”نه ٿيندو سر، آنڊيءَ جو ڳانو رات جي وقت جهاز محل جي ارد-گرد ۽ ڪپور گارڊن ۾ فلمايو ويو هو. اسان جي شوٽنگ ڏينهن جو ٿيندي ۽ ڳانو هيرو هيروئن جي بوٽنگ ڪندي فلمايو ويندو. مون ڪجهه فوٽو گرافس ورتا آهن توهان جي موبائيل تي موڪليان؟“

”ضرورت ناهي، سياڻي ماندو اُتسو ۾ جيڪا شوٽنگ ٿيڻي آهي، اُن جي پرميشن ورتي اٿئي ۽ تياري ڪئي اٿئي؟“ ”پرميشن به ورتي آهي ۽ تياري به ڪئي آهي ۽ وي. آءِ. پي. سيٽن جو پڻ اِنتظام ڪيو آهي. رائوٽ کي مون سمجهايو آهي ته ڪهڙي نموني فوٽوگرافي ڪرڻي اٿس. اُتسو جي پُڄاڻيءَ جو اعلان تڏهن ٿيندو جڏهن اسان جي شوٽنگ پوري ٿيندي. آئيڊينس پڻ شوٽنگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو حصو بڻبا.“

”گڏ، روٽي کاڌي اَٿوَ؟“ ”سر هاڻي کائينداسين.“ ”پوري يونٽ جو خيال رکجانءِ. کائڻ-پيئڻ ۾ ڪائي ڪسر نہ رهڻ گهرجي.“ ”نہ رهندي سر.“ ستيش موبائيل بند ڪئي ۽ پيئڻ کائڻ ۾ مشغول ٿي ويو. ڊرنڪ کانپوءِ ڊنر شروع ٿيو. ڊنر کان پوءِ ڪافي، آئيسڪريم جنهن جيڪي پسند ڪيو. ستيش راجيش کي اُٿي ئي رهڻ لاءِ چيو پر راجيش پنهنجي روم ۾ وڃڻ جي اجازت ورتي. ستيش کيس مانڊو اُتسو ۾ ۽ شوٽنگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ چيو. راجيش اِجازت وٺي سيني کي نمستي چئي موڪلائي پنهنجي روم ۾ موٽي ويو. ٿڪاوٽ سبب راجيش کي جلد ئي ننڊ اچي ويئي. صبوح جو جلد اُٿي پئدل ئي چشتي خان جي محل جو رخ ڪيائين. صبوح جو ستين لڳي تائين روم ۾ موٽي آيو. چانهہ گهرائي پيتائين. ڪجهہ دير ٻاهر وڃي پهاڙ ۽ گهاٽيءَ کي نهاريائين. روم ۾ واپس وڃي شيو ڪيائين ۽ بوٽ پالش ڪيائين. سنان ڪري تازو توانو ٿي ٻاهر نڪتو. لان تي ڪرسيءَ تي اچي ويٺو. ٻاهر سئلانين جي چهل پهل لڳي پيئي هئي. سڀ اڻڄاڻ چهرا هئا. هن سُڃاڻپ ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. پريوار سان گڏ آيل هڪ نينگر راجيش ڏانهن نهاري مسڪرائي ڏنو. راجيش ڪا موٽ نہ ڏنس. ڇوڪري هر هر ڏانهن ڏسي رهي هئي. راجيش ايترو بہ رُکو نہ هو. هن ڇوڪريءَ ڏانهن مسڪرائي ڏنو. ڇوڪريءَ کي لڳو ڄڻ مانڊوءَ جي ويرانيءَ ۾ کيس ڪوئي لڪل خزانو ملي ويو.

راجيش اُٿي بيٺو، روم ۾ وڃي دروازو اندران بند ڪيائين. ٻئي طرف دروازو لاڪ ڪري بائيڪ تي سوار ٿي مالوا رسورٽ ڏانهن روانو ٿيو. ستيش پنهنجي يونٽ سان شوٽنگ سائيٽ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃڻ لاءِ تيار بيٺو هو. راجيش کي ساڻ ڪٺي ستيش شوٽنگ لاءِ روانو ٿي ويو. شوٽنگ جي شروعات رام مندر کان ٿي. نائڪا مندر کان ٻاهر اچي رهي هئي، نائڪ مندر ۾ وڃي رهيو هو، ٻنهين جو اکيون چار ٿيون. ٻئي اڳتي وڌي ويا. راجيش کي لڳو سندس ڪهاڻي دهرائي ٿي وڃي.

ڪجهه دير بعد ٻنهين جو مُکاميلو جامي مسجد ۾ ٿو ٿئي. نائڪ جون نگاهون نائڪا جي چهري تي ٽڪي ٿيون وڃن. نائڪا ڪجهه مونجهارو ٿي محسوس ڪري ۽ اڳتي وڌي ٿي وڃي. نائڪ ٽڪڙا ٽڪڙا قدم کڻندو سندس ويجهو ٿو وڃي، ڪائنس سندس نالو ٿو پُڇي. حسينا چويس ٿي، ”روپمتي“ ۽ مسڪرائي ٿي. نوجوان چويس ٿو، ”آءٌ ٻاڻ کي باز بهادر سمجهان؟“ ”سمجهڻ سان ٻڻجي ويندين باز بهادر؟“

”نه توهان روپمتي آهيو ۽ نه آءٌ باز بهادر، پر اسين ٻئي اُنهن ٻنهين وانگر پريمي ته ٻڻجي ٿا سگهون نه؟“

”لڳي ٿو مانڊوءَ ۾ اچا به محبت جي هير وهي رهي آهي.“

”توهان جي باري ۾ ڄاڻي سگهان ٿي؟“ ”ايتري واقفيت ڪافي ناهي، ته آءٌ هڪ پريمي آهيان؟“

”ڪيئن چوان؟“

”ڪجهه چئه نه، محبت جي راهه ۾ اڳتي وڌندي هل. هل ته هلي ليڪ تي بوٽنگ ڪريون.“

”ڪٽ“ ڊئريڪٽر جو آواز گونجي ٿو. اڳلو سين بوٽ تي فلمايو ٿو وڃي. بوٽ ۾ ٻئي آمهون-سامهون ويٺا آهن، ٻئي چپ آهن. ٻنهين جو اکيون ٿيون ڳالهائين. ٻنهين جي اکين ۾ نينهن جو سنديش آهي. تڏهن ملاح هڪ گيت ٿو ڇيڙي، اُهو هڪ لوڪ گيت هو جنهن ۾ روپمتي ۽ باز بهادر جي محبت جي داستان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. گيت ٻنهين جي دلين ۾ سُرُور پيدا ڪري رهيو هو. نائڪا اُٿي نائڪ جي گود ۾ مٿو رکي ليٽي، اکيون ٻُوٽي ٿي ڇڏي. نائڪ سندس زلفن سان کيڏندو ٿو رهي.

گيت پورو ٿو ٿئي. ڪشتي ڪناري سان ٿي اچي لڳي. ٻئي پريمي اُن کان بيخبر محبت جي خمار ۾ مدهوش آهن. ايتري ۾ هڪ ٻيو جوڙو ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيڻ لاءِ ٿو اچي. ملاح کين منع ڪري ٿو ڇڏي. هوُ ٻن پريمين جي خمار ۾ خلل وجهڻ نٿو چاهي. تڏهن اچانڪ بادل مڙي ٿا اچن ۽ وسڻ ٿا لڳن. برسات جون بوندوُن سندن چهري تي ٿيون ڪِرن. ٻئي چرڪ ڀري اُٿن ٿا. ڊئريڪٽر جي آواز ٿو گونجي ڪٽ.

يونٽ جا ماڻهو پنهنجي پنهنجي هوٽل ۾ هليا ٿا وڃن. ستيش سنجنا ۽ گلشن کي سٺي ائڪٽنگ لاءِ ڪامپليمينٽ ٿو ڏئي. ٻئي ٿئنڪس ٿا چون. ستيش سروڻ ڪمار جي گروپ جي پڻ تعريف ٿو ڪري. چار ئي مسڪرائين ٿا. سڀ ڪافي پي ڪجهه دير آرام ٿا ڪن. راجيش ٻه پنهنجي روم ۾ هليو ٿو وڃي.

شام جو سڀ طيءِ وقت تي سماروهه گرائونڊ تي ٿا پهچن. سماروهه جامي مسجد جي ڀُنيان کُليءَ جڳهه تي رکيو ويو هو. ڪلاڪارن جي لاءِ اِسٽيج ٺاهي ويئي هئي. ڀُنيان پڙدي جي اوٽ ۾ ڪاسٽيوم ۽ ميڪ اَپ روم ٺاهيو ويو هو. اِسٽيج جي سامهون صوفا رکيل هئا اُتي وي. آءِ. پي. ماڻهن جي وهڻ جو اِنتظام ڪيو ويو هو. ڀُنيان درشڪن جي لاءِ قطارن ۾ ڪرسيون رکيل هيون. ستيش، راجيش ۽ سندس خاص ماڻهن جي لاءِ فرنٽ ۾ سيٽون رزرو رکيون ويون هيون. پروگرام شروع ٿيو. روايت موجب جوت ٻارڻ، خاص مهمان جو سواگت، تقريرون ۽ پوءِ شروع ٿيو گيت، نرتيه جو رنگارنگي پروگرام. انگوُري مکيه ڪلاڪار ۽ خاص اٽريڪشن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي جنهن کي ڏسي راجيش ڇرڪ ڀريو ۽ من ئي من ۾ بيحد خوش پڻ ٿيو. انگوُري ئي اُها حسينا هئي جنهن کي راجيش جامي مسجد ۾ تلاش ڪندو رهيو هو.

انگوُري ڍول ۽ لوڪل سازن تي نچي ڳائي رهي هئي. سندس نرتيہ ۾ لچڪ هئي، لئہ هئي، گيت ۾ مناس هئي، منت هئي، درد هو، دانهن هئي. اوچتو پريتم جي اچڻ سان خوشي ۽ خمار ڇانئجي ٿو وڃيس. انگوُريءَ جي نرتيہ جي رفتار تيز ٿي ويئي. سُرن جي برکا ٿيڻ لڳي. سندس ساٿي ڪلاڪار سندس پورو ساٿ ڏيڻ لڳا. انگوُريءَ جي ناچ ۽ سازن جي سنگيت ۾ جڻ چٽاڀيٽي شروع ٿي ويئي. چوڻ مشڪل هو ڪير اُٺويهون هو، ڪير ايڪويهون. راجيش تہ جڻ مدهوشيءَ ۾ عالم ۾ هو. انگوُريءَ جي پرفارمنس کان ٿوريءَ دير کان پوءِ سندس جڳهہ سنجنا ورتي. ساڳيا ڪاسٽيوم، ساڳيا ساز، ڪورس جا ڪلاڪار الڳہ هئا. گيت-سنگيت الڳہ هو. سنجنا جي پرفارمنس سان گڏ شوٽنگہ شروع ٿي ويئي. ڪجهہ دير کان پوءِ گلشن اِسٽيج تي آيو. گلشنن جي اينٽريءَ سان ئي نرتيہ گيت سنگيت جي لئہ ڌُن بدلجي ويئي. سنجنا بہ واهہ جو رنگہ ڄمايو. گيت نيلم لکيو هو، ڳايو هو رابيا، ساوڻ ۽ ڪورس. ڌُن تيار ڪئي هئي سروڻ ڪمار. ڪورس ۾ اُنسو وارا ڪلاڪار پڻ شامل هئا. رائوت نرتيہ گيت جو فلماڪن ڪندو رهيو. شوٽنگہ پوري ٿيڻ تي اُنسو پورو ٿيڻ جو اعلان ڪيو ويو. درشڪ دلين ۾ يادگار شام جي ياد سموهي موٽڻ لڳا.

ستيش آيوجڪن جا شڪرانا ادا ڪيا. پنهنجن ماڻهن سان گڏ مالوا رسورٽ موٽي آيو. باقي يونٽ جا ماڻهو ڪمل سان گڏ مالوا رٽريٽ هليا ويا. راجيش بہ ستيش سان گڏ ويو. هوُ پنهنجي من جي ڳالهہ پنهنجي پيءُ کي چوڻ چاهي پيو. هوٽل پهچي سڀ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيو تہ انگوُريءَ شاديءَ بعد پوريءَ طرح گهريلو عورت بڻجي رهي. اِنڪري راجيش چاهيو ٿي تہ ستيش انگوُريءَ کي فلم لاءِ سائين ڪري، اُن کان اڳ ئي هوُ پنهنجي منشا سندس اڳيان ظاهر ڪري.

راجيش بستري تان اُٿي هيٺ لٿو، سڌو باٿ روم ۾ هليو ويو. پوريءَ طرح تيار ٿي ٻاهر نڪتو. وار سنواري نئپڪن سان هٿ صاف ڪري ٻاهر لان ۾ هليو ويو. ٻاهر فقط ڪالهہ واري ڇوڪري ويٺي هئي. راجيش کي ڏسي مسڪرائڻ لڳي. هوءَ ٽڪٽڪي لڳائي راجيش جي روم جو دروازو کُلڻ جو اِنتظار ڪري رهي هئي. جيئن ئي راجيش ٻاهر آيو ڇوڪريءَ جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي. هن اڳتي وڌي راجيش کي وش ڪيو. هاءِ. راجيش سُٺي موڊ ۾ هو. ڇوڪريءَ کي گڊ مارننگ چئي کيڪاريائين. ڇوڪريءَ خوش ٿي چيس، ”ويري ويري گڊ مارننگ.“ راجيش چيس، ”چانهہ هلي؟“ ”بلڪل هلي.“ ڇوڪريءَ رضامندي ڏيکاري.

راجيش ويٽر کي سڏي بسلريءَ جي بوتل، ٽنس ڪيڪ سلائيس ۽ چانهہ جو آرڊر ڏنو. ويٽر آرڊر وٺي هليو ويو. ڇوڪريءَ پنهنجي واقفيت ڏني، ”منهنجو نالو للي آهي، للي آهوُجا. مون فئشن ڊزائيننگ ۾ ڊپلوما ڪيو آهي. اسين ڪار ويسٽ ممبئيءَ ۾ رهندا آهيون، هتي آءٌ پريوار سان گڏ آئي آهيان.“

راجيش پنهنجو نالو ٻڌايس ۽ ڇپائينس تہ ”سندس پتا فلم ميڪر آهي، هوُ پنهنجي يونٽ سان گڏ مانڊو شوٽنگ لاءِ آيل آهي. توهان جي اگر فلمن ۾ ڪم ڪرڻ جي خواهش هجي تہ هوُ ڪيس پنهنجي پتا سان ملائي سگهي ٿو.“

ڇوڪريءَ خوش ٿيندي چيو، ”سچي؟ اگر مونکي چانس ملي تہ آءٌ توهان جي شڪرگذار رهنديس. پوءِ تہ منهنجو مانڊو اچڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪي ٿيندو ۽ توهان سان ملاقات بہ يادگار رهندي.“

ويٽر آرڊر سروَ ڪري ويو. ٻنهين ڪيڪ ڪائي پاڻي پيتو. پوءِ نئس تي هٿ صاف ڪيائون. ڪيڪ ڪائي چانهہ پيتائون. ويٽر بل کڻي آيو. للي پرس کولڻ لڳي. راجيش بل سائين ڪري ويٽر کي ڏنو.

”اجهو ٿي اچان“، چئي للي پنهنجي روم ۾ ويئي. ڪجهہ ئي دير ۾ تيار ٿي واپس آئي.

راجيش ڪيس بائيڪ تي ويهاري مالوا رسورٽ وٺي ويو. سڄي وات للي ڳالهائيندي رهي. راجيش خاموشيءَ سان ٻُڌندو ۽ موٽرسائيڪل هلائيندو رهيو. هوٽل پهچي راجيش لليءَ سميت ستيش جي روم ۾ ويو. ستيش شوٽنگ جي باري ۾ سوچي رهيو هو. راجيش پيري پئي مليس. لليءَ نمستي ڪئي. ستيش ٻنهين کي ويهڻ لاءِ چيو. ڪرسيءَ تي ويهي راجيش ستيش کي چيو- ”ڊئڊي مون توهان کي ڊسٽرب تہ نہ ڪيو؟“

”بلڪل نہ.“ ستيش چيس.

راجيش ستيش کي لليءَ جي واقفيت ڏني ۽ چيائينس تہ ”للي فلمن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ خواهشمند آهي.“

ستيش هڪ نظر لليءَ تي وڌي. پوءِ راجيش کي چيائين، ”لليءَ جو پتو ۽ ڪانٽئڪ نمبر نوٽ ڪري ڪيس ڏئي. ضرورت پوڻ تي ڪيس ڪال ڪندو.“

لليءَ چيو، ”سر توهان جي مهرباني.“

ستيش مسڪرائي ڏانهنس ڏٺو. پوءِ راجيش کي چيائين. ”لليءَ لاءِ ڪجهہ گهرائي.“

راجيش چيس ”ٻئي هوٽل مان چانهہ پي آيا آهيون.“ ڪجهہ رُڪي راجيش ستيش کي چيو- ”ڊئڊي آءٌ اڪيلي ۾ ڪجهہ عرض



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ ٿو چاهيان.“

للِيءَ چيو ”آءٌ ٻاهر اِنتظار ٿي ڪريان.“هوءَ ٻاهر نڪري هلي ويئي.

ستيش پڇيس، ”للِيءَ جي باري ۾ ڪجهہ چوڻ ٿو چاهين؟“

”نہ ڊئڊ، آءٌ انگوُريءَ جي باري ۾ چوڻ ٿو چاهيان.“

ستيش عجب مان پُڇيس، ”ڇا ٿو ڳالهائڻ چاهين؟“

”توهان انگوُريءَ کي فلم لاءِ سائين نہ ڪريو. آءٌ ساڻس شادي ڪرڻ ٿو چاهيان.“

ستيش ڇرڪ پريو. ڪجهہ دير راجيش کي حيرانيءَ سان ڏسندو رهيو پوءِ پڇيائينس، ”شاديءَ سان سندس ڪيريئر جو ڪهڙو واسطو؟“

”آهي ڊئڊ، اسان جي گهر جون زائفون فلمن ۾ ڪم ڪن، سٺو نہ لڳندو.“

”تنهنجا دقيانوُسي ويچار ڪڏهن کان ٿي ويا؟ “

”ڊئڊي، اِهي دقيانوُسي ويچار نہ آهن، مميءَ بہ تہ شاديءَ کانپوءِ فلمن ۾ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو.“

”هن پنهنجي مرضيءَ سان ڪم ڪرڻ ڇڏيو هو. مون منع نہ ڪئي هئي مانس، بلڪ آءٌ تہ چاهيان پيو تہ هوءَ فلمن ۾ ڪم ڪري.“

راجيش خاموش رهيو.

”ڪڏهن ٿو ڪرين شادي؟“

”خبر ناهي، اڄ ساڻس ڳالهائيندس.“

”تعجب آهي، ڇوڪريءَ سان اڃا ڳالهايو ئي نہ اٿئي، ڇوڪري شاديءَ لاءِ تيار ٿئي بہ ٿي يا نہ، اگر ٿي اُن تي بندشون لڳائڻ ٿو چاهين؟ ڇاڻ بہ اَٿئي ٿون آهين ڇا؟ ڪجهہ ڏينهن اگر ڪجهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽيوالي جي نوڪريءَ لاءِ لکين اُميدوارن جي لائين لڳي هئي. اُن ۾ ڪيترا ايم. بي. اي. ۽ انجنيئر به هئا. انگوُري ڇا آهي، خبر اٿئي، هيرو آ هيرو. تراشڻ ڪانپوءِ سندس چمڪ ڪروڙين رپيا تي ويندي.''

راجيش جو ڪنڌ جهڪي ويو. ستيش چيس. ''آءٌ توکي ٻن ڏينهن جو وقت ٿو ڏيانءِ، اگر انگوُري تنهنجي شرطن تي توسان شاديءَ لاءِ تيار ٿي ٿي وڃي ته آءٌ ڪيس سائين نه ڪندس. هلان ٿو.'' چئي راجيش ٻاهر نڪري ويو.

لليءَ کي ساڻ وٺي هوٽل روپمتيءَ ڏانهن روانو ٿيو. سندس چهرو لٽڪيل هو. للي سندس حالت ڏسي چپ رهي، ڪجهه چيائين نه.

هوٽل پهچي بائڪ پارڪنگ ۾ بيهاريائين. للي موڪلائي پنهنجي روم ۾ هلي ويئي. راجيش روم ۾ وڃي بستري داخل ٿيو. راجيش جي من ۾ سوچ جو طوفان اُٿي رهيو هو. سندس ڪن ۾ ستيش جا لفظ گونجي رهيا هئا. انگوُري هيرو آ هيرو. تراشڻ ڪانپوءِ سندس قيمت ڪروڙن جي ٿي ويندي. مون جهڙا نوجوان ڊگري کڻي چپراسيءَ جي نوڪريءَ لاءِ لائين ۾ لڳا پيا آهن. راجيش سوچڻ لڳو- ڇا آءٌ واقعي ئي چپراسي ٿيڻ جي لائق آهيان؟ منهنجي سڄاڻپ فلمڪار ستيش جي پُٽ جي روپ ۾ آهي؟ منهنجي پنهنجي ڪائي سُڃاڻپ ناهي؟ آخر منهنجي حيثيت آهي ڇا؟ سوچي-سوچي راجيش جي دماغ جون نسون ڏُکڻ لڳيون. پنهنجو ڌيان ان سوچ تان هٽائڻ لاءِ اُٿي ٽي. وي. آن ڪيائين. ڪنن ۾ مڪيش جو آواز گونجڻ لڳس. 'تيري دنيان ۾ دل لگتا نهين واپس بُلا لي، مئن سجدي ۾ گرا هون، ائي مالڪ اُٺا لي.'

راجيش کي اِهو نراشاوادي گيت پسند نه آيو. هوُ چئنل بدلڻ وارو هو ته گانو پورو ٿي ويو. ٻيو گانو شروع ٿيو. 'مئن زندگي ڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سات نياڻا چلا گيا، هر فڪر ڪو دونهين ۾ اُڑاتا چلا گيا...' راجيش کي اِهو گانو پسند آيو. مٿي کي لوڏي سوچ جو غُبار هٽائي پري ڪيائين. گانو پورو ٿيڻ تي، ٽي. وي. آف ڪري روم مان نڪري لنچ لاءِ ريسٽورنٽ ۾ هليو ويو.

ريسٽورنٽ ۾ راجيش جي ملاقات للِيءَ سان ٿي. هن ڪيس ٻڌايو تہ هوءَ اڳلي ڏينهن پريوار سان گڏ واپس وڃي رهي آهي. هن منٿ ڪيس تہ اڄ جي شام هوءَ ساڻس گڏ گذاري. ڊنر بہ رات جو اُن سان گڏ ڪري. راجيش سندس وينتي قبول ڪئي. ٻنهين لنچ گڏجي ڪئي. للِيءَ کان موڪلائي هوُ پنهنجي روم ۾ آيو.

راجيش ستيش کي فون ڪري چيو تہ "هوُ ٻلي انگوُريءَ کي سائين ڪري. هاڻي سندس انگوُريءَ ۾ ڪائي دلچسپي نہ رهي هئي."

ستيش ٽوڪيس- "ڇا ڳالهہ آهي؟ انگوُر ڪٽا نڪتا ڇا؟"

"ڊئڊي، انگوُر چکيا ئي نہ تہ ڪيئن چوان تہ ڪٽا هئا يا مٺا. منهنجو في الحال شادي ڪرڻ جو ڪوئي اِرادو نہ آهي. پهريائين آءٌ پنهنجو ڪيريئر ٺاهڻ ٿو چاهيان ۽ ها ڊئڊي، آءٌ اَڄ ڊنر تي نہ اچي سگهندس."

"ناراض آهين؟"

"نہ ڊئڊي، اڄ آءٌ للِيءَ سان گڏ ڊنر ڪائيندس."

"اوهہ! تہ للِيءَ سان ملي ڪيريئر ٺاهڻ ٿو چاهين؟"

"ڊئڊي للِي منهنجي دوست آهي. سڀاڻي هوءَ واپس وڃي رهي آهي. اُن سان شام گڏ گذارڻ ۽ رات جو ڊنر گڏجي ڪرڻ جو ڪميٽمينٽ آهي.

"ماءِ سن، وش يوُ گڊ ڪمپني ائنڊ جوائفل ايوننگہ."

"ٿئنڪس ڊئڊ." راجيش موبائيل جو سئچ آف ڪيو. ٿورو آرام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ لاءِ هوُ بستري تي هليو ويو. ستيش انگوُريءَ کي سڏائي فلم ۾ ڪم ڪرڻ جو آفر ڏنو. انگوُريءَ آفر خوشيءَ سان قبول ڪيو.

ستيش چيس، ”مون سان گڏ ممبئيءَ هلڻو پوندوءِ، ڪيستائين هلي سگهندينءَ؟“

”جڏهن توهان چوندا.“ انگوُريءَ فورن جواب ڏنس.

ستيش سوچڻ لڳو- موجوده پروجيڪٽ پورا ڪرڻ ۾ لڳ ڀڳ ٽي مهنا لڳي ويندا، تيستائين انگوُريءَ جي ٽريننگ پوري ٿي ويندي. ان حالت ۾ اڳلو پروجيڪٽ جلد شروع ٿي سگهندو. اُتي هڪ ڏينهن جو ڪم باقي هو. اُن ڪان پوءِ پيڪ اَپ. هڪ هفتو هوُ اِنڊور پريوار سان گڏ گذارڻ پيو چاهي.

جيب مان هزار جا 10 نوٽ ڪڍي انگوُريءَ کي ڏيندي چيائين- ”هيءُ رک، وڃي تياري ڪر. منهنجو فون ايندءِ، پوءِ اِنڊور اچجانءِ تہ گڏجي ممبئيءَ هلنداسين. منهنجي اسسٽنٽ ڪمل وٽ وڃي ائگريمينٽ سائين ڪر. هوُ ٽي ٽوڪي جتي چاهيندينءَ، اُتي ڇڏيندو. اڄ ڪان وٺي تنهنجو نالو روپا آهي. پسند اٿئي؟“

”تمام سٺو آهي.“ ستيش فون ڪري ڪمل کي گهرايو. چيائينس، ”مس روپا اسان جي اڳليءَ فلم جي هيروئن آهي. ائگريمينٽ تيار ڪري سائين ڪرائينس. سندس ائڊريس ۽ ڪانٽئڪٽ نمبر پڻ نوٽ ڪر. پوءِ ڪجهہ ڪارائي پيئاري جتي چوئي اُتي پهچائيس.“

”يس سر“، چئي ڪمل روپا سان گڏ ٻاهر نڪري ويو.

شام جو للي راجيش وٽ آئي. راجيش ڪيس بائيڪ وٽ وٺي ويو، پڇيائينس، ”ڪيڏانهن هلون؟“

لليءَ چيس- ”جتي ڀيڙ ڀاڙ نہ هجي، شانت-ايڪانت جڳهہ هجي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ ويچار ڪري راجيش چيس- ”ويھہ نيل ڪنٺ تا هلون.“ راجيش بائيڪ اِسٽارٽ ڪئي، للي پٺئين سيٽ تي ويٺي. راجيش نيل ڪنٺ جو رُخ ڪيو.

نيل ڪنٺ مندر ۽ نيل ڪنٺ محل قدرتي سونهن جي وچ ۾ دلڪش جڳھہ آهي. هيءُ اِستان اونچن پهاڙن جي وچ ۾ گهريءَ گهاٽيءَ (واديءَ) جي ڪُنڊ تي ٺهيل آهي. برسات جي جي مؤسم ۾ قدرتي سونهن من کي موهي ڇڏيندي آهي. چوڌاري ساوڪ، اونچا درخت، آبشار، هيٺ ترائيءَ ۾ سرسبز کيتن، تلاون جي وچ ۾ ڇڊي آبادي، پري هئڻ سبب شام جي وقت گهٽ ماڻهو ايندا آهن. ايڪانت ۽ شانتي-سڪُون بخش هوندي آهي.

راجيش محل وٽ اچي موٽرسائيڪل روڪي. محل ڪنڊهر تي چڪو هو، پر قدرت جي سونهن نت نئين هئي. ٻئي بائيڪ تان لهي محل جي اندر اَهڙي جڳھہ تي اچي ويٺا جتان سرسبز وادي دلڪش لڳي رهي هئي. ڪجھہ دير دلڪش منظر کي نهاري ٻئي اُن جڳھہ تي آيا جتي هڪ جهروڪي جي ٻنهين پاسي ويهڻ جي ٻئنهي نُما جڳھہ ٺهيل هئي. لليءَ راجيش کي اُتي ويهڻ لاءِ چيو. راجيش جي ويهڻ ڪانپوءِ پاڻ سندس گود ۾ متو رکي اڌ ليٽيءَ جيان ليٽي پيئي. اکيون ٻُوٽي ڇڏيائين. راجيش جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليائين. راجيش نروڪار ڀاو سان لليءَ جي چهري کي تڪيندو رهيو. للي ڪنهن ٻئي جهان ۾ پهچي ويئي هئي. سندس دل ڌڙڪي رهي هئي، ساهہ کڇي رهيو هوس، پر هوءَ ڪٿي آهي، اُن کان بيخبر هئي.

للي بيحد معصوم لڳي رهي هئي. راجيش لليءَ جي وارن ۾ آڱريون ڦيري سندس وارن کي سهلائي رهيو هو. شام موڪلائي رهي هئي، روشني گهٽبي پئي ويئي. راجيش لليءَ جي وارن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي چِپَ کي ڇڪي ڏيري سان پُڇيو- ”هلون؟“

لليءَ ڪوئي جواب نہ ڏنو. راجيش سندس ڪاڏي پڪڙي لوڏي تہ للي ڇرڪ ڀري اُٿي ويهي رهي. راجيش پُڇيس- ”هلون؟“

”ايترو جلدي؟ اچا هاڻي تہ آيا آهيون.“ لليءَ معصوميت سان چيس.

راجيش جهروڪي جي ٻاهر اِشارو ڪري چيس- ”هوڏانهن ڏس، سج لهي چڪو آهي، سنجها جي ويلا آهي.“

لليءَ ڏنو، گهاٽيءَ ۾ اندرو ڇانئڻ لڳو هو. للي اُٿي ڪڙي ٿي. ٻئي ٻاهر بائيڪ وٽ آيا. ٻئي بائيڪ تي ويهي هوٽل طرف روانا ٿيا. هوٽل پهچي ٻئي پنهنجي پنهنجي ڪمري ۾ ويا. راجيش ڪمري جي ٽيوب لائيٽ ٻاري پلنگہ تي ٽيڪ لڳائي ويهي رهيو. راجيش سوچڻ لڳو- اَڄ لليءَ سان گڏ ڏينهن سُنو ڪٽيو. سياڻي هوءَ هلي ويندي. پوءِ؟ پوءِ ڇا؟ سڄي عمر ڪنهن جي سهاري جي ضرورت پوندي؟ پنهنجي ٻوتي تي نٿو رهي سگهجي؟ اِئين پنهنجي حيثيت نهندي؟ راجيش سِر کي جهٽڪو ڏيئي چيو-نہ.

راجيش اُٿي ٻاهر لان ۾ هڪ جڳهہ تي وڃي ويهي رهيو. ڪجهہ دير بعد للي اُٿي آئي. هڪ ڪُرسي گهليندي آئي. راجيش جي ڀرسان اچي ويهي رهي. راجيش جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي چوڻ لڳي- ”راجيش آءٌ سياڻي هلي ويندس، وري ڪڏهن ملڻ ٿيندو؟“

راجيش محڪم اِرادي سان چيس- ”للي آءٌ توکي پنهنجو دوست ٿو سمجهان، تون بہ مونکي پنهنجو دوست سمجهہ، ان کان وڌيڪ جي اُميد نہ رکجانءِ.“

للي ڪاتر نگاهن سان راجيش ڏانهن ڏسڻ لڳي. ڪجهہ چپائين نہ. راجيش جو هٿ اڃا بہ لليءَ جي هٿ ۾ هو. راجيش هٿ ڇڏائڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪوشش نہ ڪئي. للِيءَ جُهڪي راجيش جو هٿ چُميو. گرم جل جون ٻہ ٻُوندون راجيش جي هٿ تي اچي ڪريون. راجيش چرڪ ڀريو. ٻنهين هٿن ۾ للِيءَ جو چهرو جهلي مٿي ڪٽي چپائينس-''روئي رهي آهين پڳلي؟''

''دوست جي وڇوڙي جو ٻہ تہ ڏُڪہ ٿيندو آهي نہ؟''

''ڪامنا ٿو ڪريان جلد توکي من جو ميت ملي، جيڪو توکي هردم خوش رکي. تازي ٽڙيل رابيل جيان ٽهڪندي رهين.''

للِيءَ پنهنجو چهرو راجيش جي سيني ۾ لڪائي ڇڏيو. راجيش سندس وارن تي هٿ ڦيريندي چيو- ''ڊنر ريسٽورنٽ ۾ هلي کائون يا هتي گُهرايان؟''

للِيءَ چيو- ''مونکي بُکہ نہ آهي.''

''ڪمال آهي، مونکي ڊنر تي انوائيٽ ڪري چئين ٿي بُکہ نہ آهي؟ تون نہ کائيندينءَ تہ آءٌ بہ بُکيو رهجي ويندس. مونکي تہ بُکہ لڳي آهي.''

للِيءَ چيس- ''هڪ شرط تي کائيندس، اڄ بل آءٌ ڏيندس.''

''سو تہ توکي ئي ڀرڻو پوندو، تون ميزبان آهين آءٌ مهمان.''

راجيش جيب مان پرس ڪڍي للِيءَ کي هٿ ۾ ڏيندي چيو. ''سياڻي تون هلي ويندين، هيءُ منهنجي طرفان گفٽ اٿئي.''

للِي راجيش جو چهرو تڪڻ لڳي. راجيش چيس- ''ڏسين ڇا ٿي؟ جلدي ويٽر کي سڏي آرڊر ڏيس، ڏاڍي بُک لڳي آهي.''

للِيءَ ويٽر کي سڏي آرڊر ڏنو. ويٽر وڇڙ ٽيبل لڳائي ويو. ٻنهين اُتي ويهي ڊنر کاڌو. ڊنر کان فارغ ٿي، للِيءَ راجيش کي چيو، ''هل تہ جهاز محل هلون، اُتي هلي ڪپور تلاو جي باغيچي ۾ هلي ٿا ويهون.''

''هن وقت اُتي ڪير وڃڻ ڏيندو؟''



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اُتي انڪل شوٽنگ ڪري رهيا آهن، اسان کي ڪير روڪيندو؟“

”هڪ ڳالهه ٻڌاءِ، تون مون سان گڏ ويهين ٿي، ڳهمين ڦرين ٿي، تنهنجا پيءُ-ماءُ توکي روڪن-ٽوڪن نٿا؟“

”نٿا روڪن، خبر اٿئي ڇو؟ “

”ڇو نٿا روڪن؟“

”هوُ سوچين ٿا آءٌ مرغو ڦاسائي رهي آهيان.“ ايترو چئي لليِ ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳي. راجيش به مسڪرائڻ لڳو.

پوُرڻماسيءَ جي رات هئي. جهاز محل ۾ ڪپور تللوَ چانڊنيءَ ۾ وهنجي ٻهڪي رهيا هئا. ڪپور تللوَ ۾ چنڊ پنهنجو چهرو ڏسي بانورو ٿي رهيو هو. ايتري ۾ هڪ شرمائي بدليءَ چندرما جو مُکڙو چُمي پنهنجي ڇاتيءَ ۾ لڪائي ڇڏيو. چندرما ڦٽڪي ڦٽڪي پاڻ کي بدليءَ جي ٻنڌن مان آزاد ڪيو. شوٽنگ پوري ٿي چڪي هئي. يونٽ جا سڀ ڪلاڪار ۽ ٽيڪنيشين وڃي چڪا هئا. سنجنا اڃا اُتي ٻئنچ تي ويٺي هئي. هوءَ سوچي رهي هئي، اڳليءَ فلم ۾ ستيش انگوُريءَ کي سائين ڪري اِشارو ڪيو آهي ته هاڻي ڪيس فلمن مان سنياس وٺڻ گهرجي. فلاپ ٿي هتڻ بجاءِ چوٽيءَ تي رهندي هٽي وڃي. هوءَ سوچي رهي هئي، شادي ڪري سيٽل ٿي وڃڻ گهرجي. شادي؟ مگر ڪنهن سان؟ وڪيل؟ دير رات تائين قانون جي ڪتابن ۾ مٿو کپائيندو رهندو. ڪنهن اپراڌيءَ کي سزا ڏياريندو ته دشمني خريد ڪندو. اگر اپراڌي کي بچايائين ته خود اپراڌي بڻجي ويندو. نه بابا نه، وڪيل نه هلندو. ڊاڪٽر؟ چوويهن ڪلاڪن جي ڊيوٽي. بستري ۾ لڪو ويٺو هوندو، ڪنهن مريض جي فون ايندس اُٺي ڀڄندو. ڊاڪٽر به نه. نيتا؟ ڀروسي جي قابل ٿي نه. فلم لائين جو ته بلڪل نه. ڪوئي ڊنڊوڙي يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُڏيوگپتي؟ 40-38 سالن جو ڪير ڪنوارو ويٺو هوندو؟ يا تہ رنڙ هوندو يا طلاق شده. سيڪنڊ هئنڊ ڪيئن هلندو؟ اوهہ ماءِ ڳالهہ آهي، چا سوچي رهي آهيان؟ پر حقيقت تہ حقيقت آهي. مون کي 5-7 سال اڳہ شادي ڪرڻ کپندي هئي. هاڻي ڇا ڪريان؟ سڄاتا ۽ سُنيتا ديديءَ جي شرڻ ۾ تي وڃان. اُهي ئي ڪوئي رستو ٻڌائيندديون. ستيش سان گڏ اِندور وڃڻ جو طيءِ ڪري اُٿي کڙي ٿي.

راجيش ۽ للي اڄا بہ اُٿي جميا وينا هئا. گارڊ اچي عرض ڪين تہ گيٽ بند ڪرڻو آهي. ٻئي اُٿي کڙا ٿيا. صبوح جو راجيش دير سان اُٿيو. رات جو دير سان سُمهيو هو. هوُ سڌو باٿ روم ۾ ويو. پوريءَ طرح تيار ٿي ٻاهر نڪتو. هوُ وار سنواري رهيو هو، تڏهن سندس موبائيل جو رِنگہ ٽون وڳو. فون ستيش ڪيو هو. فون آن ڪري چيائين- ”ييس پاپا؟“

”ڇا اَڄئي پروگرام ؟“

”اَڄ ئي بائيڪ تي اِندور لاءِ نڪران ٿو.“

”هڪ ڏينهن ترس سياڻي گڏجي نڪرنداسين.“

”پاپا، توهان اِئين بہ ڪار ۾ نڪرندا، آءٌ تہ بائيڪ تي نڪرندس.“

”چڱو لگيج چِڏي وڃ. ڪمفرٽيبل ٿي وڃي سگهندين.“

”لگيج ڪوئي خاص نہ آهي، هڪ ڪِٽ آهي پُنيان لٽڪائي نڪري ويندس.“

”پئسا کپني؟“

”نو ٿئنڪس.“

راجيش سامان سميٽڻ شروع ڪيو. لگيج پئڪ ڪري هوُ ٻاهر نڪري آيو. ڪجهہ فاصلي تي للي بيٺي هئي. قريب وڃي راجيش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇيس- ”اچا نڪتا نہ آهيو توهان؟“

”بس ٿوريءَ دير ۾ نڪرنداسين.“

”تنهنجي ماتا-پتا کي افسوس تہ ٿيو هوندو؟“

”ڪهڙيءَ ڳالهہ جو؟“

”ان جو تہ مرغو حلال نہ ٿيو.“

لليءَ مسڪرائي نظرون جهڪائي ڇڏيون. راجيش پڇيس- ”چانهہ هلندي؟“

لليءَ چيس- ”هلندي ليڪن نيرن جي مٿان.“

هل ريسٽورنٽ ۾ ٽا هلون. ٻئي ريسٽورن ۾ وڃي ويٺا. نيرن ۽ چانهہ مان فارغ ٿي ٻاهر نڪتا. راجيش رسيپشن تي وڃي بل تيار ڪرڻ لاءِ چيو. ڪافي رقم ائڊوانس جمع ڪري رکي هئائين. حساب ٿيڻ ڪان پوءِ رسيد سان گڏ ساڍي پنج سؤ رفنڊ مليس. 50 رپيا ويٽر کي ڏيئي 500 رپيا جيب حوالي ڪيائين. اُتان روم ۾ وڃي لليءَ وارن جي وڃڻ جو اِنتظار ڪرڻ لڳو. ٿوريءَ دير ڪانپوءِ للي موڪلائڻ آيس. راجيش چيس- ”آءٌ بہ نڪرڻ لاءِ تيار ويٺو آهيان“

لليءَ وارن جي ڊرائيور ڪار اِسٽارٽ ڪئي. راجيش بائيڪ تي. ڪجهہ فاصلي تائين رستو ٻنهين جو ساڳيو هو. اڳتي هلي ڪري لليءَ وارن جو رستو گجريءَ طرف ٿي مُڙيو، راجيش جو مانپور طرف. ڪامن رستي تائين للي راجيش سان گڏ بائيڪ تي ويٺي. اڳتي هلي ڪار گجريءَ جي رستي تي مُڙي-راجيش بائيڪ روڪي.

لليءَ چيس، ”تون بہ هن روڊ تان هل نہ، گجريءَ ڪان اِندور طرف مُڙجانءِ.“ راجيش بائيڪ اِسٽارٽ ڪري ڪار جي اڳيان آندي. ڊرائيور ڪار اِسٽارٽ ڪئي ۽ بائيڪ جي پُٺيان هلڻ لڳو. گجريءَ ۾ للي بايئڪ تان هيٺ لهي راجيش ڪان پڇيو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ممبئيءَ ڪڏهن ايندين؟“

راجيس چيس- ”في الحال ڪوئي پروگرام نہ آهي.“

”اِندور هلڻ جي بہ تہ صلاح نٿو ڪرين؟“

”ڪوڙيءَ صلاح مان ڪهڙو فائدو؟“

للِي وڃي ڪار ۾ ويٺي. ڪار هاءِ وي تي ڏکڻ طرف وڌي. راجيش بائيڪ کي آپوزٽ ڊئريڪشن ۾ ڊوڙايو.

گهر پهچي راجيش سڌو سُنيتا وٽ ويو. وڃي پيري پيس. سُنيتا بانهن ۾ ڀري مٿو چُميس. ستيش لاءِ پُڇيائينس. راجيش ٻُڌايس تہ هوُ اڳلي ڏينهن ايندا. اُتان تي هوُ سُڄاتا وٽ ويو. سنيتا راجيش جي يشوڌا ماتا هئي، تہ سُڄاتا ديوڪي ماتا. سُڄاتا ڳلي لڳائي ڍير سارو پيار ڪيس. اُتان تي راجيش پنهنجي روم ۾ ويو. باٿ روم ۾ وڃي ڪپڙا بدليائين. هوُ خود کي فريش محسوس ڪرڻ لڳو. راجيش اُهو ڏينهن گهر ۾ آرام ۾ گذاريو.

ٻئي ڏينهن تي ستيش گهر پهتو تہ سنجنا ڪار مان لهي سڌو سُڄاتا وٽ وڃي سُڄاتا سان لپٽي ويئي. ستيش سُنيتا وٽ هليو ويو. سنجنا سُڄاتا سان ڳالهيون ڪندي رهي. چانهہ جي چُسڪي وٺي سنجنا سُڄاتا کي چيو. ”آءٌ فلم انڊسٽريءَ کي الوداع ڪري گهر وسائڻ تي چاهيان.“

سُڄاتا چيس، ”اِها تہ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي.“

سنجنا پنهنجي پريشاني ٻُڌايس.

سُڄاتا کلي ڪري چيس، ”ڪهڙي زماني جي تي ڳالهہ ڪرين؟ اڄ ڪلهہ جا ڇوڪرا ڪيريئر ناهڻ جي چڪر ۾ وڏي عمر تائين شادي نٿا ڪن.“

”ديدي آءٌ ڪيئن اُنهن تائين پهچان؟“

”سنجو مايانگري اُفواهن جي نگري آهي. تون بہ ڪنهن نموني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِها خبر اُڏاءِ تہ تون شادي ڪرڻ ٿي چاهين. اُميدوارن جي لائين لڳي ويندءِ. اُنهن مان ڪنهن کي پسند ڪري پلئہ اٽڪجانءِ.``

”ديدي، يوُ آر گريٽ، منٽن ۾ منهنجي پرابلم آسان ڪري ڇڏيئہ. پر ديدي، آءٌ اناڙي آهيان. آءٌ مردن جي فطرت کان اَڻواقف آهيان. توهان ۽ سُنيتا ديدي منهنجي لاءِ ور چونڊجو.``

رات جو سنجنا سُڄاتا سان گڏ سندس روم ۾ رُڪي. ستيش سُنيتا سان گڏ. سنجنا ٻئي ڏينهن تي وڃڻ ٿي چاهيو مگر سُڄاتا وڃڻ نہ ڏنس.

راجيش سيريسلي پنهنجي ڪيريئر جي بابت سوچڻ لڳو. هوُ ڪجهہ بہ پنهنجي ٻوُتي تي ڪرڻ پيو چاهي، بنا پيءُ کان ڪائي مدد وٺڻ جي. هوُ پنهنجي ڪمري ۾ سوچ ۾ غلطان ويٺو هو. سُنيتا اُتي آئي. مٿي تي هٿ ڦيري پُڇيائينس- ”ڇا ٿو ويٺو سوچين؟``

”اَمڙ، آءٌ پنهنجي ڪيريئر جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان.``

”ان ۾ سوچڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ توکي سڀ سهوليتون ميسر آهن، جيڪي ڪرڻ چاهين ڪري سگهين ٿو.``

”ماتا، آءٌ نوڪري ڪرڻ نٿو چاهيان، ڏنڌي جو مونکي ڏانءُ ڪونهي.``

”تہ پوءِ تون پيءُ سان جُڙي وڃ. پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟``

”ممي، آءٌ پاپا کان ڪائي مدد وٺڻ نٿو چاهيان. آءٌ پنهنجي بل بوتي تي ڪجهہ ڪرڻ ٿو چاهيان. ڪجهہ بڻجڻ ٿو چاهيان.``

”ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ هنن سان ڪائي چٹہ آک ٿي اٿئي؟``

”نہ مام، آءٌ پنهنجي سُڃاڻپ خود بڻائڻ ٿو چاهيان.``

”ان لاءِ بہ تو لاءِ تنهنجي پيءُ جو پيشو ئي ڪارگر ثابت ٿيندو. ان لاءِ ڪوشش ڪر، محنت ڪر، طوفيق حاصل ڪر، اڳتي وڌ.``



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اوهہ مام،يوُ آر گريٽ، تو مونکي راهہ ڏيکاري. آءٌ اُن راهہ تي ئي اڳتي وڌندس.“

بہ ڏينهن اندور رُڪي سنجنا ممبئيءَ رواني ٿي ويئي. رات جو ستيش جو سُجاتا سان ايڪانت ۾ ملڻ ٿيو. سُجاتا ستيش کان پُڇيو. ”راجيش جي باري ۾ ڇا سوچيو اٿوَ؟“

”ستيش پُڇيس- ڇا بابت؟“

”سندس آئيندهہ بابت، سندس مڱڻي شاديءَ بابت؟“

”راجيش هاڻي ڪوئي ڪير پيئاڪ ٻار ڪونهي جو اُن جي باري ۾ سوچيون، ڪيس آڱر پڪڙي هلايون. هوُ تعليم يافت آهي، نوجوان آهي، پنهنجو آئيندهہ بہ خود ئي ناهيندو. ها شادي ڪرڻ چاهيائين ٿي، هڪ آديواسي ڇوڪريءَ سان، اُن کي باندي بڻائي گهر ۾ قيد ڪري رکڻ ٿي چاهيائين. مون ڪيس ٽوڪيو. شايد ڪيس بُرو لڳو. هوٽل پهچي فون ڪري ٻڌايائين، في الحال سندس شادي ڪرڻ جو ارادو ناهي. پهريائين هوُ پنهنجو ڪيريئر ناهڻ ٿو چاهي- تون راجيش جي چنتا ڇڏ، پنهنجي باري ۾ سوچ.“

”پنهنجي باري ۾ تہ نہ، توهان جي باري ۾ سوچيان ٿي.“ سُجاتا هٿ وڌائي لائيٽ آف ڪئي، بستري تي سُري ستيش سان لپٽي ويئي.

راجيش ستيش جي نجي لائبرري ۾ ويو. الماڙيءَ مان اِسڪرپٽ، رائيٽنگ، ايڊيٽنگ ۽ فلم ڊئريڪشن سان واسطو رکندڙ ڪتاب چونڊي الڳ ڪيائين. اُنهن مان بہ کهاڻي ۽ اِسڪرپٽ رائيٽنگ جو ڪتاب الڳ ڪيائين. هوُ گنڀيرتا سان ڪتاب پڙهڻ لڳو ۽ نوٽس بہ وٺندو رهيو. اِئين بہ هاڻي اِهي ڪتاب ستيش جي ڪم جا نہ هئا. راجيش هڪ هڪ ڪري سڀ ڪتاب پڙهڻ لڳو. اُنهن کي سمجهڻ لڳو، ڪم جون ڳالهيون نوٽ ڪندو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستيش هڪ هفتو اِندور رُڪي، روُپا ڪي گهرائي، اُن سان گڏ ممبئيءَ روانو ٿي ويو. ڪيس ائڪٽنگ اِسڪول ۾ ڀرتي ڪرايائين. سندس للجنگ، بورڊنگ جو اِنتظام پڻ اُتي ئي ڪيائين.

راجيش پنهنجي تياريءَ ۾ لڳي ويو، ڪتابن کان سواءِ ڪجهه پُراڻين فلمن جون سي. ڊي. هلائي اُنهن مان بہ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لڳو. خاص طور سان ڊئريڪشن جون باريڪيون سکڻ لڳو. هوُ پوريءَ تياريءَ سان فلم ميڪنگ ۾ لهڻ پيو چاهي.

سنجنا کي سُڃاتا جي ترڪيب ڪم اچي ويئي. ڪيس ڀتو فائدو ٿيو. هڪ تہ سندس فلمن مان سنياس جي باري ۾ ڄاڻي ڪيترا پروڊيوسر، ڊئريڪٽر اُن وت آفر کڻي پهچڻ لڳا، جن کي هن آسري ۾ رکيو. پيو ڪيس شاديءَ جا پرستاوَ اچڻ لڳا. اُنهن مان سنجنا پاڻ کان 5 سال ننڍي نوجوان اُديوگپتيءَ کي چونڊيو. ڪيريئر جي بُلنديءَ تي شادي ڪري فلم اِنڊسٽريءَ کي الوداع ڪري ويئي.

راجيش هڪ مهنو تياريءَ ۾ لڳايو. اُن کانپوءِ هن فيلڊ ۾ لهڻ جو فيصلو ڪيو. هوُ سوچڻ لڳو تہ هوُ ستيش وانگر وڏي بجيٽ جي فلم نہ ناهيندو. وسيلن هٿ ڪرڻ جي هن جي پنهنجي لمٿ هئي. هوُ نہ پيءُ کان ڪائي مدد وٺڻ پيو چاهي نہ سندس نالو اِستعمال ڪرڻ پيو چاهي. اَهڙيءَ حالت ۾ ڪير سندس پروسو ڪندو ۽ فلم لاءِ ڏن لڳائيندو. راجيش طيءِ ڪيو تہ هوُ بلڪل گهٽ بجيٽ واري فلم ناهيندو. پنهنجو محنتاڻو بہ پوءِ وٺندو. سنگيت ڪمارس جي ٽيم کان وٺندو. اُنهن کي بہ محنتاڻو پوءِ ڏيندو. باقي خرچ لاءِ رقم پروڊيوسر کان وٺندو. ڪاسٽ بہ نئين هوندي، اُنهن جو محنتاڻو بہ محدود هوندو. راجيش جي تلاش انگوُريءَ کان بہ وڌيڪ خوبصورت ۽ نشيلي نيڻ نقش واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوڪريءَ جي هئي. جنهن کي هوءَ هيروئن بڻائڻ پيو چاهي. هيروئن کي ڌيان ۾ رکي اِسٽوري لکڻ پيو چاهي. ڪهاڻيءَ جو بئڪ گرائونڊ آديواسي ديهاتي علائقو هوندو. هوءَ ڊالر سئنيما بجاءِ پارٽيہ درشڪن لاءِ چلر سئنيما ناهڻ پيو چاهي. هوءَ فلمن جي موجودھ ٽرينڊ کي بدلڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪندو تڏهن سندس سچاٽپ بڻبي. راجيش ڪهاڻيءَ جي بئڪ گرائونڊ لاءِ مڏيہ پرديش جا چار ضلع چونڊيا. ڌار، جهابوئا، اليراجپور ۽ نماڙ (کرگون) اُن مان بہ ڪجهہ هن حصا چونڊيا. ڌار، باگ، ڪڪشي، مانڊو، ڏرمپوري، راڻاپور، جوبٽ، نانپور، اليراجپور، انجڙ، ڪُنئا، پانسيمل، سينڌوا، بشنان ۽ پيڪنگانو وغيره.

راجيش اُنهن جڳهن تي وڃي اُتان جي پيل رهواسين سان ملڻ، اُنهن جي پکن کي ڏسڻ، سندن بولي، ڳالهائڻ جو لهجو، کاڌو-پيتو، سندن ريتيون رواج وغيره جو گهرو اڀياس ڪرڻ جو سوچيو. انهن علائقن ۾ ڪيترائي جرائم پيشي وارا خطرناڪ باشندا رهندا هئا. جن لاءِ راهزني، ڦرلُٽ، مار ڪُٽ معمولي ڳالهہ هئي. راجيش رسڪ کڻڻ لاءِ تيار ٿي ويو. راجيش ڏينهن جو ديهاتي علائقي ۾ وڃي شام جو موٽ ڪائي ڌار، اليراجپور، بڙواني ۽ کرگون ۾ رڪڻ جو طيءِ ڪيو. هڪ دوست جي مدد سن هڪ ناميارِيءَ روزاني اخبار جي فوٽوگرافر رپورٽر جو سچاٽپ جو ڪارڊ ٺهرايو.

راجيش بہ چار هلڪا وڳا، هڪ ڀُنيان لٽڪائڻ واري ڪِٽ، ڪجهہ ضروري سامان، نوٽ بوڪ، ڊجيٽل ڪئميرا، آئڊنٽي ڪارڊ وغيره ڪِٽ ۾ وجهي تياري ڪئي. بائيڪ جي ڀُنيان پترڪار لکايائين. بائيڪ کڻي نڪري پيو. راجيش ديهاتن ۾ وڃي ماڻهن سان ملڻ لڳو. اُنهن جون تڪليفون، دکہ درد ڇاڻائين، ڪيترِيون ڳالهيون نوٽ ڪندو ويو. فوٽا ور تائين. هيروئن جي تلاش بہ ڪندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو. ڪٽي شوٽنگ ڪرڻي آهي اُنهن جڳهين کي نوٽ ڪيائين. چهرا ڪيئي ڏٺائين، من موافق ڪوئي نہ مليس. هڪ هفتي جي خاڪ ڇاڻي، لڳ لتا ميرا، ملين چهرو ڪٽي گهر موٽيو. پهرياڻين روم ۾ وڃي شيو ڪري سنان ڪري ڪپڙا بدلي پنهنجو حُليو نيڪ ڪيائين. هلڪو ناشتو ڪري چانهہ پيتائين. اُن ڪان پوءِ ديهاتن وٽان جيڪي شڪايتون مليون هيس ۽ جيڪي اکين سان ڏٺو هئائين ۽ ڪئميرا ۾ قيد ڪيو هئائين، سا رپورٽ ناهي ڪجهہ فوٽوگرافس سميت اُن اخبار کي موڪليائين، جنهن جو عيوضي بڻجي ويو هو. اخبار اُهو سماچار شدت سان ڇاپيو، فوٽو پڻ ڇاپيائين. خبر ڇپجڻ ڪانپوءِ سياسي ۽ سرڪاري حلقن ۾ بي چئني ڦهلجي ويئي. نوڪرشاهن ۾ ترٿلو مچي ويو. ڊئميج ڪنٽرول ۾ لڳي ويا.

آديواسين جو ڀڳوريا تيوهار اچڻ وارو هو. هوليءَ جهڙو اُتسو، ٽن چئن چونڊ جڳهين تي ٿي ملهائيندا آهن. سيڪڙن جي تعداد ۾ نوجوان نر-ناريون، ڪُنوارا-ڪُنواريون، نشي ۾ مدمست ٿي جلوس جي صورت ۾ نچندا ڳائيندا نڪرندا آهن. اِهو منظر ڏسڻ لاءِ هزارن جي تعداد ۾ تماشبين گڏ ٿيندا آهن. اُن اُتسو جي خاصيت اِها آهي تہ جنهن جوڙي جون اکيون مليون، ڀڄي ويندا آهن. هڪ رات گڏ گذاري موٽي ايندا آهن. اِهو شاديءَ جو هڪ طريقو آهي. سندن مائٽ اِن رشتي کي منظوري ڏيندا آهن.

ڪنهن راجيش کي سمجهايو تہ انهن ميلن ۾ وڃي سندس تلاش پوري ٿي سگهي ٿي. ڀڳوريا هڪ طرح سان آديواسين جو پريچيہ سميلن ۽ سموهہ لڳن اُتسوَ بہ سمجهيو ويندو آهي. ڇوڪرو ڇوڪريءَ کي ڀڄائي ويندو آهي. شايد اِنڪري اُن جو نالو ڀڳوريا پيو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجيش راڻاپور، اليراجپور، سينڌوا جي ڀڳوريا مان ٿي آيو. سندس تلاش پوري نہ ٿي. هاڻي باقي ڀيڪنگانو جو ڀڳوريو بچيو هو. مقرر ڏينهن تي راجيش ڀيڪنگانو پهتو. شام جو وقت هو. ڀڳوريا اُتسو پنهنجي شباب تي هو. بي تهاشا ڀيڙ هئي. راجيش بائيڪ پارڪ ڪئي. ڀيڙ کي چيري اندر گهرندو ويو. آخر اُن جڳهہ تي پهتو جتان ڀڳورين کي ڇڪڻ طرح ڏسي سگهيو ٿي ۽ سندن فوٽا ڪڍي سگهيو ٿي. سندس نظر هڪ ڇهري تي ٽڪي ويئي. جوانيءَ جي بوجهہ سان ڏبيل قوهہ جوان ڇوڪري هئي. انگہ-انگہ نشيلو هئس. پوري جو پورو مئخانو ٿي لڳي. خوب پيِ رکيو هئائين. مدمست ٿي نچي ڳائي رهي هئي. سندس ناچ ۽ گاني ۾ لئہ تال هئي. دهل جي ڏونڪي تي نچي ڏسڻ وارنجا هوش اُڏائي رهي هئي. راجيش کي بہ خُمار چڙهڻ لڳو. پر پاڻ کي سنڀالي، ڪئميرا جو فوڪس اُن مئخاني تي ڪري ڪلڪ ڪري رهيو هو. الڳہ الڳہ اينگل تان سندس فوٽا ڪينچيندو رهيو. اُن حسينا جو ڌيان راجيش ڏانهن ويو. بانڪو جوان لڳس- ڦيرا پائي بار-بار راجيش کي ڏسڻ لڳي.

آخر رهيو نہ ٿيس، آڱر جي اِشاري سان راجيش کي سڏيائين،. راجيش کي بہ موقعي جي تلاش هئي. ساڻس ملي واقفيت ڪرڻ ۽ ڪيس هيروئن جي آفر ڏيڻ جي. هوُ ڀيڙ کي چيريندو حسينا وٽ پهتو. تماشبين حيرت مان ڪيس ڏسڻ لڳا. راجيش اُن ڇوڪريءَ وٽ پهتو. هوءَ ڦيرا پائي نچندي رهي. راجيش کي اُن سان ڳالهائڻ لاءِ ڦيرا پائڻا پئي پيا. لڳہ ڀڳہ نچڻ واري حالت بڻجي ويس.

آخر ڇوڪريءَ پڇيس- ”منهنجا فوٽا ڇو ٿو ڪينچين؟“

راجيش چيس- ”سڄيءَ ڀيڙ ۾ هڪ تون ئي آهين ڏسڻ لائق.“

”توکي سُٺي ٿي لڳان؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بيحد سُني ٿي لڳين.“

”ته پوءِ دير ڇو ٿو ڪرين؟ مونکي پڇائي هل.“

ڇوڪريءَ جي ڳالهه سان راجيش مُنجهي پيو.

ڇوڪريءَ پُڇيس، ”ڇا ٿو سوچين؟“

راجيش چيس- ”مون اگر توکي هٿ به لڳايو ته پيڙ مونکي ماري هتي ئي ڍير ڪري ڇڏيندي.“

ڇوڪري ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳي. چيائينس ”موڳا.“

راجيش جي سمجهه ۾ ڪجهه نه آيو. ڇوڪريءَ وري ٽوڪيس ”ڇا ٿو سوچين؟ مان ٿي چوانءِ نه مونکي پڇائي هل.“

”نه، اِهو مونکان نه ٿيندو.“

راجيش - ”نالو ڇا اٿئي تنهنجو؟“

”مهوٽا.“

”تون مهٽي کان به وڌيڪ نشيلي آهين.“

”وٺانءِ ٿي؟“

”ڏاڍي ٿي وڻين.“

”شادي ڪندين مون سان؟“

”نه.“

”ته پوءِ هتي ڪهڙا جک مارڻ آيو آهين.“

”مونکي فلم جي لاءِ هيروئن جي تلاش هئي. توکي ڏسي تلاش پوري ٿي. تون منهنجي فلم ۾ ڪم ڪندينءَ؟“

”ڪٿان آيو آهين؟“

”اِندور مان.“

”ڇا تي آيو آهين؟“

”موٽر سائيڪل تي.“

”ڏس، آءٌ ڏاڍو ٿڪجي پيئي آهيان، مونکي ڦٽڦٽيءَ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهاري گهر ڇڏي اچ.''

''هل مان توکي ڇڏي ٿو اچان.''

مهوئا راجيش جو هٿ پڪڙي ٽولي مان ٻاهر وڃڻ لڳي. ٻيڙ هڪ طرف هٽي ڪين رستو ڏيڻ لڳي. راجيش سولائيءَ سان بائيڪ تائين پهچي ويو. راجيش رستو پڇي مهوئا کي پُٺيان وهاري، بائيڪ اِسٽارٽ ڪئي. ماڻهو حيرت مان راجيش کي ڏسڻ لڳا. پيڪنگانو جي بزار پار ڪري ٻاهر نڪري راجيش مهوئا کان پُڇيو ''ڪٿي آهي تنهنجو گهر؟''

مهوئا چيس- ''ڪجهه فاصلي تي لالپور گانو ۾.''

لالپور ديش گانو جي رستي ۾ ڪجهه ڪلوميٽرن جي فاصلي تي رستي ڪناري وسيل هڪ ڳوٺ هو. لالپور ۾ مهوئا جي گهر وٽ پهچي بائيڪ بيهاري راجيش مهوئا کي لهڻ لاءِ چيو. مهوئا بائيڪ تان لهي بائيڪ لاڪ ڪري چابي پاڻ وٽ رکي چيس- ''مائٽ اندر هل، ڪجهه کاءُ پيءُ، پوءِ وڃجانءِ.''

راجيش چيس- ''مونکي وڃڻ ڏي، دير ٿي ويندي.''

''دير ٿي ٿيندي نه، انڌير ته نه ٿيندو نه؟''

''انڌيرو ٿيڻ ۾ دير ئي ڪيتري آهي.''

مهوئا راجيش جو هٿ پڪڙي اندر وٺي ويس. راجيش سوچيو سُٺو موقعو آهي، مهوئا سان ڳالهائي سڀ ڳالهيون طيءِ ڪري وٺندو. اُهو هڪ لوڙهي سان ڍڪيل ڪکائون گهر هو. گهر ۾ الڳ الڳ ڪمرا نهيل هئا. رڌ پچاءُ ۽ سنان پاڻي جي جڳهه ٻاهر لوڙهي ۾ ٺهيل هئي. مهوئا راجيش کي وچي هڪ کٽ تي ويهاريو. کٽ تي چادر وڇايل هئي. راجيش کي ويهاري سامهون بيهي مهوئا پياسي نگاهن سان راجيش کي ڏسڻ لڳي. اُن کان بي خبر راجيش چيس- ''ڏس، مان هڪ فلم ناهي رهيو آهيان، آءٌ چاهيان ٿو ته تون اُن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڪم ڪر. هيروئن بڻجي وڃ.“

مهوئا - ”هيروئن بہ بڻبيس راجا، پهريائين سُهاڳہ رات تہ مناءِ. هوءَ راجيش مٿان جُهڪي ويئي.“

راجيش پريشان ٿي چيس- ”شادي ٿي ناهي، پهريائين سُهاڳ رات؟“

”ٿي تہ ويئي شادي.“

”ڪڏهن ٿي؟“

”جڏهن تون مونکي ڀڄائي آئين، اسان وٽ اِها ئي شادي جي ريت آهي.“

”مان توکي ڀڄائي آيو آهيان؟ مان تہ توکي تنهنجي چوڻ تي تنهنجي گهر ڇڏڻ آيو آهيان.“

”اها تنهنجي منهنجي وچ جي ڳالهہ آهي. هزارين ماڻهن ڏٺو تون منهنجو هٿ پڪڙي مونکي ڀڄائي آيو آهين. منهنجي پائرن ۽ پريوار وارن بہ ڏٺو. اُنهن جي نظر ۾ اسان جي شادي ٿي ويئي آهي.“

”آءٌ نٿو مڃان ان شاديءَ کي.“

”تنهنجي نہ مڃڻ سان ڇا ٿيندو؟ منهنجو پائر توکي زبردستيءَ منائيندا. اسانجي عزت جو سوال آهي.“

”پوءِ بہ نہ مڃيو تہ؟“

”توکي ماري هتي ئي دفنائي ڇڏيندءِ.“

”منهنجي مرڻ سان توکي خوشي ٿيندي؟“

مهوئا روئڻهارڪي ٿي چوڻ لڳس- ”ايترو پٿر دل نہ بڻج، مڃي وڃ.“

”مونکي ناهي ڪرڻي شادي، آءٌ هاڻي ئي بائيڪ تي ويهي فرار ٿي ٿو وڃان.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اگر تون ڀڄي وئين تہ آءٌ پنهنجي جان ڏيئي ڇڏينديس.“
راجيش مهوئا جو منهن تڪڻ لڳو، پوءِ چيائينس، ”ڪوئي وچ جو رستو نٿو نڪري سگهي؟“
ڇا ٿو چاهين تون؟
”هاڻي شاديءَ جو ضد نہ ڪر. آءٌ توسان واعدو ٿو ڪريان، جيستائين تنهنجي شادي نہ ٿيندي، آءٌ شادي نہ ڪندس.“
”اگر مون شادي ڪئي ئي نہ تہ؟“
”آءٌ ڪنوارو رهندس.“
”ليڪن منهنجي شادي تہ ٿي چڪي.“
”ضد ڇڏي ڏي، گهر وارن سان ڪوڙ ڳالهائجانءِ تہ تنهنجي شادي ٿي ويئي آهي.“
”توکي ڪجهہ تہ ڪرڻو پوندو.“
”ڇا ڪرڻو پوندو؟“
”ٻڌاياںءِ ٿي.“ مهوئا راجيش جي مٿان جُهڪي پنهنجا پياسا چپ راجيش جي چپن سان سٽائي ڇڏيا. هوُ ڪيس روڪي نہ سگهيو. نروڪار ڀاو سان پيو رهيو. ڪجهہ دير بعد هوءَ خود ئي اُٿي، حقارت سان راجيش ڏانهن نهاري چيائينس،” وڏو دشٽ آهين، بيجان بُت بڻيو پيو رهين، آءٌ پياسي ئي رهجي ويس.“
راجيش پُڇيس- ”هاڻي مان وڃان؟“
”نہ اَڄ رات توکي هتي ئي گُذارڻي پوندي. منهنجا گهر وارا اڇڻ وارا ئي هوندا، هوُ اسان ٻنهين کي گڏ ڏسڻ چاهيندا.“
”ڪوئي زور زبردستي تہ نہ ڪندينءَ نہ؟“
مهوئا کلي چيس- ”مُردارن سان ڪير زور زبردستي ڪندو؟“
”منهنجي فلم جي هيروئن بڻجندينءَ نہ؟“
”جيئن چوندين تيئن ڪندس راجا، هاڻي اِئين بہ هتي نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي سگهندس، جيڏانهن چوندي هلي هلندس. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي گهر جا ڀاتي منهنجي شاديءَ جو ڀرم ته پالي رهندا.“

”تون ڪيتري نه سُٺي آهين مهوئا، آءٌ تنهنجي تقدير بدلي ڇڏيندس.“

”منهنجو نصيب ڪٿي بدلي سگهئين؟“

”راجيش خاموش رهيو.“

مهوئا جي گهر وارن راجيش جي خوب آو-ڀڳت ڪئي. ٻئي ڏينهن تي هوُ جڏهن موڪلائڻ لڳو ته مهوئا جي پيءُ گهر ۾ ٺهيل مهوئي جي شراب جون ٻه بوتلون نذراني ۾ ڏنس.

راجيش چيس- ”آءٌ هن جو ڇا ڪندس؟“

سالهنس چيس- ”رکہ ڪم ايندءِ.“

راجيش موڪلائي اِندور روانو ٿيو. هوُ سوچڻ لڳو، ڪهاڻي ته پنهنجو پاڻ ڊيولپ ٿي رهي آهي. هوُ ڪجهہ اڳتي وڌيو ته رستي ۾ ڪجهہ ڳوناڻا هٿن ۾ لٺيون کڻي رستو روڪي بيٺا هئا. هن سوچيو، ڊڄڻ-گهبرائڻ سان ڳالهہ بگڙجندي. هن بائيڪ هڪ طرف بيهاري، هوُ لٺيتن طرف خالي هٿين اڳتي وڌيو. لٺيت ڪجهہ سمجهي نہ سگهيا. لٺيتن لٺيون مٿي ڪيون. راجيش هٿ جي اِشاري سان روڪين. پرسان وڃي پُڇيائين، توهان مون مان ڇو خفا آهيو؟ ”مون توهان جو ڇا بگاڙيو آهي.“

هڪ ڄڻي چيس- ”سالا، تون مهوئا کي اُڏائي وئين پُڇين ٿو تہ ڇو خفا آهيون؟“

”ڀائي سالو ته هاڻي تون ٿئين نہ، تنهنجي ڳوٺ جي ڇوڪري آهي.“ راجيش بائيڪ ۾ ٽنگيل جهولي مان بوتل کڻي آڏي ڳار ڏيڻ واري ڏانهن وڌائي. اُن حقارت مان چيس ”نہ کپي تنهنجي بوتل، منهنجي گهر ۾ مهوئي جا مٽڪا پريا پيا آهن.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن جي هڪ ساٿيءَ هٿ وڌائي بوتل ورتس. ڍڪڻ هٽائي وات سان لڳايائين. سندس ٻئي ساٿيءَ چيس- ”سالي اڪيلو ئي پيئندين ڇا؟“

ان بوتل سندس هٿ ۾ ڏني. سڀ واري سان پيئڻ لڳا. سواءِ هڪ جي. هوُ شايد سندن سردار هو، ڪين مدد لاءِ وني آيو هو. هن راجيش کي گهوُري ڏٺو.

راجيش ٽوڪيندي چيس- ”ڪهڙو پريمي آهين؟ مهوئا جي ڏوليءَ کي ڪنڌو ڏيڻ بجاءِ مهوئا جي ارٿيءَ کي ڪنڌو ڏيڻ ٿو چاهين؟“

هن چرڪ ڀري چيس- ”ڇا مطلب؟“

”تون مونکي مارينديں تہ مهوئا جي سگهندي؟ خودڪشي ڪري ڇڏيندي. ڇو ڪيس برباد ڪرڻ ٿو چاهين؟“

هڪ ساٿيءَ چيس- ”منگلو اُستاد، جيجوُ سچ ٿو چوي.“

منگلو سوچ ۾ پئجي ويو. پوءِ هٿ وڌائي چيائين. ”بوتل مونکي ڏي.“

راجيش چيس- ”پيئڻ ڏين اُستاد، مون وٽ هڪ ٻي بہ آهي آٽي ٿو ڏيانءِ.“ راجيش ويو، جهولي مان ٻي بوتل بہ ڪٽي آيو اچي منگلوءَ کي ڏنائين. بوتل وات سان لڳائي ڍُڪ ڀري منگلوءَ چيس- ”شهري بابو- تنهنجي بوتل اوڌر رهي. وري جڏهن ايندين تہ توکي مهو سان ئي سنان ڪرائيندس.“

راجيش سوچڻ لڳو- مهوئا جي پاءُ جو ڏنل تحفو ڪم اچي ويو. ڪهاڻيءَ جا ڪجهہ ٻيا ڪردار بہ جُڙي ويا.

منگلوءَ چيس- ”معاف ڪجانءِ بابو، خطا ٿي ويئي. هاڻي تون پلي وڃ.“

مهوئا جي شاديءَ جو پرم پڪو ٿي ويو. راجيش بائيڪ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي! ڪيترا اوچا ويچار هئا سندس. توهان جو ڏاڏو بہ مهاپُرش هو. هندستان اچي ڪيترا ڏک سُور سنائين، اڻ هوندي ۾ بہ وقت گذاريائين، ليڪن همت نہ هاريائون. محنتي ۽ ايماندار خوددار هئا. اُهي ئي سنسڪار تنهنجي پتا ۽ تو ۾ موجود آهن.''

''ممي آءٌ جيڪي ڪجهہ آهيان، توهان جي پرورش جو نتيجو آهي، تون منهنجي يشودا مئيا آهين.''

''تون بہ منهنجو ڪرشن ڪنعيو آهين.''

''مام، سُڌا جي ڏاڍي ياد اچي رهي آهي.''

''وجي ملي چو نہ تو اچينس؟''

''مام، هن وقت نہ وڃي سگهندس، هتي گهرائينس نہ.''

''راڪيءَ ئي گهرائيندا سونس. پر تون گهر ۾ ئي رهجانءِ ڪيڏانهن رفوچڪر نہ ٿي وڃجانءِ ها، توکي پئسن جي بہ تہ ضرورت هوندي نہ؟''

''ها، مما ڪجهہ وڏيڪ پئسن جي ضرورت پوندي، ليڪن آءٌ قرض طور وٺندس، وياج سميت موٽائيندس.''

سُنيتا راجيش جو ڪن مهٽيندي چيو، ''چو ڙي مونکي وياج خور تو سمجهين؟ منهنجو جيڪي ڪجهہ آهي سڀ تنهنجو ئي تہ آهي.''

''سُڌا پيڻ بہ تہ آهي.''

''سُڌا جو تون خيال نہ رکندين؟''

''چو نہ رکندس، پيڻ آ منهنجي.''

''تہ پوءِ اِئين چو چيئہ؟''

''ساري مام، هلان ٿو.''

''اڙي آرام تہ ڪيئہ ئي نہ.''

''ممي، توهان جي گود ۾ ليٽي جيڪو آرام مليو سو سُرڳہ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُکہ کان گھٽ ڪٿي هو؟“

”۽ منهنجي هانوَ کي جيڪا ننڍڪ پهتي آهي اهو سُکہ بيان کان ٻاهر آهي.“

راجيش کهاڻي لکڻ شروع ڪئي. ڪافي ڪجهہ لکي ورتائين. تڏهن ڪيس هيرو جو خيال آيو. خود هيرو بڻجڻ نٿي چاهيائين. هن مهوئا جي قريب وڃڻ نٿي چاهيو. نٿي چاهيائين تہ سندس نالو ڪنهن سان جُڙي تہ پوءِ؟ هوُ سوچ ۾ پئجي ويو. راجيش کي نيرج جو ڌيان آيو. نيرج سندس سهہ پاٺي ۽ دوست هو. کيس ائڪٽنگہ جو بہ شونق هو. ڪاليج ۾ ناٽڪن ۾ سرگرم بهرو وٺندو هو. شڪل صورت بہ موچاري هئس.

راجيش موبائيل ۾ سيوَ ڪيل نيرج جو نمبر لڳايو. نيرج ڪال رسيوَ ڪندي چيو- ”هلو جاني من.“

”سالي جاني‌من جاني جگر تہ تون ڪنهنجو بڻجڻ وارو آهين. ڪاش منهنجي ڀيڻ هجي ها تہ آءٌ تنهنجو سالو ضرور بڻجان ها.“

”اِهو ٻُڌاءِ تون پنهنجي بلا منهنجي مٿان ڇو ٿو ٽارين؟“

”روبرو مل تہ ٻُڌايانءِ ٿو. جلد گهر اچي وڃ.“

”تنهنجي گهر نہ ايندس تون اچا ڪير پيئاڪ آهين. بيئر پيئاريندي نہ، مونکي اچ بيئر پيئڻي آهي.“

”اچ، توکي بيئر بہ پيئاريندس.“

”اڪيلو پيئڻ ۾ ڪوئي مزو نہ ايندو.“

”اچ، توکي ڪمپني ڏيندس.“

”گرو دڪشڻا بہ ڏيڻي پوندءِ.“

”گرو دڪشڻا ڪهڙيءَ ڳالهہ جي؟“

”توکي ڊرنڪ ڪرڻ جو سيکاريندس.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اچ، گرو دڪشنا ۾ توکي گدامڙي ڪارائيندس.“

”گدامڙي تيڻ واري پاپيءَ لاءِ لاڪر ۾ سنڀالي رک.“

”ٻڌاءِ ڪنهن وقت اچڻو آهي.“

”هاڻي فورن اچي وڃ. پهرياڻين چانهه ۽ ڳالهه ٻولهه، پوءِ ڊرنڪ ۽ ڊنر.“

”اِجهو ٿو اچان.“

راجيش فرج ۾ ٽي چار بيئر جون بوتلون رکايون. سنئڪس ۽ ڊنر جو مينو ٻڌائي ڇڏيو. پوءِ سُنيتا وٽ وڃي بيئر پيئڻ جي اِجازت ورتائين. پوءِ اوطاق ۾ وڃي نيرج جو اِنتظار ڪرڻ لڳو.

نيرج جي اچڻ تي راجيش کيس پنهنجي پروجيڪٽ جي باري ۾ ٻڌايو. پوءِ کيس هيرو جو رول آفر ڪيائين.

نيرج پُڇيس، ”هيروئن ڪير آهي؟“

راجيش چيس- ”هيروئن اُها ناياب شيءِ آهي جنهن کي ڏسڻ سان ئي توکي نشو چڙهي ويندو. بيئر پيئڻ جي ضرورت ئي نه پوندءِ.“

راجيش پگوريا مان مهوئا جا ڪجهه فوٽا ڏيکاريس.

نيرج نرڙ ۾ گُهنج وجهي چيس- ”مونکي هن پسيني ۽ بدبوءِ سان گڏ ڪم ڪرڻو پوندو؟“

”اڙي نه، هوءَ لڪس سان بدن رڳڙي ڊيوڊرنيٽ سان وهنجي تو وٽ ايندي.“

”تڏهن ته آءٌ تنهنجي فلم ۾ مفت ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

”ڪهاڻي ٻڌايانءِ.“

”ضرورت ناهي، تون ڪهاڻيڪار، فلمڪار جو پُٽ آهين. ڪائي ڪسر ٿوروئي ڇڏيندين.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ٻڌ، توکي اسسٽنٽ ڊئريڪٽر طور ٻہ ڪم ڪرڻو اٿئي. آءٌ ڪيترن موقعن تي سامهون اچڻ نہ چاهيندس.“

”منظور منهنجا يار، هاڻي چا جي دير آهي؟“

”ڪائي دير ناهي، ڪٿي ويهون؟“

”هتي بئنڪ ۾ ئي نيڪ رهندو. اُستاد جا پير ڇُهي شري گڻيش ڪجانءِ.“

”جا آڳيا گرديو.“

اِئين ئي ڪل مذاق ڪندا ٻئي دوست پيئڻ کائڻ ۾ مشغول ٿي ويا. ساڻ ئي ڪاليج ۾ گذريل وقت جون ڪتيون منيون يادون دهرائيندا رهيا.

راجيش پُڇيس- ”نيرجا جو ڇا ٿيو؟“

”ٿيڻو ڇا هو، ٻن ٻارن جي ماءُ بڻجي ويئي آ. ساليءَ کي ٽڪڙ هئي شادي ڪرڻ جي.“

”۽ هوءَ تمنا؟“

”اُن جي تمنا هئي فارين وڃڻ جي. هوءَ جاب ڪرڻ جرمنيءَ هلي ويئي. اُتي ئي ڪنهن جي گلي ۾ ڦندو وجهي سيٽل ٿي ويندي. تون تہ هئين رُکي سُڪاءُ جو، ڪائي ڇوڪري تنهنجي ويجهو نہ ايندي هئي. هاڻي پورو مئخانو هٿ لڳو اٿئي، اُهو ٻہ منهنجي حوالي ٿو ڪرڻ چاهين؟“

”سنڀالي رهجانءِ، هاڻي مون ٻہ پيئڻ شروع ڪيو آهي.“

”اُن سان ڇا ٿيندو؟ لڳي ٿو تہ توکي رومانس جي ٽريننگ ٻہ مونکي ڏيڻي پوندي. اُن لاءِ الڳہ سان گرو دڪشنا ڏيڻي پوندءِ.“

”ڏني اٿيمانءِ مهوڻا گرو دڪشنا ۾.“

”اڃا ڏني ڪانہ اٿئي، اڃا تہ ڪوريون ڳالهيون آهن.“

”جلد ملندءِ، سنڀالي ونجانس. ڪٿي هوءَ توکي ئي نہ ٻڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجي.“

اُن نموني جي ڇهلبازيءَ سان گڏ ٻنهي دوستن جي محفل هلندي رهي. راجيش ٿورو ئي بيئر پيتو هو، تہ بہ کيس ڪافي سرور ٿيڻ لڳو هو. نيرج کي روانو ڪري سُمهڻ پيو چاهي. پر نيرج جي زور ڀرڻ تي نيرج جي ئي ڪار ۾ ريسڪورس روڊ تي آئيسڪريم کائڻ ويو. نيرج کيس گهر ڇڏي ويو. راجيش بستري جي حوالي ٿي سُکہ سپنن ۾ کوهجي ويو.

نيرج جي رضامنديءَ کانپوءِ راجيش ڪهاڻي پوري ڪرڻ ۾ لڳي ويو. ڪڏهن ڪائي دقت آيس تي تہ ڪتاب ۽ نوٽس مان مدد وٺڻ لڳو. راجيش ڪهاڻيءَ کي اِسڪرپٽ ۾ پڻ بدلي ورتو. اُن کان پوءِ ڊائلاگہ لکڻ شروع ڪيائين. هڪ دفعو پوري مئٽر کي ڌيان سان پڙهيو، جتي ضروري سمجهيائين اُتي ڦيربدل ڪيائين.

سڄي تياري ٿي وڃڻ کان پوءِ ضرورت پيش آيس پروڊيوسر جي، جيڪو فلم ناهڻ تي ڌن لڳائي. ستيش جي سڃاڻپ جو سهارو وٺي ها تہ ڪائي دقت ئي پيش نہ اچيس ها. پر هن پنهنجي سڃاڻپ لڪائي، الڳہ سڃاڻپ ٺاهڻ ٿي چاهي. ايتري قدر جو ڪنهن خاص موقعي تي سامهون اچڻو نہ پويس اِن لاءِ نيرج کي اڳتي ڪرڻ جو سوچيو. اِنکري کيس هيرو ئي نہ پنهنجو اسسٽنٽ ڊئريڪٽر پڻ ٺاهيائين. راجيش سوچيو، ڪوئي ڪامياب ڊئريڪٽر تہ کيس موقعو ڏيڻ کان رهيو، ڪوئي هارايل جوئاري ئي مٿس داوَ لڳائي سگهيو ٿي. اُن لاءِ ضروري هو هوُ اَهڙو نرماتا تلاشي جنهن جون لڳاتار ٻہ-ٽي فلمون فلاپ ٿيون هجن ۽ وڏو گهاٽو سٺو هجائين. مسٽر سٽپال فلم ڊسٽريبيوٽر هو. اُن مسٽر ستيش جون ٻہ ٻہ فلم ڊسٽريبيوٽ ڪيون هيون. اُن جي مدد سان راجيش کي معلوم ٿيو تہ مسٽر چاٻڙيا جي سنڌو فلمس بئنر جون ٻہ وڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻجيت جون فلمون لڳاتار فلاپ ٿيون هيون، جنهن ۾ ڪيس ڪروڙين رپين جو گهاٽو ٿيو هو. راجيش ستپال کان چاپڙيا جو پتو ۽ ڪانٽئڪٽ نمبر ورتو. ڪجهه تياريءَ سان ممبئيءَ وڃي مسٽر چاپڙيا سان ملڻ جو سوچيائين.

راجيش سُنيتا کان 30 هزار رپيا ورتا. هڪ موبائيل، ڪجهه گفٽون ونيءِ، هوُ لالپور ويو. هوُ مهوئا ۽ سندس پريوار وارن سان مليو. وڃڻ سان گفٽون ۽ موبائيل مهوئا جي هٿ ۾ ڏنائين. موبائيل جو فنڪشن سمجهائي، پنهنجو نمبر فيڊ ڪري ڏنائين. هزار جا 10 نوٽ سندس هٿ ۾ ڏيئي چيائينس هيءُ فلم ۾ ڪم ڪرڻ جو ائڊوانس اٿئي. فلم ٺهي وڃڻ کانپوءِ هڪ وڏي رقم ٻي پڻ ملندءِ.

ايتري رقم ڏسي مهوئا ۽ سندس ڀائرن جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي. مهوئا جي ڀائرن راجيش جي خوب آو-ڀڳت ڪئي. هفتي اندر ممبئيءَ هلڻ لاءِ تيار ٿيڻ جو چئي راجيش اِندور موٽي آيو. ستيش جي فلم تيار ٿي رليز بہ ٿي ويئي. فلم سُٺي هئڻ جي باوجود سُٺو بزنيس نہ ڪيو. درشڪن سنجنا ۽ گُلشن جي بيجوڙ جوڙيءَ کي گهٽ پسند ڪيو. ستيش سوچيو، سنجنا عقلمنديءَ جو ڪم ڪيو جو ناڪام ٿيڻ کان اڳہ ئي شادي ڪري فلمن کي الوداع ڪري ويئي.

ستيش بنا وقت وڃائڻ ٻئي پروجيڪٽ تي ڪم شروع ڪري ڇڏيو. روپا جا ڪاسٽيوم تيار ڪرڻ جو ڪم لليءَ کي سونپيائين. هوءَ پوريءَ لگن ۽ قابليت سان پنهنجو ڪم ڪرڻ لڳي.

ستيش روپا جي ڪم مان خوش نہ هو. اُن تي ڪيس خاص محنت ڪرڻي ٿي پئي. ستيش لليءَ کان پُڇيو، روپا جي جڳهہ تي تون فلم ۾ ڪم ڪندينءَ؟

لليءَ منع ڪيس. ستيش کي حيراني ٿي- پُڇيائينس، ”هڪ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن تون خود مون وٽ هلي آئي هئينءَ، فلم ۾ ڪم ڪرڻ تي چاهيئہ، اڄ اِنڪار ڪري رهي آهين؟''

للِيءَ چيس، ''انڪل اُن وقت منهنجي من ۾ ڪوئي نہ هو، هاڻي آهي. منهنجو پيار فقط اُن لاءِ آهي ۽ پلي منهنجو پيار هڪ طرفو آهي، پر آهي. آءٌ ڪل ڪوڙ ۾ بہ ڪنهن ٻئي سان پيار نٿي ڪري سگهان. آءٌ نٿي چاهيان ڪوئي غير مرد منهنجي ڪوري بدن کي ڇُهي.''

''پار، تون خود قبول ٿي ڪرين تہ تنهنجو پيار هڪ طرفو آهي، پوءِ ڪهڙو فائدو؟''

''انڪل پيار نفعي-نقصان کي نہ ڏسندو آهي. ستيءَ شوَ کي پائڻ لاءِ تپسيا ڪئي هئي. آءٌ بہ ڪري رهي آهيان. منهنجي پيار جي ڪشش هڪ ڏينهن هن کي مون وٽ ڇڪي ايندي.''

''بيٽي، مونکي تنهنجي اٽل اِرادي تي حيراني بہ آهي تہ خوشي بہ. آءٌ توکي آسيس ٿو ڪريان، تنهنجي ساڌنا سڦل ٿئي، تنهنجي منوڪامنا جلد پوري ٿئي.''

للِي ستيش جي پيرن تي جُهڪي، ستيش مٿي تي هٿ ڦيريس.

راجيش ممبئي وڃي ڇابڙيا سان مليو. ڇابڙيا سندس واقفيت ۽ اچڻ جو مقصد پُڇيو. راجيش چيس، ''آءٌ اڻڄاڻ شخص آهيان، پنهنجي سچاٽپ ٻڌائڻ ٿو چاهيان.''

''ان لاءِ آءٌ ڇا ٿو ڪري سگهان.''

''مون وٽ ڪمپليٽ پروجيڪٽ آهي، آءٌ چاهيان ٿو تہ توهان مونکي فلم ناهڻ جو موقعو ڏيو.''

''ڏس، نوجوان ، آءٌ پهريائين ڪروڙين رپين جو نقصان سهي چڪو آهيان.آءٌ وڏيڪ رسڪ کڻڻ نٿو چاهيان.''



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سر، توهان هار ڪائي ماٺ ڪري وهندا؟ مچان تو آءٌ اڻڇاڻ آهيان، اڻ آزمودگار آهيان، اِنڊسٽريءَ ۾ اهڙا گهڻائي مثال ملندا جڏهن نون بيتجربيڪار نوجوان شخص ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي. توهان منهنجو ڀروسو ڪري سگهو ٿا، مونکي خود کي ثابت ڪرڻو آهي ۽ پنهنجو آئينده ٺاهڻو آهي. اِها منهنجي ذميواري آهي تہ اِنڊسٽريءَ ۾ هڪ ڪامياب فلم ٺاهي پاڻ کي ثابت ڪريان ۽ اِنڊسٽريءَ ۾ نالو ڪمايان.“

راجيش جي آتم وشواس جو چاٻڙيا تي خاصو اثر ٿيو. اُميد بہ جاڳيس. پُڇيائينس، ”تنهنجي بجيٽ ڇاهي؟“

”توهان منهنجو ڀروسو ڪري گهڻو ڏيئي سگهو ٿا؟“

”هڪ ڪروڙ مان ڪم هلندءِ؟“

”سر، منهنجي ڪوشش رهندي تہ هڪ ڪروڙ خرچ ٿيڻ کان اڳ توهان کي رٽرن ملڻ شروع ٿئي. ليڪن توهان کي مونکي فري هئنڊ ڏيڻو پوندو.“

چاٻڙيا اُٿي راجيش سان هٿ ملايو ۽ چيائين ”ڊن.“

چاٻڙيا اِنٽرڪام تي بہ ڪافي موڪلڻ جو آرڊر ڏنو ۽ سيڪريٽريءَ کي اچڻ لاءِ چيائين. سيڪريٽريءَ جي اچڻ تي چيائينس- ”هن سان مل، هيءُ آهي مسٽر... اڻڇاڻ.“

راجيش چيو ۽ سيڪريٽريءَ کيس وش ڪندي پنهنجو نالو مس ريتا ساهني ٻڌايو.

چاٻڙيا چيو، ”مس ريتا، مسٽر اڻڇاڻ منهنجي لاءِ هڪ ڪروڙ جي لاڳت سان فلم ٺاهيندو. اُن لاءِ اگريمينٽ جون بہ ڪاپيون ٺاهي ڪٽي اچ.“

”مس ريتا، اڳريمينٽ ۾ اهو پڻ درج ڪجو تہ فلم سنگل سئنيما گهرن ۾ رليز ٿيندي، ڪنهن بہ ملٽيپليڪس ۾ نہ. فلم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا ڊسٽريبيوشن رائيٽس فلم جي سنگيت رليز ڪرڻ کان پوءِ وڪيا ويندا. اڳ ۾ نہ، فلم جا سيٽلائيٽ رائيٽس فلم جي رليز ٿيڻ کانپوءِ منهنجي صلاح سان سيل ڪيا ويندا. فلم جو پريميئر اِنڊور ۾ هڪ ڏينهن پهريائين وسپت ڏينهن ٿيندو.“

ريٽا ڪڏهن راجيش طرف ڪڏهن چاپڙيا طرف حيرانيءَ سان ڏسڻ لڳي. آخر سوالي نظر سان هوءَ چاپڙيا کي ڏسڻ لڳي. چاپڙيا چيس، ”جيئن مسٽر اڻڄاڻ چيو آهي، ائگريمينٽ ۾ اِهي ڳالهيون درج ڪر.“

”سر، ائڊوانس ۾ ڪيترو امائونٽ درج ڪريان؟“

جواب راجيش ڏنو، ”فلحال ڪجهہ بہ نہ. جڏهن ضرورت پوندي آءٌ وٺي وائوچر سائين ڪري ڏيندس.“

ريٽا ائگريمينٽ تيار ڪرڻ لاءِ هلي ويئي. راجيش چاپڙيا کي چيو ”سر، مون هيرو هيروئن ۽ ميوزڪ ڊئريڪٽر جي سليڪشن ڪري ورتو آهي. باقي جونيئر آرٽسٽ ۽ ٽيڪنيشينس جو ارينجمينٽ توهان جي صلاح ۽ مدد سان ڪندس.“

چاپڙيا ڪنڌ ڌوڻي هامي ڀري. ڪافي اچي ويئي. ٻنهي ڪپ کنيو، ڪافي پيئڻ لڳا. ڪافي ختم ڪري خالي ڪپ ٽيبل تي رکي ريٽا جو اِنتظار ڪرڻ لڳا. ڪجهہ دير بعد ريٽا ائگريمينٽ جون ٻہ ڪاپيون تيار ڪري ڪٺي آئي. راجيش ائگريمينٽ پڙهي سائين ڪئي. چاپڙيا بہ سائين ڪيو. راجيش هڪ ڪاپي کڻي چاپڙيا ۽ ريٽا کان موڪلائي ٻاهر نڪري ويو.

راجيش جي وڃڻ کان پوءِ ريٽا چيو- ”سر، توهان هڪ اڻڄاڻ شخص جو ڀروسو ڪيئن ڪيو؟ سو بہ سندس شرطن تي؟“

چاپڙيا چيو- ”مونکي هوشيار ۽ آتم وشواس سان ڀريل لڳو. منهنجو تہ فقط هڪ ڪروڙ داوَ تي لڳل آهي، هن نوجوان جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئينده جو دارو مدار فلم جي ڪاميابيءَ تي آهي. ڏنئہ نہ هن ڪوئي ائڊوانس نہ ورتو. چاهي ها تہ ڪابہ وڏي رقم وٺي وڃي سگهيو ٿي. نوجوان مونکي ڪنهن سُٺي ۽ آسودي خاندان جو ٿو لڳي. هوُ خوددار آهي، پنهنجي سُڃاڻپ پنهنجي ڪوشش ۽ محنت سان ٺاهڻ ٿو چاهي، اِنڪري پنهنجي اصلي سُڃاڻپ ظاهر ڪرڻ نٿو چاهي.''

''آءٌ بہ اِهو ئي سوچي رهي آهيان.''

ٻاهر نڪري راجيش سروڻ ڪمار کي فون لڳائي. سروڻ ڪمار ڀوپال ۾ هو. سندس پوري ٽيم ڀوپال ۾ هئي. راجيش سروڻ کان ملڻ جي وقت گُهريو. هوُ اُتان دادر ويو. اُتان لوڪمانيہ تلڪ حبيب گنج ايڪسپريس ۾ ڀوپال جي ڪرنٽ ۾ ٽڪيٽ خريد ڪئي. شام جو هوُ ڀوپال روانو ٿي ويو.

ٽرين سوير صبوح جو حبيب گنج پهتي. هوُ اي. سي. ويٽنگہ روم ۾ هليو ويو. اُتان تيار ٿي ٻاهر آيو. موبائيل تي سروڻ ڪمار کي پنهنجي اچڻ جي خبر ڏنائين. ٽئڪسي ڪري ڪمارنگر جي ڪمار ولا لاءِ روانو ٿيو. سروڻ ڪمار راجيش کي رسيوَ ڪرڻ لاءِ گيٽ تي بيٺو هو. سندس چانهہ سان خاطرداري ڪيائين. پوءِ پُڇيائينس، ''ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟''

راجيش چيس، ''انڪل آءٌ هڪ فلم ڊئريڪٽ ڪري رهيو آهيان. آءٌ چاهيان ٿو اُن ۾ موسيقي توهان ڏيو.''

''اِها تہ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي.''

''انڪل چاهيان ٿو تہ موسيقيءَ ۾ شنڪر جئڪشن جي موسيقيءَ جو تاثير هُجي، ميلوڊي هُجي، ردم هجي ۽ هُجي مستي، گيتن ۾ شئليندر جي گيتن جهڙي گهرائي ۽ سوز هجي، ٻوليءَ جي شُڌتا هُجي.''



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”فلم گهٽ بجيٽ واري آهي، توهان جو مختناٽو فلم جي سنگيت جا رائيٽس سيل ڪرڻ کانپوءِ ڏيئي سگهبو.“

”برخردار، توهان ڪجهه نه ڏجو، اسين فلم جو ميوزڪ مفت ۾ ڏينداسين.“

”نه انڪل، توهان کي پورو مختناٽو ملندو، ميوزڪ ڪمپني توهان کي رايلٽي پڻ ڏيندي. هڪ ٻي وينتي آهي، توهان کي، آءٌ ڊئڊيءَ کي سرپرائيز ڏيڻ ٿو چاهيان، فلم نهي تيار ٿيڻ ۽ رليز ٿيڻ تائين آءٌ پنهنجو نالو اُجاگر نٿو ڪرڻ چاهيان.“

”ته تون ستيش صاحب کان ڪائي مدد نه وٺي رهيو آهين؟ تعجب آهي. بيٽا راجيش، تون لائق پتا جي لائق اؤلاد آهين. تنهنجي ڪاميابيءَ ۾ ڪوئي شڪ نه آهي. اسان جي پوري ڪوشش رهندي فلم جو ميوزڪ يادگار رهي ۽ فلم سنگيت جي گولڊن پيريڊ جي ياد تازي ڪري. اِئين لڳندو ته ميوزڪ شنڪر جئڪشن جي ڪمپوز ڪيل آهي. اسين سندن ٽيونس کي نه ڏُهرائينداسين، فقط سندن ٽرينڊ کي ڏُهرائينداسين.“

”ٿئنڪس، آءٌ توهان کي اِسڪرپٽ جي هڪ ڪاپي موڪليندس، اِسٽوريءَ جي سچيئشن جي حساب سان ۽ ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌائڻ وارا گيت هجن، مهرباني، هلان ٿو.“

”اِئين ڪيئن ويندين؟ نيرن کائڻ کانپوءِ ڊرائيور توکي اِنڊور ڇڏي ايندو.“

”انڪل، آءٌ ٽئڪسيءَ ۾ نڪري ويندس.“

”ڪار هوندي ٽئڪسيءَ ۾ ڇو وندين؟ ڊرائيور هٿ اِسڪرپٽ جي ڪاپي به موڪلي ڏجانءِ.“

”جيڪا توهان جي آگيا.“

راجيش جو اِرادو فلم بلئڪ ائنڊ وائيٽ ۾ ناهڻ جو هو، پر پوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچيائين، مهوئا جي ڪاسٽيوم جا رنگ نہ رنگين فلم ۾ ئي اُڀري سگهندا. هن پوري فلم رنگين ناهڻ جو فيصلو ڪيو. لڳاتار ڀڄ-ڊُڪ سبب هوُ ٿڪجي پيو. آرام ڪرڻ لاءِ هوُ نيرج سان گڏ ٻن ڏينهن لاءِ مانڊو هليو ويو. هن دفعي ٻئي ڪار ۾ ويا. مانڊو مان واپس اچي راجيش شوٽنگ شيڊيول تيار ڪيو. هوُ نيرج سان گڏ لالپور ويو. مهوئا سان نيرج جي ملاقات ڪرائي. چيائينس تہ ڪيس نيرج سان گڏ فلم ۾ ڪم ڪرڻو پوندو. ٻُڌي مهوئا هٿي ڪان اُکڙجي ويئي. مهوئا ڪم ڪرڻ کان صاف منع ڪئي. راجيش سندس سامهون 20 هزار ٻيا رکيا. پئسا ڏسي مهوئا جي پاٿرن جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي. اُنهن جي سمجهائڻ سان وڏيءَ مُشڪل سان مهوئا راضي ٿي.

راجيش چاهيو ٿي تہ مهوئا جي ائڪٽنگ نيچرل لڳي، اِن ڪري راجيش مهوئا جا ڊائلاگ نمازڙي ٻوليءَ ۾ لکايا. مهوئا جي تياريءَ لاءِ گرلس ڪاليج کرگون جي هڪ ليڪچرار کي پنهنجو سهايڪ بڻايائين. سندس ڪم هو مهوئا کي ريهرسل ڪرائي شوٽنگ لاءِ تيار ڪرڻ. سندس ميڪ اَپ لاءِ بہ کرگون ۾ بيوٽي پارلر هلائڻ واريءَ هڪ نوجوان عوَرت کي مقرر ڪيائين. فلم جي ٻين ڪردارن لاءِ راجيش مهوئا جي پاٿرن سميت ڪجهہ لوڪل ماڻهن کي ڪنيائين. سموري تياريءَ کان پوءِ هوُ ممبئيءَ ويو. ڪجهہ آرٽسٽ هن ممبئيءَ مان چونڊيا. ڪئميرامين ۽ ٻيا ٽيڪنيشين پڻ ممبئيءَ مان ڪنيائين. ڪين ڇاٻڙيا کان ائڊوانس پيمينٽ ڪرايائين. ڏهہ لک آئوٽ ڊور شوٽنگ لاءِ ورتائين. سڀ تياريءَ کانپوءِ لالپور اچي شوٽنگ شروع ڪيائين. يونٽ جي ايڪسٽراز کي پيڪنگانو جي ڌرمشالا ۾، ڪجهہ آرٽسٽ ۽ ٽيڪنيشنس کي کرگون جي هوٽل ۾ تہ ڪجهہ کي ڪندوا جي هوٽل ۾ رهايائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلاڪارن ۽ ٽيڪنيشين کي وٺي اچڻ ڇڏي اچڻ لاءِ ٻه ڪاريون ياڙي تي بوڪ ڪيائين. سروڻ ڪمار پڻ اِسپات تي آيو. مهوئا ۽ نيرج جو آواز ۽ ڳالهائڻ جو لحظو ٻڌو ۽ ڏٺو. اُن حساب سان پليبئڪ ڏنائون. گيت رڪارڊنگ تي وچڻ ڪانپوءِ گانا ٻنهين تي فلمايا ويا.

هڪ مهني اندر سروڻ ڪمار فلم جا سڀ گيت تيار ڪري رڪارڊ ڪرايا. ميوزڪ جي رليز جي تاريخ طيءِ ٿي. فلم جي ڪائي پبلسٽي نه ڪئي ويئي هئي. اِنڪري انڊسٽريءَ اُن جو ڪوئي نوٽيس نه ورتو ۽ نه ئي ڪا خاص چرچا ٿي. انوائيٽيز مان ٻه ڪيترا نه آيا. جيڪي آيا ته اُهي ٻه سروڻڪمار جي ڪري، سنگيت ڪمپنين جا عيوضي پڻ آيا ۽ ڪجهه ميڊيا جا ماڻهو.

فلم جا گيت-سنگيت ٻڌي فنڪشن ۾ آيل سڀ حيران ٿي ويا. اُنهن کي اِئين لڳو ڇڻ شئليندر جا لکيل ۽ شنڪر جئڪشن جا ڪمپوز ڪيل نغما ٻڌي رهيا هئا. سيئي سروڻڪمار، رابيا، ساوڻ ۽ نيلم کي واڌايون ڏيڻ لڳا. مسٽر ڇابڙيا کي پڻ مبارڪ باد مليا. راجيش پروگرام ۾ ندارد هو. نيرج ڪيس ريپريزنٽ ڪري رهيو هو. ٽي. سيريز ڪمپنيءَ فلم جي سنگيت جا اڌڪار ڏهه ڪروڙ رپين ۾ خريد ڪيا. ڇابڙيا جون واڇون ٽڙي پيون.

راجيش سروڻ ڪمار ۽ سندس ٽيم کي سندن طيءِ ريٽ کان ٻه وڌيڪ محنتاڻو ڏياريو. نيرج کي پڻ ڇٽي چوکي پارٽ پيمينٽ ڏياريائين. مهوئا کي پڻ ڏهه لک رپيا ڏياريائين. خود فلم مڪمل ٿيڻ تائين ڪجهه ٻه نه ورتائين. فلم جو ٽائيٽل مهوئا ئي رکيائين. مهوئا جو سنگيت خاصو پاپيولر ٿيڻ لڳو. خوب آڊيو ويڊيو، سي. ڊيز ۽ ڪئسيٽ وڪامڻ لڳا. ڏينهون ڏينهن گهر وڌندي ويئي. هر طبقي جي سنگيت پريمين ۾ گيت سنگيت مقبول


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيڻ لڳو. پراڻي پيڙهيءَ وارن کي ته گُذريل زمانو ياد اچڻ لڳو. ڳ ڀيت ٻُڌي سڪُون ملڻ لڳن.

فلم جا ڊسٽريبيوشن رائيٽس پڻ من موافق ريٽ تي ٻُڪ ٿي ويا. سي. آءِ. ٽيريٽريءَ جا رائيٽس اِندور جي ستپال کي سيل ڪيا ويا. سيني ڊسٽريبيوٽرس سان اِها ڪنڊيشن لاڳو ڪئي ويئي ته فلم فقط سنگل ٿئيٽرن ۾ رليز ڪئي ويندي ڪين اِهو پڻ ٻُڌايو ويو ته فلم جو پريميئر شو اِندور ۾ رکيو ويندو. ٻين جڳهين تي فلم هڪ ڏينهن کان پوءِ رليز ٿيندي.

ستپال بيحد خوش ٿيو. ستپال فلم جي پردرشن لاءِ ريگل ٽاڪيز وارن سان ڊيٽس فڪس ڪري ڇڏي. ڇاهڙيا راجيش کي کُلي ڇوٽ ڏيئي ڇڏي، جيتري به لاڳت اچي اچڻ ڏي.

ڪافي دقتن سان راجيش فلم جي شوٽنگ ڪندو رهيو. ڪيترا سين ري شوٽ ڪرڻا پيس. فلم جي هاءِ لائيٽ هو ڀگوريا اُتسو. ڀگوريا ۾ اجا لڳ ڀڳ 6 مهنن جي دير هئي. راجيش ايترو وقت انتظار ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. هن مهوئا جي ڀائرن ۽ لالپور واسين کي اُتسو جلد مهائڻ لاءِ خرچ جي ۽ شراب جي کُلي ڇوٽ ڏني. فلم جي شوٽنگ جي ڪري اِئين ئي روز ڀيڙ ٿيندي هئي. اُتسو جي شوٽنگ وقت ڀيڪنگانو ۾ تمام گهڻي ڀيڙ گڏ ٿي. ڀگوريا نشي ۾ ڌُت ڊول ڏمامن سان نچندا ڳائيندا رهيا. مهوئا پڻ رنگ جمائي ڇڏيو. نيرج مهوئا کي ڀڄائي ٿو وڃي، اُهو سين پڻ فلمايو ويو.

مهوئا جي گهر ٻنهي جي ملڻ جا هاٽ سين فلمايا ويا.

ٻئي ڏينهن تي نيرج تي حملي جو سين فلمايو ويو. نيرج جي لنين سان فائيٽ ڏيکاري ويئي. آخر نيرج متي تي چوٽ لڳڻ سبب رتوڇاڻ تي ڪِري ٿو پوي. پوليس جيپ جي سائرن جو آواز ٻُڌي حملاور ڀڄي ٿا وڃن. پوليس گهايل کي کرگون ضلع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِسپتال ۾ ڪٽائي تي وڃي. ڊاڪٽر ڪيس اِندور جي ايم. واءِ. اِسپتال ۾ ريفر ڪيو. پوليس کي حملاورن جو ڪوئي سُراغ نہ مليو. نيرج بيان ڏيڻ جي حالت ۾ نہ هو.

مهوئا جو صدمي ۾ بُرو حال هو. هوءَ پاڻُ سان گڏ اِندور تي وئي. نيرج جا ماءُ پيءُ ڪيس ڪوئي توجو نتا ڏين ۽ ڪيس نيرج جي ويجهو بہ وڃڻ نتا ڏين. هوُ نيرج کي پرائيويٽ اِسپتال ۾ شفٽ تا ڪرائين. مهوئا نراش تي لالپور موٽي تي وڃي.

نيرج کي جڏهن هوش آيو تہ هوُ حيرانيءَ سان پنهنجي ماءُ پيءُ کي ڏسڻ لڳو. تڏهن اُتي پي. آءِ. سندس بيان وٺڻ آيو ۽ حملاورن جي ڄاڻ گُهريائين. نيرج اڻڄاڻائي ظاهر ڪئي. پوليس واپس هلي ويئي. گهر وارن جي پُڇڻ تي بہ ڪجهہ نہ ٻُڌايائين.

نيرج جي ماءُ پُڇيس، ”هوءَ ڇوڪرِي ڪير هئي؟“

نيرج پُڇيس، ”ڪهڙي ڇوڪرِي؟“

”خبر نہ آهي ڪير هئي، پاڻ کي تنهنجي زال پيئي ٻُڌائي.“

نيرج ڇرڪ ڀري پُڇيس، ”مهوئا هتي آئي هئي؟ ڪٿي آهي مهوئا؟“

”آءٌ نتي ڄاڻان مهوئا کي، هوءَ ڳوناڻي ڇوڪري تنهنجي زال ڪيئن ٿي ٿي سگهي؟ مون ڪيس ڀڄائي ڇڏيو.“

”اَمڙ تو هي ڇا ڪيو؟ هوءَ سچ پچ منهنجي زال آهي.“

”لڳي ٿو چوٽ جي ڪري تنهنجو مغز ڦري ويو آهي. هوءَ ڇوڪري تنهنجي زال ٿي نٿي سگهي. اگر آهي بہ تہ اسين ڪيس قبول نہ ڪنداسين.“

”آءٌ ڪيس سويڪار ڪري چڪو آهيان. توهان اگر ڪيس سويڪار نہ ڪندا تہ مجبورن مونکي سندس گهر ۾ وڃي رهڻو پوندو.“

نيرج جي ماءُ ڪجهہ چوڻ لاءِ وات کولڻ چاهيو، تڏهن نيرج



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پيءُ ڪيس ٽوڪيندي چيو- ”هاڻي مات نہ ڪر، چو تي نيرج جو ٽينشن وڌائين؟“

راجيش اِهي سين ناٽڪي ڍنگہ سان سٺي نموني فلمايا.

نيرج نيڪ تي گهر آيو. مهوئا جي ڪري گهر ۾ اشانتي ڦهلجي ويئي. مجبور تي نيرج گهر ڇڏي هليو ويو. هوُ لالپور مهوئا جي گهر پهتو. مهوئا نيرج سان لپٽي ويئي ۽ زار زار روئڻ لڳي. نيرج ڪيس تسليءِ ڏيندو رهيو. اچانڪ مهوئا گهبرائجي ڪري چيو- ”تون هتي ڇو آيو آهين؟ ويري وري حملو ڪري سگهن ٿا.“

نيرج چيس، ”آءٌ ٻچي ڪري توکان پري رهي نہ سگهندس. ٻيهر حملي جي هوُ همت نہ ڪري سگهندا. پوليس ڪين تلاش ڪري رهي آهي. مون ڪنهن جو بہ نالو نہ ورتو آهي. ضرورت پيئي تہ پوليس کي حملاورن جو نالو پتو ٻڌائين ڪين گرفتار ڪرائيندس. اِن ڪانسواءِ منهنجي رڪيا لاءِ تنهنجا پائر آهن ئي. هتي گهڻو وقت رهڻو ناهي. آءٌ توکي جلد ممبئيءَ وٺي هلندس، اُتي هلي رهنداسين. اُتي ئي ڪوئي ڪم ڪندس.“

راجيش ڪنهن نموني شوٽنگہ ڪئي. ايڊيٽنگہ ٽيبل تي ڪجهہ ڪٽ ست ڪئي. ڪجهہ فوٽيج ري-شوُٽ ڪرڻ جي سوچيائين. ري-شوُٽنگہ پوري ڪري، سائونڊ رڪارڊنگہ، ڊبنگہ ڪانپوءِ پرنٽس تيار ڪرائڻ لاءِ چاپڙيا کي چيائين.

راجيش هڪ خاص ائنگل تان مهوئا جو ورتل ڪلوز اپ فوٽو جا پوسٽر تيار ڪرايا. هڪ پوسٽر ريگل ٽاڪيز اِندور تي لڳارايئين. اِندور ميونسپل ڪارپوريشن جي في پري اِجازت وٺي ٻيو ريگل ٽواٽي تي خاص جڳهہ تي لڳارايئين. پوسٽر ايترو پُرڪشش هو جو ڏسڻ واري جي نظر ٽڪي پئي وڃي. پوسٽر ڏسڻ وارا وات ويندڙ ٻيهجي تي ويا. ٽوُ-وهيلر، فور وهيلر وارا وهيڪل روڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوسٽر تي ڀرپور نظر وجهڻ لڳا. ماڻهن ۾ فلم ڏسڻ لاءِ ڪريز پيدا ٿيندي ويئي. درشڪ بي صبريءَ سان فلم رليز ٿيڻ جو اِنتظار ڪرڻ لڳا. آخر فلم رليز جي تاريخ ظاهر ڪئي ويئي. هڪ هفتو اڳ ائڊوانس بوڪنگ شروع ڪئي ويئي. فلم هڪ ئي ٿاڪيز ۾ لڳي رهي هئي، ٽڪيٽ ونڊو تي زبردست ڀيڙ لڳي ويئي. پهرئين ڏينهن ئي هڪ هفتي جا سڀ شوز هائوس فل ٿي ويا. هفتي ۾ ته هڪ مهني جي ائڊوانس بوڪنگ ٿي ويئي.

آخر اِنڊور ۾ فلم شڪروار جي بجاءِ وسپت ڏينهن رليز ٿي. پهرئين ڏينهن فلم جو پروڊيوسر ۽ ڪلاڪار درشڪن سان روبرو ٿيا. جن کي ٽڪيٽ ملي هئي سي بيحد خوش هئا. جن کي ٽڪيٽ نه ملي هئي سي ٿئيٽر جي ٻاهر بيهي ڪلاڪارن جي هڪ جهلڪ پائڻ لاءِ اِنتظار ڪرڻ لڳا. فلم جو پرچار نه ٿيو، نه پروموشن لاءِ ڪلاڪار آيا. اُن جي باوجود فلم جي لاءِ درشڪن ۾ ديوانگي ڇانئجي ويئي. ائڊوانس بوڪنگ جو سلسلو جاري رهيو هو. بزنيس جي سلسلي ۾ اِنڊور ۾ ٻاهران اچڻ وارا واپاري به فلم ڏسڻ جو جتن ڪرڻ لڳا.

اِنڊسٽريءَ جا ماڻهو حيران هئا، هڪ ناتجربيڪار نوجوان ٿوري بجيٽ ۾ اهڙي سُپر هٽ فلم ڪيئن ناهي سگهيو. پهرئين شو ختم ٿيڻ تي درشڪ جهوُمندا ٻاهر نڪرڻ لڳا. شڪروار ڏينهن ملٽي اِسٽار ۽ وڏي بجيٽ واري فلم ملٽيپليڪس ۽ ٿئيٽرن ۾ لڳي. هائوس اڌ به نه ڀريا. ڊسٽريبيوٽر جي چهري تي مُردني ڇانئجي ويئي. ڊالر سئنيما، چلر سئنيما کان مات کائي ويئي.

مُدت کان ڪنهن فلم هڪ ئي ٿاڪيز ۾ هلي سلور جبلي ملهائي. اِهو رڪارڊ درج ڪرايو فلم مهوٽا. اِنڊور جي ريگل ٿاڪيز ۾ فلم جو سلور جُبلي فنڪشن رکيو ويو. ڪيترائي معزز مهمان آيل هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجيش جي عرض تي سندس پتا ستيش، ماتا سُنيتا ۽ سُڄاتا کي بہ گُهرايو ويو هو. سروڻ ڪمار پڻ ٽيم سوڌو موجود هو. ڊسٽريبيوٽر مهمانن جو سواڳت ستڪار ڪيو. اُن ڪانپوءِ پروڊيوسر مسٽر ڇابڙيا کي ڪلاڪارن جي سُڃاڻپ ڪرائڻ لاءِ چيائين. اُن وقت مهوئا فيس اِن ڪرائوڊ هئي. درشڪن جي نگاهہ مهوئا جي چهري تي ٽڪيل هئي. جنهن پوسٽر کين ڪريزي بڻايو هو، سو چهرو سندن اکين جي سامهون هو.

مائيڪ مسٽر ڇابڙيا سنڀاليو. چيائين، ”آءٌ اِندور جي درشڪن جو تهدل سان شڪرگذار آهيان، اڄ جي دؤر ۾ فلم جي ٽن ڏينهن جي ڪاميابيءَ تي جشن ملهايو ٿو وڃي اُتي ڪيترن ڏهاڪن ڪانپوءِ ڪائي فلم سلور جُبلي ملهائي اُن جي ڪريڊٽ آءٌ فلم جي ڊئريڪٽر مسٽر اٿڄاڻ، فلم جي هيرو هيروئن مسٽر نيرج ۽ مس مهوئا سان گڏ فلم ۾ هِٽ ميوزڪ ڏيڻ لاءِ مسٽر سروڻ ڪمار ۽ سندس ساٿين سان گڏ اِندور جي درشڪن کي ٿو ڏيان. جن سيني گڏجي فلم کي هِٽ بڻايو آهي.“ درشڪن سيٽيون ۽ تاڙيون وڄائي پنهنجي خوشيءَ جو اِظهار ڪيو.

ڇابڙيا انائونس ڪيو، ”آءٌ ڪامياب فلم ميڪر مسٽر ستيش کي عرض ڪندس تہ اِسٽيج تي اچي مسٽر اٿڄاڻ کي ٽرافي ڏين.“

ستيش مُسڪرائيندو اِسٽيج تي آيو. راجيش جُهڪي پيري پيس. ستيش ڇابڙيا کان مائيڪ وٺي چيو- ”دوستو، جنهن کي توهان اٿڄاڻ سڏي رهيا آهيو، سو اٿڄاڻ ناهي، منهنجو سُپتر راجيش آهي. ڇابڙيا سميت سيني مهمانن ڇرڪ ڀريو. فقط سروڻ ۽ ڪمارس مُسڪرائي رهيا هئا. راجيش اٿڄاڻ اِنڪري بڻيو جو ڪيس پنهنجي سُڃاڻپ ٻڌائڻي هئي. ڪيس منهنجي مدد ڪان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سواءِ پنهنجي پوزيشن ٻڌائڻي هئي جيڪا هن سلور جُبلي هِٽ فلم ڏيئي ٻڌائي آهي ۽ خود کي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. هاڻي ماڻهو منهنجي لاءِ چوندا، هوُ ڏسو راجيش جو پيءُ ٿو وڃي.“

راجيش وري پيءُ جي قدمن ۾ جُهڪيو. ستيش ٻانهن ۾ ڀري گلي لڳياس. ستيش رجيش کي ٽرافي ڏني ۽ چاٻڙيا ڪيس مکنتاڻي جو چيڪ ڏنو.

راجيش اِستيج کان هيٺ لهي ٽرافي وڃي سُجاتا کي ڏني ۽ چيڪ جُهڪي سُنيتا جي قدمن ۾ رکيو. سُنيتا سندس مٿو چُمي چيڪ سندس کيسي ۾ رکيو. فنڪشن پورو ٿيو. مهمان وڃڻ لڳا. چاٻڙيا راجيش کان پڇيو، ”ممبئي ڪڏهن ايندين؟“

”جلد ايندس سر.“

راجيش مهوئا کي گهر وٺي ويو. کيس مکنتاڻي جو 20 لک جو چيڪ ڏيئي پُڇڻ لڳو- هن رقم جو ڇا ڪندين؟

”مونکي ڪهڙي خبر؟“

”ڏس، تون بئنڪ ۾ کاتو کولائي هيءُ چيڪ اُن ۾ جمع ڪراءِ. اڳتي به فلمن ۾ ڪرڻ جو اِرادو هجئي ته مسواڙ جو مڪان وٺي ممبئيءَ وڃي رهه. جڏهن فلئٽ خريد ڪرڻ جي حيثيت ٺهجي، تڏهن پنهنجو فلئٽ خريد ڪجانءِ.“

نيرج مکنتاڻي جا پئسا پيءُ کي ڏنا. ماڻس پٽس بيحد خوش ٿيا.

مهوئا کي پنهنجي گهر ڇڏي راجيش نيرج سان گڏ آرام لاءِ مانڊو هليو ويو. ٻن ڏينهن کانپوءِ راجيش للِيءَ کان پُڇيو، ”منهنجي اينڊڙ فلم ۾ ڪم ڪندينءَ؟“

للِيءَ چيس، ”فقط ڪاسٽيوم ڊزائيننگ جو.“ فون ڊسڪنيڪٽ ڪري ڇڏيائين. راجيش نيرج کان پُڇيو، ”مهوئا جو ڇا ڪريون؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’’ڪرڻو چاهي، گهر روانو ڪريس.‘‘
’’نہ نيرج، سندس پائر لالچي آهن، ڪيس قري ڪائيندا.‘‘
’’اُن سان اسان جو ڪهڙو واسطو؟‘‘
’’نيرج، اِهو نہ وسار هن اسان کي سلوَر جُبلي هِٽ فلم ڏني آهي. تنهنجي ڪيريئر لاءِ بہ مهوئا ضروري آهي. توهان ٻنهين جي جوڙي هِٽ ٿي ويئي آهي. ڪيترائي پروڊيوسر توهان کي پنهنجي فلم ۾ کڻڻ چاهيندا. تون في الحال ڪيس پاڻ وٽ رکہ، ممبئيءَ ۾ مسواڙ جو مڪان وٺي وڃي رهو.‘‘
’’پلي، ماڻهو اسان جي لوَ اِن رليشنشپ جي هوا اُڏائي اسان کي بدنام ڪن.‘‘
’’جنهن کي تون بدنامي ٿو چئين، سا توهان جي مفت جي پبلسٽي ٿيندي. توهانجي فئنس جو عدد وڌندو اِن سان گڏ توهان جو ريٽ بہ وڌندو.‘‘
’’اِها تہ اُها ڳالهہ ٿي تہ بدنام ٿينداسين تہ نہ نالو ٿيندو؟‘‘
’’تون بدنام ٿي سگهين ٿو ليڪن بد ناهين، ڊچ نہ، اڳتي وڌ.‘‘
’’هتي ڇا لاءِ آيو آهين؟‘‘
’’رليڪس لاءِ.‘‘
’’تہ رليڪس رهہ ۽ رهڻ ڏي. ٽينشن ڇو ٿو ڏين. هل تہ هلي بيئر پي اچون.‘‘
’’هل‘‘ چئي راجيش اُٿيو ٻئي دوست بار ۾ ويا، پي ڪائي واپس اچي سُمهي پيا. ٻنهي کي گهري ننڊ اچي ويئي. شام جو چانهہ پي گهمڻ نڪري ويا.
ٻنهي کي ماندو آئي ٽي ڏينهن ٿي ويا هئا رات جو بيئر جي ڍڪ پيري راجيش چيو- ’’سوچيان ٿو سُپاڻي واپس هلو.‘‘
’’اڳتي جو ڇا پروگرام آهي؟‘‘


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اِنڊور هلي سوچيندا سين.“

راجيش وٽ نئين پروجيڪٽ لاءِ نہ سبجيڪٽ هو نہ نئون چهرو. هوُ مهوئا کي دُهرائڻ نہ پيو چاهي. وڏيءَ مشڪل سان اُن مان جند ڇڏائي هئائين. هوُ اِهو ئي سوچي رهيو هو تہ موبائيل جو رِنگ ٽون وڳس.

راجيش موبائيل آن ڪري ڪن سان لڳايو. ڪال ممبئيءَ مان ڪنهن ڊيوڊ جو هو. هوُ راجيش، نيرج ۽ مهوئا کي پنهنجي فلم ۾ ڪٽڻ لاءِ خواهشمند هو. راجيش ڪيس سوچي ٻڌائڻ لاءِ چيو. ڊيوڊ جو نمبر سيوَ ڪري ڇڏيائين.

راجيش نيرج سان ڳالهائڻ سندس گهر ويو. سندس نظر هڪ نوجوان حسين چهري تي پيئي. چپن تي مُسڪراهٽ ۽ چهري ۾ عجيب ڪشش هيس. راجيش کي اُن حسينا ۾ هيروئن جي جهلڪ نظر آئي. رواجي ڪپڙن ۾ بہ بيحد خوبصورت لڳي رهي هئي. حسينا جي باري ۾ ڄاڻڻ لاءِ راجيش نيرج وٽ ويو. اُن حسينا جي باري ۾ پُڇڻ تي نيرج افسوس ظاهر ڪندي چيس- ان جو نالو رجني آهي. سندس قسمت اُماس جي سياهہ رجني (رات) کان بہ وڌيڪ سياهہ آهي. رجني سندن گهر ۾ مئڊ سروَنٽ هئي. ڪجهہ ٻين گهرن ۾ پڻ ڪم ڪندي هئي. مڙس شرابي هئس، پنهنجي ڪمائي نشي ۾ اُڏائيندو هو. رجني پورهيو ڪري گهر هلائيندي هئي. اُن ۾ ئي هوءَ راضي هئي. سندس چپن تي هروقت مُسڪراهٽ هوندي هئي. سندس پاڙي مڙس زال جي ڪمائيءَ تي بہ هٿ صاف ڪرڻ چاهيندو هو، منع ڪرڻ تي گارگند ۽ مارڪُٽ بہ ڪندو هئس. ويچاري مات ميٽ ۾ سهندي رهندي هئي. جڏهن وڌيڪ مارڪُٽ سهندي هئي، تڏهن هڏ ڇيڇلائيندا هئس تہ ڪم جو ناگو ڪندي هئي. لڳي تو مالڪ سندس دماغ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خانو خالي رکي ڇڏيو هو، اَهڙي ذليل مڙس جي وڏيءَ حياتيءَ لاءِ
ڪڙوا ڇوٽ جو ورت رکندي هئي، سچو ڏينهن ٻُکي پياسي رهي
ڪري بہ ڪم جو ناگو نہ ڪندي هئي.

”يار نيرج، تو مونکي ڪهاڻيءَ جو سبجيڪٽ ڏيئي ڇڏيو.
بس هاڻي هيروئن بہ ڏي، رجنيءَ سان ڳالهائي ڪيس مڃاءِ.“

’ڪوشش ڪندس، مگر اُميد گهٽ آهي، ناسمجهہ آهي،
سمجهدار هجي ها تہ اَهڙي مڙس کي ڪڏهن جو لت هڻي ڇڏي
هلي وڃي ها. اُهو بہ تڏهن، جڏهن هوءَ سيلف ڊپيندنٽ آهي.“

”ڪوشش ڪر، شايد مڃي وڃي. آءٌ ڪيس پنهنجي فلم ۾
هيروئن بڻائڻ ٿو چاهيان، ۽ ها، تنهنجي لاءِ خوشخبري آهي،
ممبئيءَ مان ڪنهن مسٽر ڊيوڊ جو فون هو. هوُ توکي ۽ مهوئا کي
پنهنجي فلم ۾ کڻڻ ٿو چاهي.“

”۽ تون؟“

”آءٌ ڪجهہ وقت ڇاپڙيا سان جُڙيو رهڻ ٿو چاهيان ۽ ها منهنجي
ايندڙ فلم جو هيرو بہ تون ئي هوندين ۽ هيروئن رجني.“

”مڃي تڏهن تہ؟“

”مڃي ويندي، تون ڪوشش تہ ڪر.“

راجيش نيرج کي ڊيوڊ جو نمبر ڏنو. نمبر لڳائي نيرج چيو-
”مسٽر ڊيوڊ، راجيش ڪجهہ وقت ڇاپڙيا سان جُڙيو رهڻ ٿو چاهي،
آءٌ ۽ مهوئا توهان جي فلم ۾ ڪم ڪرڻ جي لاءِ تيار آهيون.“

”نيڪ آهي، ممبئيءَ اچي ملو. ڪنيڪشن ڪٽجي ويو.“

نيرج پڇيو، ”راجيش ممبئيءَ وڃي رهنداسين ڪٿي؟“
”سنجنا جو فلئٽ خالي پيو هوندو. ڊئڊيءَ کي چئُو، توهان
کي مسواڙ تي وٺرائي ڏيندو، ليڪن وڃڻ کان اڳ منهنجو رجنيءَ
سان ڳالهائڻ ڪرائي وڃجانءِ.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيرج رجنيءَ سان ڳالهايو، رجنيءَ صاف منع ڪري ڇڏيس. هوءَ راجيش سان ڳالهائڻ لاءِ ئي تيار نہ هئي. راجيش کي نااُميدي ٿي. ليڪن کيس ڪهاڻيءَ جي آئيڊيا ملي ويئي هئي. هوُ ڪهاڻيءَ کي ڊيولپ ڪرڻ ۾ لڳي ويو. هوُ هاڻي بہ دلي طرح چاهي پيو تہ رجنيءَ کي ان نرڳہ مان ڪڍي عزت ۽ آرام واري زندگي ڏيئي سگهي. راجيش جو رجنيءَ سان سڌيءَ طرح ڳالهائڻ ٻولهائڻ نہ هو. نيرج بہ ممبئيءَ هلي ويو. کيس ڪجهہ سُجهو نٿي. هن ماندو وڃڻ جو ويچار ڪيو.

شام جو وقت هو، هوُ لان ۾ ڪُرسيءَ تي ويٺو ڪُجهہ سوچي رهيو هو، تڏهن پرِيِ ڇهري واري هڪ ڇوڪري سندس پرسان اچي رُڪي. مُسڪرائي چيائينس، ”هاءِ هيرو!“

راجيش جو ڌيان ڇوڪريءَ طرف ويو. بلا جي خوبصورت هئي، راجيش مُسڪرائي چيس، ”هاءِ حوُر!“

”آءٌ هتي ويهان؟“

راجيش شرارت مان چيس- ”ڪٿي وهندينءَ؟ منهنجي گود ۾؟“

”ويهاريندي تہ ويهي رهندس.“

راجيش اُٿي کيس پنهنجي ڪُرسي آفر ڪئي، پنهنجي لاءِ هڪ ٻي ڪُرسي کڻي آيو ۽ اُن ڇوڪريءَ جي پرسان ويهي رهيو.

ڇوڪريءَ مُسڪرائي چيس ”ايتري وزني تہ نہ آهيان، جو گود ۾ ويهارڻ کان ڊڄي وئين؟“

”تون تہ ايتري هلڪي آهين جو هوا جي هڪ جهوُٽي ۾ اُڏامي وڃين، منهنجي گود ۾ وهين ها تہ ڊپ هو تہ آءٌ بہ توسان گڏ اُڏامي وڃي ڪاهيءَ ۾ ڪران هان.“

ڇوڪري ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳي. سندس کلڻ سان سندس ٻتيهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موتين جي لڙ به چمڪڻ لڳي.

راجيش رليڪس محسوس ڪرڻ لڳو. ڇوڪريءَ ڏانهن مخاطب ٿي پُڇيائين، ”آءٌ ڪِل جي ڦوهاري جو نالو ڄاڻي سگهان ٿو؟“

”زينت.“

”ڪنهن جي زينت آهين تون؟“

”اڃا ته ڪنهن جي به نه، تون چاهين ته پنهنجي ٻڌائي سگهين ٿو.“

”في الحال ته دوستيءَ مان ڪم هلايون.“ راجيش زينت جي چهري کي غور سان ڏسي پُڇيس- ”ڪٿي تون زينت قاضي ته نه آهين؟“

زينت ڇرڪ ڀري پُڇيس، ”هيءَ اسان جي پهرين مُلاقات آهي، توهان ڪيئن سُڃاتو ته آءٌ زينت قاضي آهيان؟“

”ڀوپال جي ڪمار فئلميءَ سان اسان جا دوستاڻا تعلوقات آهن. توهان جي شڪل نيلم قاضيءَ سان هوبهو ملي ٿي.“

”هوءَ منهنجي آپا آهي. آءٌ اُنهيءَ وٽ گهمڻ آئي آهيان. آپا ماندوءَ جي بيحد تعريف ڪئي ته رهيو نه ٿيو، هلي آيس.“

”تون ڪراچيءَ مان آئي آهين نه؟“

”نه، لنڊن مان. مُدت ٿي آهي ڪراچيءَ کي ڇڏي.“

”تعجب آهي، جڏهن سنڌ پوميءَ کي پنهنجي اؤلاد جي ضرورت آهي، اُن جي اؤلاد سنڌ ڇڏي ٻين ملڪن ۾ وڃي رهي آهي.“

”توهان جا وڏا به سنڌ ڇڏي آيا نه، پُڇي سگهان ٿي ڇو؟“

”ورهاڱي ڪانپوءِ سندن سنڌ ۾ رهڻ دُشوار ٿي پيو، مجبورن سنڌ ڇڏڻي پيئي.“

”اسان سان به ساڳي ويڌن هئي. هاڻ سنڌ سنڌين جي رهي ڪٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي؟ سنڌ تي مهاجرن، پناڻن، بلوچن ۽ پنجابين اڃي قبضو ڪيو آهي. اڳي سنڌ عوام سيٺ شاهوڪارن، زميندارن، ميرن، وڏيرن جي غلامي ڪندو هو. هاڻي ڌاريا بہ مالڪ بڻجي ويٺا آهن. قيمتي زمينون مهاجرن، پنجابين، ملٽريءَ وارن ۽ نوڪرشاهن ورهائي ڪنيون آهن. سنڌي هاري اڄ بہ مسڪين آهي. سنڌ جون نوڪريون بہ ڌارين جي جهوليءَ ۾ وڃي ڪِريون پيون. سنڌو نديءَ تي بند ٻڌي پاڻيءَ جو وهڪرو پنجاب طرف موڙيو ويو آهي. سنڌ ريگستان ۾ تبديل ٿيندي ٿي وڃي. سنڌين لاءِ جيل جون سلاخون ۽ خودڪشي بچي آهي. پاڪستان ٺهڻ تي سنڌي هندن کي ڀارت لڏي وڃڻ لاءِ مجبور نہ ڪن ها تہ اڄ سنڌ جي اهڙي بُري حالت نہ ٿئي ها.“

”توهان نيڪ ٿا چئو. هاڻي چانهہ بہ پيئاريندا يا ڪورين ڳالهين سان پيٽ ڀرائيندا؟“

”چانهہ بہ پيئاريندس ۽ گهمائڻ بہ وٺي هلندس.“

راجيش زينت کي بائيڪ تي ويهاري نيلڪنٺ وٺي ويو. جتي اڳ ۾ لليءَ کي وٺي ويو هو. زينت اُتان جي قدرت جي سونهن ڏسي خوش ٿي ويئي. اُتان راجيش کيس سن سيٽ پوائنٽ تي وٺي ويو. سج لهڻ کان پوءِ بہ ٻئي ڪافي دير اُتي ويٺا رهيا. انڌيرو ڇانئجڻ لڳو، ٻئي اُٿي کڙا ٿيا. رستي ۾ راجيش زينت کان پُڇيو، ”بيئر هلندو.“

زينت چيس، ”اَڄ تنهنجي گلاس مان بہ ڍُڪ پِري وٺندس.“

ٻئي بار ۾ بيئر پيئندا ۽ ڳالهائيندا رهيا. ڳالهين ڳالهين ۾ راجيش زينت کي ٻُڌايو تہ هُو خود ۽ سندس پِتا فلم ميڪر آهن. زينت هيروئن بڻجڻ جي خواهش ظاهر ڪئي.

راجيش ٻُڌايس تہ هن وقت هُو خالي آهي. سندس پِتا کيس چانس ڏيئي سگهي ٿو. کيس نئين چهري جي تلاش آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساونڪمار ذريعي اپروچ ڪري سگهي ٿي. تنهنجو ڪم ٿي سگهي ٿو.

ڊرنڪ ختم ڪري، رسوئي ڪائي ٻئي هوٽل روپمتي موٽي آيا. ڪجهہ وقت کُلي جڳهہ ۾ گذاري ٻئي پنهنجي-پنهنجي ڪمري ۾ وڃي آرامي ٿيا.

ٻہ ڏينهن مانڊوءَ ۾ گذاري زينت پوپال موٽي ويئي. راجيش اُتي رُڪيو رهيو. شام جو هرروز وانگر ٻاهر لان ۾ هڪ ڪنڊ وٽي وڃي ويٺو. هن هڪ ٻي بہ خالي ڪُرسي پرسان رکي، شايد ڪوئي اُتي اچي ويهڻ چاهي. اُن ڏينهن ڪير بہ نہ آيو. راجيش سڄو ڏينهن روم ۾ ئي سُستيءَ ۾ ئي گذاريو.

شام جو وڃي لان تي ويٺو. هڪ ٻي ڪُرسي بہ پرسان رکي ڇڏي هئائين. هوُ اُتي هيٺ واديءَ ڏي نهاري رهيو هو تڏهن اچانڪ سندس ڪنن ۾ جِڻ تہ گهنٽيون وڳيون. ڪوئي ڪوئل جهڙي آواز ۾ اُتي ويهڻ جي اِجازت گُهري رهيو هو. راجيش ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏٺو، پرسان بيمثال سونهن جو نمونو بيٺو هو. سندريءَ جو رنگ گورو هو، اکين جو پُتليون ۽ زلف ڪارا هئس. چهري جو عڪس بہ ديسي لڳي رهيو هو. راجيش ڪيس نهٺائيءَ سان ويهڻ لاءِ چيو. ڇوڪري مهرباني چئي ڪري ڪرسيءَ تي ويهي رهي. ڇوڪريءَ ڳالهہ جو سلسلو جاري رکندي چيو، هتي توهان اڪيلا نوجوان ويٺا هئا تہ هلي آيس، مونکي بہ ڪمپنيءَ جي درڪار هئي.

”سنو ڪيوَ، هتي هلي آيا آهيو، آءٌ اڪيلو ويهي بور ٿي رهيو هوس.“

”توهان کي منهنجو رنگہ روپ ڏسي اچرج ٿي رهيو آهي نہ؟ اڪثر ماڻهن کي حيراني ٿيندي آهي. دراصل آءٌ ڪاڪتيل فئمليءَ مان آهيان.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڇا مطلب؟“

”منهنجو پرڏاڏو مدنلال رئيس شخص هئا. هوُ لنڊن گُهمڻ ويا هئا. هڪ ڏينهن سندن نگاهه هڪ خوبصورت ڇوڪريءَ تي پيئي. اُن جي سونهن تي ريجهي ويا. ڇوڪريءَ جو نالو هيلن ٽئچر هو. هوءَ رواجي پريوار مان هئي. ڏاڏو سائين لنڊن ۾ رُڪجي پيا. انگريزي ڳالهائڻ سکيا. ٿوري ئي وقت ۾ قرارٽيدار انگريزي ڳالهائڻ لڳا. اُنهن هيلن سان دوستي ڳنڍي. جلد ئي اُن سان شادي رچائي. سنڌ مان پنهنجو ڪاروبار سميٽي لنڊن ۾ وسي ويا. اُتي ئي ڪاروبار شروع ڪيائون. وديش ۾ رهندي به پنهنجي جڙن سان جُڙيا رهيا. ڏاڏيءَ کي سنڌي ڳالهائڻ سيکاريائون. سنڌي طعام ناهڻ، ڏڻ-وار ملهائڻ، گهر ۾ پورو سنڌي ماحول.

ڪين هڪ ئي پٽ ڄائو. سندن نالو رکيائون منوهرلال. سندس رنگ ماءُ تي روش پيءُ تي ويا. وڏو ٿي ڪري ڏاڏي سائينءَ هڪ فرينچ ڇوڪريءَ ريٽا ڊُگال سان شادي رچائي. اُنهن به خاندان جي ريت نڀائي. اسين ٻه، اسان جو هڪ ريٽا کي به سنڌي رنگ ۾ رنڱي ڇڏيائون. ڏاڏو ڏاڏي ٻئي گورا چِٽا هئا. منهنجي پتا جو رنگ به گورو هو. سندس نالو رکيو ويو موهنلال. منهنجي ماءُ ڀارتيه هئي. پڙهيل-ڳڙهيل ودوان عوَرت هئي. ڀارت جي وديش شيوا ۾ هئي. سندس ٽرانسفر لنڊن ۾ ڀارتيه دوُتاواس ۾ ٿيو. سندن نالو پاروتي هو. پتا صاحب جو ڪم ڪار سانگي ڀارتيه دوُتاواس ۾ اچڻ-وڃڻ هو. اُتي مميءَ سان ميل-ملاقات ٿين. جلد ئي شاديءَ جي بنڌڻ ۾ ٻڌجي ويا. آءٌ اينگلو فرينچ اِنڊين آهيان، نالو آهي پدما. منهنجو رنگ يوروپين آهي، عڪس اِنڊين. اُجين ۾ منهنجا ناناڻا آهن. آءٌ ڀارت گهمڻ آئي آهيان. ڄمون-ڪشمير، هماچل پرديش کان ٿي ايمر. پيءَ ۾ آئي آهيان. کجوراهو، پنچمڙهيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان ٿي هتي مانڊو آئي آهيان. آءٌ انگلش، فرينچ، هندي ۽ سنڌي ٻولي ڄاڻندي آهيان.''

''توهان جهڙي خوبصورت ودوان ڇوڪريءَ سان ملاقات ٿيڻ تي آءٌ پنهنجي خوش قسمتي ٿو سمجهان.''

''توهان پنهنجي باري ۾ نہ ٻڌايو؟''

''منهنجو نالو راجيش ستيش آهوجا آهي. آءٌ بہ سنڌي آهيان. سنڌي، هندي، انگريزي ٽي ٻوليون ڄاڻندو آهيان. فلم ميڪر آهيان. آشيانو اِندور ۾ آهي. رليڪس ٿيڻ لاءِ مانڊو ايندو رهندو آهيان.''

''تڏهن تہ توهان مانڊوءَ ڪان بخوبي واقف هوندا. مونکي مانڊو گُهمڻ ۾ گائيڊ ڪري سگهندا؟''

''ضرور. مانڊو ۾ گهٽا ڏينهن رُڪڻ جو پروگرام اٿوَ؟''

''اڄ جو ڏينهن تہ ويو، بہ ڏينهن پيا رُڪندس.''

''بہ ڏينهن ڪافي آهن. توهان کي مانڊوءَ جو پورو سئر ڪرائيندس. سڀ ڏسڻ جهڙيون جڳهيون ڏيکاريندس. هتان ڪيڏانهن وڃڻ جو اِرادو اٿوَ؟''

''اُڄين ويندس.''

''اُڄين جو رستو اِندور ڪان آهي. توهان مونسان گڏ اِندور هلجو، منهنجي گهر هلي رُڪجو، اِندور گُهمائي پوءِ توهان کي ڪار ۾ اُڄين ڇڏي ايندس.''

''مهرباني ٿيندي توهان جي.''

''ڏسو، دوستيءَ ۾ نو ٿئنڪس، نو ساري. بهتر آهي.''

راجيش ويٽر کي سڏي ڪيڪ سلائيس، سئنڊوچ، پڪوڙا ۽ بسلريءَ جي بوتل جو آرڊر ڏنو. اُن ڪانپوءِ ڪافي آڻڻ لاءِ چيائينس. ويٽر آرڊر وٺي هليو ويو. پدما اُٿي موبائيل ڪئميرا سان سامهون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦلپل پهاڙ، آبشار ۽ واديءَ جا فوٽو ڪڍڻ لڳي. راجيش سان گڏ سيلفي بہ ورتائين. پوءِ اچي ڪُرسيءَ تي ويهي رهي.

ويٽر آرڊر سروَ ڪري ويو. ناشتو ڪري ڪافي پِي راجيش پدما کي چيو، ”تيار ٿي اچ. گُهمڻ ٿا هلون.“ پدما اُٿي روم ۾ هلي ويئي. پدما جي واپس اچڻ تي راجيش پدما کي بائيڪ تي ويهاري رام مندر وٺي ويو. رام مندر ۾ درشن ڪرڻ کان پوءِ ٻئي جامع مسجد ويا. اِستان گهمڻ سان راجيش گائيڊ وانگر اُنهن جڳهين جي ڄاڻ بہ ڏيندو ويو. اُتان ٽي ٻئي ايمپوريم، سمال اِسڪيل انڊسٽري ڪارپوريشن مانڊو، هٽنڊي ڪرافٽ ويا. اُتان پدما ڪجهہ خريداري ڪئي. پوءِ ٻئي هوٽل موٽي آيا. ٻنهين ڊنر گڏجي ڪيو. اُن کانپوءِ ٻئي پنهنجي پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪرڻ هليا ويا.

ٻين ٻن ڏينهن ۾ راجيش پدما کي مانڊوءَ جون سڀ ڏسڻ جهڙيون جڳهيون ۽ پوائنٽس گُهمايا. ڪائي ڪسر نہ ڇڏيائين. پدما ڍير سارا فوٽو ڪڍيا. پدما وٽ لڳيج گهڻو نہ هو. هڪ ڪِٽ ۾ سڄو سامان اچي ويس. ڪِٽ پدمان ٻُنيان لٽڪائي راجيش پنهنجي ڪِٽ اڳيان لٽڪائي. پدما کي ٻُنيان بائيڪ تي ويهاري اِنڊور پنهنجي گهر وٺي ويو. ڪيس ٻنهين ماتائن وٽ وٺي ويو ۽ واقفيت ڪرايائينس. پدما کي ڏسي سُنيتا ۽ سُجاتا کي خوشي ٿي. ٻئي ڪيس نونهن جي روپ ۾ ڏسڻ لڳيون. راجيش پدما کي اِنڊور ۽ آسپاس جا ڏسڻ جهڙا اِستان ڏيکاريا. شام جو ٻئي ريجنل پارڪ ۾ بوٽنگ ڪري رهيا هئا. پدما پڇيس- ”راجيش تو ٻُڌايو نہ تہ تون ڪندو ڇا آهين؟ “

راجيش ٻُڌايس تہ هوُ اِسڪرپٽ رائيٽر ۽ فلم ڊائريڪٽر هو. پدما چيس، ”آءٌ ڏسان ٿي تون ڪيترن ڏينهن کان خالي وينو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهين. ڪجهہ ڪرين نٿو، وجهہ؟“

راجيش پدما کي ڪارڻ ٻڌايو. ڪيس رجني، سندس ناسمجهي ۽ بي‌رُخي جي باري ۾ ٻڌايو ۽ چيائينس تہ رجنيءَ جي ڪري سندس پروجيڪٽ اٽڪيو پيو هو.

پدما چيس- ”تو ٻڌايو تہ رجنيءَ جو مڙس شرابي آهي، اُن جو هٿ بہ تنگ رهندو آهي، اڪثر هو پئسن لاءِ رجنيءَ کي ماريندو بہ آهي.“

”اِهو سچ آهي.“

”ڪهاڻيءَ ۾ رجنيءَ جو مڙس ڪمزور ڪڙي آهي، اُن کي ساڌ.“

”ڪيئن؟“

”ڪيس خوب پيئار، پئسن جي لالچ ڏيس. پئسن لاءِ اَهڙو ماڻهو پنهنجي زال وڪڻڻ لاءِ بہ تيار ٿي ويندو آهي.“

”نہ، اِهو غلط ٿيندو.“

”تون رجنيءَ جي زندگي سنوارڻ ٿو چاهين نہ؟ هوءَ تڏهن تنهنجي ڳالهہ مڃيندي جڏهن مڙس کان نفرت ٿي ويندس. ڪيس مڙس سان نفرت تڏهن ٿيندي جڏهن هوُ ڪيس وڪڻ جو عظيم گناهہ ڪندو. هوءَ تنهنجي ڳالهہ مڃڻ لاءِ مجبور ٿي ويندي. ڇو تہ تون سندس مالڪ بڻجي ويندين.“

”هوءَ مون سان بہ نفرت ڪرڻ لڳندي.“

”تيستائين جيستائين هوءَ نرڳہ مان نڪري سُرڳہ ۾ نہ پهچندي. جڏهن ڪيس سچائيءَ جي خبر پوندي تہ هوءَ تنهنجي گولي ٿي رهندي. پوڄا ڪندي تنهنجي.“

”نہ تہ مونکي ڪنهن کي گولي بڻائڻو آهي ۽ نہ ئي پاڻ پوڄائڻو آهي:“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ سهي، تہ وٽ فقط اِهو ئي هڪ اُپاءُ آهي.“
”شايد تون ٺيڪ ٿي چئين.“
”هاڻي ڇا اَٿئي اِرادو؟“
”ٿڪجي پيئي آهين؟“
”نہ ٿڪي آهيان.“
”تڏهن تہ ڪجهہ دير اچا ٻوٽنگہ ڪنداسين. پوءِ ڪنهن سُٺي هوٽل ۾ هلي ڊنر ڪائينداسين.“
”رسوئي تہ گهر جي ئي ڪائبي. هوٽل جو ڪائي-ڪائي ٿڪي آهيان.“
”هل تہ پوءِ گهر ئي ٿا هلون. ڪجهہ وقت گهر ۾ گذاريندا سين.“
راجيش ڪشتي ڪناري ڏانهن موڙي.
راجيش رجنيءَ جي ريڪي ڪرڻ شروع ڪئي. هوءَ ڪنهن وقت ڪيڏانهن اچي وڃي ٿي. ڪنهن وقت گهران نڪري ڪم تي وڃي ٿي. ڪنهن وقت گهر واپس موٽي ٿي. رجني راجيش کي نہ سُڃاڻندي هئي. هڪ ڏينهن رجني ڪم نپٽائي گهر موٽ ڪاڏي. راجيش رجنيءَ جي نظر بچائي سندس پُٺ ورتي. ٽي ڪلوميٽر پئدل هلي رجني گهر پهتي. اِها سلم ايريا بستي هئي. اُن بستيءَ ۾ رجنيءَ جو گهر هو. چوڻ لاءِ اُها جهوپڙپٽي هئي، ليڪن اُتان جا باشندا ناٽ سان رهيا پيا هئا. گهرن ۾ سنگل بتي ڪنيڪشن مليل هئن. ڪيترن گهرن ۾ فرج، ٽي. وي. موجود هئا. ڪوئي روڪڻ ٽوڪڻ وارو نہ هئن. اُهي سڀ هڪ نيتا جي ووٽ بئنڪ هئا.
ٻئي ڏينهن تي راجيش رجنيءَ جي مڙس جي ريڪي شروع ڪئي. ڪڏهن هوُ گهران نڪري دارونءَ جي دڪي تي ويندو هو، ڪيتري دير اُتي رُڪندو هو، ڪيترو پيئندو هو، ڇا ڪائيندو هو وغيره.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجيش محسوس ڪيو تہ ديسي جي عاديءَ کي ولائتي شراب پسند نہ ايندو. ھن ديسي داروءَ جون ٻہ ٻوتلون گھرائي ورتيون. ٻئي ڏينھن شام جو راجيش رواجي ڪپڙن ۾ رجنيءَ جي گھر جي پرسان ويو. جيئن ئي رجنيءَ جو مڙس ٻاھر نڪري نيڪي تي وڃڻ لڳو، راجيش پُٺ ورتس. رجنيءَ جي مڙس وٽ پئسا نہ ھئا. رجنيءَ کي گاريون ڏيئي مار ڪُٽ ڪري ٿورا پئسا وٺي آيو ھو. اُن مان سندس ڪم ھلڻ وارو نہ ھو. ھوُ سوچ ۾ ٻُڏل بيخيالو وڃي رھيو ھو. تڏھن راجيش سندس ڪُلھي تي ھٿ رکيو. ھن چرڪ ڀري راجيش طرف نھاريو ۽ پُڇيائينس، ”تون ڪير آھين ڀائي؟“

”ڀائي تو چئين ۽ پُڇين ٿو آءٌ ڪير آھيان؟“

”ڇا ماجرا آھي؟“

”اڄ مون سان گڏ پيئڻ وارو ڪوئي ساٿي نہ مليو آھي، تون مون سان گڏ دارون پيئندين؟“

”مون وٽ پئسا نہ آھن.“

”مون وٽ جام آھن.“

”تون پيئاريندين؟“

”ھا.“

”پنھنجو نالو تہ ٻڌاءِ؟“

”پھريائين تون ٻڌاءِ.“

”پرسو.“

”آءٌ ٻاشو.“

پرسي پُڇيس- ”ڪيڏانھن وٺي ھلندين؟“

”ھل ڪنھن ھوٽل ۾ ھلي ٿا ويھون. مال موت وٽ ساڻ آھي.“

راجيش کي ھٿ ۾ جھولو ھو. راجيش پرسي کي ھڪ ھوٽل جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمري ۾ وٺي ويو. اُتي ڪيس ڪُرسيءَ تي ويهاريائين. ويٽر کي سڏي ٿڌي بيئر، آلو فنگر ۽ هڪ ڦل چڪن روسٽ جو آرڊر ڏنو. جهولي مان وسڪيءَ جي بوتل ڪڍي ٽيبل تي رکيائين.

پرسو حيرت سان روم کي ڏسڻ لڳو. راجيش کان پُڇيائين، ”تون هتي رهندو آهين؟“

”ها.“

”وڏو اَمير آهين؟“

”نہ.“

”تہ پوءِ هيءُ ٺاٺ باٺ؟“

”بس هيراڦيريءَ سان ڪم هلي ويندو آهي. وسڪي پيئندين نہ؟“

”آءٌ تہ ديسي ئي پيئندس. جلد گهراءِ.“

”مون وٽ آهي. بئرو گلاس کڻي اچي تہ شروع ٿا ڪريون.“

”تون ڪڍ تہ سهين، گلاس تہ ايندي-ايندي ايندا.“

راجيش وسڪيءَ جي بوتل واپس رکي ديسي ٺرري جي بوتل ڪڍي ٽيبل تي رکي. پرسو بوتل کڻي ڍڪڻ هٽائي، بوتل وات سان لڳائي ٻہ-ٽي وڏا ڍُڪ ڀريا. پوءِ ساهہ کڻڻ لاءِ رُڪيو. ويٽر ٻہ صاف گلاس رکي ويو. اُن سان گڏ بيئر جي بوتل بہ کولي رکي ويو. راجيش بيئر جي بوتل وات سان لڳائي ڍُڪ ڀري بوتل ٽيبل تي رکي. پرسو بہ بوتل وات سان لڳائي پيئڻ لڳو. سنيڪس اچڻ تائين ٻنهين پنهنجي-پنهنجي اڌ بوتل خالي ڪري ڇڏي.

راجيش چڪن جي پليٽ پرسي طرف وڌائي.

پرسي پُڇيس- ”هيءُ پورو منهنجي لاءِ آهي؟“

راجيش جي ها چوڻ تي پرسو چَڪن مٿان ٽُٽي پيو. چَڪن جي لڳ ڀڳ سڄي پليٽ ۽ بہ حصا بوتل خالي ڪري ڇڏي. هوُ نشي ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽُٻ ٽيڻ لڳو.

راجيش پرسي کان پُڇيو، ”تنهنجي زال ڏاڍي خوبصورت آهي؟“

”سالي آهي تہ، خبر ناهي ڪيترا عاشق ناهي رکيا اٿئين. صبوح جو گهران نڪرندي آهي، شام جو موٽندي آهي.“

”تڏهن تہ خوب ڪمائيندي هوندي؟ پوءِ بہ توکي پيئڻ لاءِ پئسا نہ ڏيندي آهي.“

”خبر ناهي، جڏهن گهرندو آهيانس، نہ ڏيندي آهي.“

”تون اُن کي مون وٽ موڪلي سگهين ٿو؟“

”تون بہ اُن جو عاشق آهين؟“

”ساليءَ جي مسڪراهٽ ڏاڍي قاتل آهي.“

”اَڄ ئي موڪليانس؟“

”ڇا وٺندين؟“

”اڄ وانگر سياڻي بہ پيئارجانءِ ڪارائجانءِ.“

”هڪ ڏينهن ڪاڻ پيڻ سان ڇا ٿيندءُ؟“

”تہ پوءِ آءٌ ڇا ڪريان؟“

”پهريائين ڍُڪ پري پنهنجي پياس بُجهاءِ.“

پرسي بوتل منهن سان لڳائي. راجيش چيس، ”پرسرام سچ ٻُڌاءِ، تو لاءِ هيءَ بوتل وڌيڪ خوبصورت آهي يا تنهنجي بيبي؟“

”ڇا ٿو ڳالهہ ڪرين بادشاهہ؟ بوتل مٿان ڏهہ بيبيون قربان.“

”تون مونسان هڪ سوُدو ڪر، تون پنهنجي بيبي منهنجي حوالي ڪر، آءٌ تنهنجو زندگي ڀر جو پيئڻ ڪاڻ جو اِنتظام ڪندس.“

”اَڄ ئي موڪليانس؟“

”اَڄ نہ سُڀاڻي اَستامپ تي لکاپڙهي ڪرڻي پوندي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بادشاهہ جيڪي ڪپيئي لڪاءِ، جتي چوندين آڱونو لڳائيندس. سياڻي هتي وٺي اچانس؟“

”هتي نہ، تون اڪيلو هتي اچجانءِ پهريائين پيئنداسين- کائينداسين، پہ بوتلون ۽ پنج هزار نقد ڏيندوسانءِ. هر مهني توکي گهر ويٺي پنج هزار ملندا رهندا. هتان تنهنجي گهر هلنداسين. اُتي تون پنهنجي زال منهنجي حوالي ڪجانءِ. مونسان گڏ هلندي تہ سهين نہ؟“

”هلندي ڪيئن نہ؟ ساليءَ جا هڏ گڏ ڀڃي ڇڏيندس.“

”اُن جا هڏ گڏ ڀڃندين تہ هوءَ منهنجي ڪهڙي ڪم جي؟“

”چوٽيءَ کان پڪڙي گهر کان ٻاهر ڪڍندومانس.“

”ٺيڪ آهي، سياڻي هتي ملنداسين.“

ٻئي ڏينهن شام جو پرسو جلدي راجيش وٽ پهچي ويو. ائگريمينٽ فارم تي آڱونو لڳايائين. راجيش ٺرري جي بوتل هٿ ۾ ڏنس. چکن کارايائينس. جڏهن پي کائي چڪ ٿيو، تڏهن واعدي مطابق پنج هزار رپيا ۽ ٺرري جون ٻہ بوتلون ڏيئي چيائينس، ”هاڻي هل گهر.“

پرسو راجيش جي بائيڪ تي ويهي گهر پهتو. لڙکڙائيندڙ قدمن سان گهر ۾ گهڙيو. راجيش پٺيان ويس. پرسي رجنيءَ کي چيو، ”جيڪو سامان ڪٽڻو اٿئي ڪڻ. هن گهر مان تنهنجو داڻو پاڻي چُڪي ويو.“

رجنيءَ حيرت مان پرسي ڏي ۽ ٻپ مان راجيش ڏي نهاريو. پرسي پنهنجي ڳالهہ دهرائي. رجنيءَ جڙٻ ڏيئي چيس، ”ڇا ٿو بڪين؟“

پرسي رجنيءَ مٿان هٿ کنيو، راجيش اِشاري سان منع ڪيس. رجنيءَ خفي ٿيٰ چيس، ”ايترو ڇو ٿو پي اچين جو هوش ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نٿو رهئي؟“

پرسي جهوليءَ مان بوتل ۽ جيب مان نوٽ ڪڍي ڏيکاريندي چيس، ”هي بابو تنهنجو عاشق آهي. مون کان توکي خريد ڪري ورتو اٿائين، هاڻ تون نڪر هتان، بابو جاڏي چوئي اُن سان گڏ هلي وڃ.“

رجنيءَ اکين مان اُلاوسائيندي راجيش ڏانهن نفرت سان نهاريو. پوءِ ڪاتر آواز مان پرسي کي چيائين، ”يلي مونکي ڪُهي ڦٽو ڪر، آءُ جيئري هن گهر مان نہ نڪرندس.“

”تنهنجو ماس رڌي کائيندس؟ مونکي تہ پيئٽو آهي. بابوءَ زندگيءَ پر جوپيئڻ جو اِنتظام ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي دير نہ ڪر، نڪر هتان.“

رجنيءَ غم، غصي ۽ نفرت وچان پرسي جي منهن تي ٿُڪ اُڇلي پرسي جي وات مان گار نڪتي. رجنيءَ ٺڦ وهائي ڪڍيس. پرسي هٿ مٿي ڪنيو. رجنيءَ ڪلائي پڪڙي هٿ مروڙي ڇڏيس. پرسي جي وات مان درد پري دانهن نڪتي. رجنيءَ ڳلي مان منگل سوُتر لاهي پرسي جي منهن تي هنيو. مانگ مان سندوُر اُگهي راجيش کي چيائين هل، ڪيڏانهن تو وني هلين. رجني خالي هٿين راجيش سان گڏ گهر کان ٻاهر نڪتي.

راجيش کيس هوٽل جي ڪمري ۾ وٺي ويو. پرائي مرد سان هوٽل جي ڪمري ۾ وڃي رجنيءَ جي دل دهلجي ويئي. دل ۾ طيءِ ڪيائين تہ اگر عثمت خطري ۾ پيئي تہ خودڪشي ڪري ڇڏيندي.

رجني ڪمري ۾ فرش تي ويهي رهي. راجيش پُڇيس، ”ڪُجهہ کائيندينءَ؟“

رجنيءَ چيس- ”ٿورو زهر آڻي ڏي تہ کائي ڇڏيان.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجيش ڪجهه نه چيس. هڪ ڪُرسيءَ تي ويهي رهيو. ڪافي دير تي ويٺي. راجيش پنهنجي ڪائڻ لاءِ ڪُجهه نه گُهرايو.

رجنيءَ پُڇيس- ”توهان پنهنجي ڪائڻ لاءِ ڪُجهه نه گُهرايو؟“

راجيش ڏُکي من سان چيس، ”جڏهن مهمان بُکيو هُجي ته آءٌ کيئن ٿو کائي سگهان؟“

”مهمان ڇا جو؟ آءٌ توهان جي زر خريد ٻانهي آهيان.“

”غلط ٿي سوچين، توکي اُن نرڳه مان ڪڍڻ لاءِ مون وٽ ٻيو ڪوئي طريقو نه هو. تون اگر نيرج جي ڳالهه مڃين ها ته اڄ هيءَ نوبت نه اچي ها.“

نيرج جو نالو ٻڌي رجنيءَ ڇرڪ ڀريو. پُڇيائينس، ”توهان راجيش بابو آهيو؟ مونکي پنهنجي فلم جي هيروئن بڻائڻ ٿا چاهيو؟“

”مان تنهنجي زندگي سنوارڻ ٿو چاهيان، تون اهڙي مرد خاطر ذلت جي زندگي گذارڻ ٿي چاهين جنهن شراب جي بوتل ۽ چند رپين خاطر توکي وڪڻي ڇڏيو؟ تون اِهو نه سوچ ته مان توکي خريد ڪيو آهي. اِهو سوچ ته مون تنهنجي مُڪتيءَ جي قيمت چڪائي آهي.“

رجنيءَ جي اکين مان ٽپ ٽپ نير وهڻ لڳو.

راجيش اُٿي رجنيءَ کي ٻانهن کان پڪڙي اُٿاري پلنگ تي ويهاريو. جيب مان رومال ڪڍي سندس ڳوڙها اُگهيا. سندس مٿي ۽ پُٺيءَ تي هٿ ڦيريو. گلاس ڪڍي بوتل مان پاڻي ڀري گلاس رجنيءَ جي چپن سان لڳايو.

رجنيءَ پاڻ کي سنڀاليو. راجيش کي چيائين، ”رسوئي گُهرايو، ٿورو مان به کائيندس.“

راجيش ريسٽورنٽ ۾ فون ڪري ڊنر جو آرڊر ڏنو ۽ روم سروس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ چيو. رسوئيءَ کان فارغ ٿي، راجيش رجنيءَ کي چيو، ”آءٌ گهر ڏانهن وڃان، تون اندران دروازو بند ڪري آرام ڪر، آءٌ صبوح جو ايندس.

رجنيءَ منت ڪري چيس، ”نہ وڃ بابو، مونکي اڪيلي ۾ ڊپ لڳندو.“

راجيش رُڪيو، پنهنجي لاءِ هيٺ فرش تي بسترو لڳايائين. رجنيءَ کي پلنگہ تي سُمهڻ لاءِ چيائين.

صبوح جو راجيش روم ڇڏي رجنيءَ سميت پنهنجي گهر ويو. هوُ سڌو سُنيتا وٽ ويو. سُنيتا کي چيائين، ”ممي هيءَ رجني آهي، منهنجي ايندڙ فلم جي هيروئن. شام تائين ڪيس سنڀال. رجنيءَ جي لاءِ ڪُجهہ ڍنگہ جي ڪپڙن جو اِنتظام ڪر. شام جو ڪيس ممبئيءَ وٺي ويندس.“

سُنيتا رجنيءَ تي هڪ نظر وجهي چيو، ”تراشڻ تي هيرو پنهنجي اصلي چمڪ ڏيکاريندو.“

”نيڪ ٿي چئين مام، بندرا جي ائڪٽنگہ اِسڪول مان ٽرينڊ ڪرائيندومانس.“

”اڄ ئي ويندين؟“

”ها اَمڙ وڃڻ ضروري آهي. فلم جي گهٽي شوٽنگہ اِنڊور ۾ ڪندس. تڏهن رجنيءَ کي تو وٽ ڇڏيندس. هلان تو ڪجهہ ضروري ڪم پورا ڪرڻا آهن.“

راجيش شام جي فلائيٽ ۾ ممبئيءَ جا ٻہ ٽڪيٽ بوڪ ڪرايا. پوءِ لليءَ کي فون ڪري چيائين،”للي آءٌ شام جي فلائيٽ سان اچي رهيو آهيان، توکي تڪليف ٿو ڏيان، مون سان گڏ فلم جي هيروئن مس رجني ساڻ آهي. اُن کي هڪ رات پاڻ وٽ رهائجانءِ.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هن گهر ۾ تنهنجي لاءِ به جڳهه آهي.“
”جاڻان ٿو، في الحال نه.“
”ايئرپورٽ اچي رسيوَ ڪيانوَ؟“
”نه، آءٌ فون ڪندس، تڏهن اچجانءِ. ٻنر گڏجي ڪنداسين. اُن ڪانپوءِ رجنيءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃجانءِ.“
”ڪٿي رُڪندين؟“
”نيرج وٽ. فلئٽ جي هڪ چاٻي مون وٽ رهندي آهي.“
پرسو ڪنجهندو ڪرڪندو کٽ تي ويٺو. ويهي بوتل وات سان لڳايائين. بوتل خالي ٿيڻ تائين پيئندو رهيو. پوءِ کٽ تي ڏير ٿي ويو. رات جو دير سان ڪيس ٻُڪ لڳي. آواز لڳايائين، رجني ٻُڪه لڳي آهي، روٽي ڪٿي آچ. هوُ سڏ ڪندورهيو. رجني هجي نه ٻُڌي نه، سندس گلو اُچ ۾ خشڪ ٿي رهيو هو. اُٿي پاڻي پيئڻ جي همٽ نه ٿيس. نشو اڃا مٿس ٺاري هئس. ٻُکيو پياسو پيو رهيو.
صبوح جو اُٿي پاڻي پيتائين. منهن هٿ ڌوئي رجنيءَ کي ٺلاشڻ لڳو. خمار اڃا باقي هئس. رنڌڻي ۾ ويو. رات واري روٽي جيئن جو تيئن پيئي هئي. رجني رنڌڻي ۾ به نه هئي. ٻاهريون دروازو کُليو پيو هو. ٻيڙيءَ لاءِ کيسي ۾ هٿ وڌائين. هٿ نوٽن جي گڏيءَ تي پيس. نوٽ ٻاهر ڪڍيائين. پرسو چرڪيو. ياد آيس ته اُهي پنج هزار باشي رجنيءَ جي بدلي ڏنا هئس. سوچڻ لڳو، هي ڪهڙو ظلم ڪيو؟ دارونءَ جي بوتل ۽ چند رپين لاءِ زال کي وڪڻي ڇڏيو. وسيل گهر گرهستي اُجاڙي ڇڏيم. مرڻ لاءِ تيار هئي، گهر ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئي. ڪيترو ليلايائين ٿي، آءٌ انڌيگهوڙي تي سوار سندس هڪ نه ٻُڌي. ياد آيس نفرت وچان منهن تي ٿُڪي ويئي هئي، ڪيس ٿڦ به وهائي ڪڍي هئائين، ڪلائي به مروڙي هئائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن گاريون ڪاڌيون، مارون کاڌيون، ٻُڙڪ ٻاهر نہ ڪڍي هئائين، سا ڪيس ذليل ڪري هلي ويئي. اگر بابوءَ حوَس جو شڪار ٿيايس تہ خودڪشي ڪري ڇڏيندي. سُنو تيو جو هلي ويئي. آءٌ سندس قابل نہ هوس. بابو مالدار آسامي تي لڳو، عيش آرام ۾ رکندس.

پرسي ٿورا پئسا جيب ۾ رکيا، باقي سنڀالي رکيائين. گهر کي تالو لڳائي بزار ويو، پوها ڪچوڙي کائي چانهہ پي گهر موٽي آيو. هوُ بستري تي ليٽي پيو. ڪجهہ سُجهيس نٿي. پنهنجي هٿن سان پنهنجي دنيا اُجاڙي هئائين. ڪيترا ظلم ڪيا هئائين رجنيءَ مٿان. ڪڏهن اُف نہ ڪئي هئائين، محنت ڪري گهر گرهستي سنڀالي ويني هئي، ڪهڙي حال ۾ هوندي؟ سندس اکين مان پڇتاءَ جا ڳوڙها ڳڙڻ لڳا.

راجيش نيرج کي فون لڳائي. نيرج ٻڌايس تہ مهوٽا آئوٽ ڊور شوٽنگ تي ويل آهي. راجيش کيس ايئرپورٽ تي اچي رسيوَ ڪرڻ لاءِ چيو.

راجيش ايئرپورٽ کان ٻاهر آيو. نيرج سندس اِنتظار ڪري رهيو هو. رجنيءَ کي راجيش سان گڏ ڏسي نيرج حيران بہ ٿيو تہ خوش بہ ٿيو. ٽيئي گڏجي نيرج جي فليٽ تي آيا. راجيش لليءَ کي فون ڪري اُتي گُهرايو. ٽيئي ڪئلاش پربت ۾ وڃي رسوئي کاڌي. للي رجنيءَ کي پنهنجي گهر وٺي وئي. نيرج ۽ راجيش ٻئي فليٽ تي ويا.

ٻئي ڏينهن راجيش چاٻڙيا سان مليو. کيس ٻيءَ فلم جي پروجيڪٽ ٻڌايو. رجنيءَ جي ٽريننگ ۽ ٻين خرچن لاءِ ڪجهہ رقم ورتائينس. بندرا وٽ وڃي رجنيءَ جي ٽريننگ لاجنگ بورڊنگ جو اِنتظام ڪيائين. رجنيءَ کي بندرا وٽ ڇڏي راجيش فليٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي موٽي آيو. روڊ طرف کُلڻ واري دري کولي ڪُرسيءَ لڳائي ويهي رهيو. راجيش ڪاسٽنگ جي پلاننگ ڪرڻ لڳو. هيرو ۾ نيرج کي ئي ڪنيائين. ميوزڪ سروڻ ڪمار جي. پرسي جي رول لاءِ هڪ جونيئر آرٽسٽ ڪشن کي پسند ڪيائن.

اهڙيءَ طرح سهايڪ آرٽسٽ جا نالا طيءِ ڪري لسٽ تيار ڪيائين. ڪاسٽيوم ڊزائيننگ جو ڪم للِيءَ کي ڏيڻ جو سوچيائين. فوٽوگرافر ۽ ٻيا ٽيڪنيشنس چاهڙيا جي صلاح سان طيءِ ڪرڻ جو سوچيائين.

فلم جو سنگيت اڳ ئي ڪمپوز ڪرائڻ جو سوچيائين. جيئن ميوزڪ فلم ٺهڻ کان اڳ ئي ڪنهن ڪمپنيءَ کي رائيٽس سيل ڪري سگهي. رجنيءَ جي ٽريننگ پوري ٿيڻ کان اڳ ئي رجنيءَ جي رول کان الڳ ڪهاڻيءَ ۽ اُن جي ڪردارن کي ڪٽي ڪجهه حصو شوٽ ڪري سگهي، ان لاءِ پوءِ پلان ڪرڻ جو سوچيائين. راجيش نيرج جي واپس اچڻ جو اِنتظار ڪرڻ لڳو. جيئن اُن سان گڏجي ڪٿي وڃي شام کي رنگين بڻائي.

سروڻ ڪمار جي ممبئيءَ اچڻ تي اُن سان ميوزڪ جو اگريمينٽ سائين ڪرائي ائڊوانس پيمينٽ ڪرايائين. لرڪس لاءِ نيلم ۽ ساوڻ ۽ پلي بئڪ لاءِ رابيا ۽ ساوڻ ڪمار سان اگريمينٽ ڪيو ويو.

مقرر وقت تي فلم جو مهورت ڪيو ويو. سنگيت جا رائيٽس ٽي سيريز وارن ئي خريد ڪيا. خرچ کان وڌيڪ آمدني ٿيڻ لڳي. ٽيريٽريز پڻ، وڪامڻ شروع ٿي ويون.

رجني هاڻي پهرين واري چِٽي مٽي ناري نہ هئي. هوءَ سمارٽ، ماڊرن گرل ٿي لڳي. رجني شوٽنگ لاءِ تيار هئي. راجيش نيرج کان ڊيٽس وٺي پندرهن ڏينهن جو اِنڊور ۾ فلم جي شوٽنگ ڪرڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو شيڊيول تيار ڪيو. رجنيءَ کي ڪائي دقت درپيش نہ اچي اُن لاءِ راجيش اِنڊور ۾ شوٽنگ جي خبر ليڪ ٿيڻ نہ ڏني نہ ئي رجنيءَ جو نالو ظاهر ڪيائين.

رجني ايسٽ اِنڊور ۾ رهندي ڪم ڪندي هئي. ڪير ڪيس ڏسي سُڃاڻي نہ وٺي، اِنڪري راجيش فلم جي شوٽنگ اِنڊور ويسٽ ۾ ڪئي. ڪائي دقت درپيش نہ آيس. شوٽنگ پوري ڪري راجيش يونٽ سميت ممبئيءَ موٽي ويو. اسٽوڊيو هاير ڪري ڪجهہ اِنڊور شوٽنگ ڪيائين. رجنيءَ جي حقيقي زندگيءَ ۾ جيڪي ٿي گذريو هو، راجيش اثردار نموني اُن حقيقت کي فلمايو. رجنيءَ بہ ريئل لائيف کي ريل لائيف ۾ ڪري ڏيکاريو. ڪهاڻيءَ سان ميل ڪائڻ وارا گيت پڻ فلمايا ويا.

راجيش اننت چوڏس تي گٽپتي اُتسو تي نڪرڻ وارين جهانڪين کي پڻ فلمايو. مهاراشٽر سماج جي جترا اُتسو ۾ ٿيڻ واري لاوڻي نرتيہ کي پڻ فلمايائين. فلم کي پُرڪشش بڻائڻ لاءِ ڪائي ڪسر نہ ڇڏيائين. پنچمڙهي، کجوراهو ۽ گووا ۾ پڻ فلم جي شوٽنگ ڪري لوَ سين ۽ ڪُجهہ گيت فلمايائين. رجنيءَ جي ائڪٽنگ ۾ ڪائي هچڪ نہ هئي. بلڪل سياويڪ ائڪٽنگ ڪري رهي هئي. گليمر جي دنيا ۾ چانئجي وڃڻ جا پورا چانس هئس.

رجني جيستائين شوٽنگ ۾ مشغول رهي، تيستائين نيڪ هو، فرصت ملندي ئي سندس پُراڻا زخم تازا ٿي ويندا هئا. چاهيندي بہ پنهنجو ڌيان اُتان هٽائي نہ سگهندي هئي. تنهائي ڏنگيندي هئس، چاهيندي هئي تہ هر وقت ڪير ساڻس گڏ هجيس. ليڪن پيچ ڊڪ واري زندگيءَ ۾ ڪنهن کي وقت رکيو هو جو رجنيءَ کي سنگ ساٿ ڏئي. جڏهن ڏاڍو بيزار ٿيندي هئي تہ لليءَ وٽ هلي ويندي هئي. للي سندس پورو پورو ڌيان رکندي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڪڏهن رجني سوچيندي هئي تہ ايئنيہ ڇالاءِ ٿي تہ آهي. ڪيستائين پاڻ ڪي ڇليندي رهندي؟ اڄ رجنيءَ وٽ پئسو هو، لگزري لائيف هئي پر اُن سان گڏ خاليپڻو بہ تہ هو. هوءَ اڪيلي هئي، بلڪل اڪيلي. سندس پنهنجو ڪير نہ هو. راجيش پلو ڪيو يا ٻرو ٽيءَ نہ ڪري سگهندي هئي. ڏينهن جو شوٽنگ، رات جو سوچ جا ڏنگ، ڏوپ چانوَ وانگر سندس زندگيءَ جو سلسلو تيستائين هلندو رهيو، جيستائين فلم نهي تيار نہ ٿي.

فلم جي رليز ٿيڻ کان اڳ اِندور جي هڪ مشهور اخبار کي نہ معلوم ڪٿان هِنت ملي تہ فلم جي هيروئن اِندور جي ڇوڪرِي آهي. اُن رجنيءَ جي نالي ۽ فوٽوءَ سان گڏ اِها خبر پنهنجي اخبار ۾ ڇاپي. خبر ڇپڻ سان اِندور واسين جي رجنيءَ جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻڻ جي خواهش وڌي ويئي. درشڪ فلم جي رليز ٿيڻ جو اِنتظار ڪرڻ لڳا.

رجني جن گهرن ۾ ڪم ڪندي ۽ جنهن مُحلي ۾ رهندي هئي، اُتان جا ماڻهو فوٽو ڏسي ۽ خبر پڙهي دنگ رهجي ويا. سندس پاڻ کي ساراهڻ لڳا.

پرسو بہ اخبار خريد ڪري آيو. رجنيءَ جو فوٽو ڏسي زار زار روئڻ لڳو. هوُ اُن فوٽوءَ کي ڇهڻ جي بہ همت نہ ڪري سگهيو. رجنيءَ جي وڃڻ کانپوءِ پرسو ڪجهہ ڏينهن تہ اُلجهن ۾ رهيو. شراب کان پنهنجو پاڻ کان نفرت ٿي ويس. شراب پيئڻ بند ڪري ڇڏيائين. راجيش جا ڏنل پئسا خرچ نہ ڪيائين. پنهنجي ڪم کي پوريءَ ذميواريءَ سان لڳي ويو. هڪ مهني جي پهرين تاريخ راجيش جو ماڻهو پنهنجي هزار رپيا ڏيڻ آيس. پرسي وٺڻ کان اِنڪار ڪيس، پهريان بچيل پئسا بہ واپس ڪري ڇڏيائينس.

وقت سر فلم رليز ٿي. فلم جي باري ۾ چرچا ٿيڻ لڳي. فلم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسڻ جي لاءِ زائفن جي پيڙ تيڻ لڳي. پورهيت زائفون وڏي انداز ۾ فلم ڏسڻ لڳيون. فلم ڏسي زائفن ۾ نئون سوچ، همت حوصلو جاڳڻ لڳو. اڳتي ظلم، ذلت نہ سهڻ جي پختي اِرادي سان گڏ زائفون سئنيما هال مان ٻاهر نڪرڻ لڳيون. رجني سندن آدرش بڻجي ويئي.

فلم رليز ٿيڻ سان نشئي ۽ ظالم مڙسن جي شامت اچي ويئي. هوُ مارڻ بجاءِ مار کائڻ لڳا. بي وقت نشو ڪري موٽڻ وارن لاءِ گهر جا دروازا بند ٿي ويا. دارونءَ جو اثر بي‌اثر ٿيڻ لڳو. سروُر بجاءِ سوُر جاڳڻ لڳن.

مردانگيءَ جو غرور ڪرڻ وارن مردن لاءِ حالت ناقابلي برداشت ٿيڻ لڳي. هوُ ملي ڪري منصوبا سٽڻ لڳا، طيءِ ڪيائون هڪ ڏينهن گڏجي فلم ڏسڻ ويندا. ٿاڪيز ۾ ٽوڙ-ڦوڙ ڪري پرنٽ کي ٻاهر لڳائي ايندا. هڪ نشيڙيءَ جي ٻهڪڻ مان جوڙس کي ڪجهہ انديشو جاڳيو. مڙس کي چيڙي غصو ڏياري حقيقت معلوم ڪري ورتائين. اُن سُس پُس ڪري خبر مُحلي جي ٻين زالن کي ڏني. طيءِ ڪيائون تہ مردن جي منصوبي کي ناڪام ڪنديون.

اُهي زالو جن گهرن ۾ ڪم ڪنديون هيون اُتي ڪم ڪرڻ وارين ٻين زائفن کي آگاهہ ڪيائون. ماٺ ميٺ ۾ ڳالهہ وڏي دائري ۾ ڦهلجي ويئي. سيني گڏجي سبق سيکارڻ جي سوچي. ان شو ۾ زائفن وڏي اندز ۾ شرڪت ڪئي. جيئن ئي مردن ٽوڙ ڦوڙ شروع ڪئي زائفون مٿان ٽُٽي پيون. ڪي ٻئگہ ۾ پاڻ سان گڏ ويلڻ لڪائي ڪٽي آيون هيون. ڪي تہ چاقو بہ ڪٽي آيون هيون. مردن کي وٺ وٺ ڪري ڇڏيائون. ويلڻ، چمپل، لتون، مڪون، چنبا پٽڻ، ڪائي ڪسر نہ ڇڏيائون. ٿئيٽر وارن شو بند ڪري ڇڏيو. پوليس کي اِطلاع ڪيو ويو. دروازا بند ڪيا ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوليس اچڻ تائين وڳوڙي مرد پنهنجا هڏ گڏ پچائي چُڪا هئا. سچائي معلوم ٿيڻ تي ٻين مردن بہ زالن جو ساٿ ڏنو. پوليس اچي وڳوڙي مردن کي گرفتار ڪري ويئي. زائفن کي داد مليو. فلم کي مفت جي پبلسٽي ملي ويئي. ريگل ٽاڪيز کي پوليس پروٽيڪشن ملي ويو.

ان گهٽنا جي اخبارن ۾ چيچڙ سان ٻين شهرن جي زائفن ۾ بہ فلم ڏسڻ جي چاهنا جاڳي. فلم ڏسڻ کان پوءِ زائفن ۾ جاڳرتا ايندي ويئي. رجني سٽايل زالن جي رهنما بڻجي ويئي. فلم مهيلا مڪتيءَ جو سنديش ڏيڻ لڳي.

رجنيءَ جو نالو راشٽريہ پُرسڪار لاءِ موڪليوويو.

رجني اوور نائيٽ اِسٽار بڻجي ويئي.

ان سڀ کان بيخبر رجني راجيش جي گهر رُڪيل هئي. منمبئيءَ ۾ نڪاٽو نہ هئس. اِندور رهندي ڪم ملڻ جي اُميد نہ هئس.

رجنيءَ کي معلوم ٿيو تہ سندس وڃڻ کان پوءِ پرسي پيئڻ بند ڪري ڇڏيو هو. راجيش جا ڏنل پئسا بہ واپس ڪري ڇڏيا هئائين. شام جو ڏُنڌلڪي ۾ رجني برقعو پائي ٽورو پئدل هلي آئو ۾ ويهي پرسي جي گهر ويئي. گهر جي ٽورو پريان آٽو روڪي پاڙو ڏئي پئدل هلي گهر جي دروازي وٽ پهتي. در کڙڪائڻ واري هئي تہ ڏٺائين دروازو ڀيڪڙيل هو. دروازو ڌڪي اندر ويئي. دروازو واپس ڀيڪڙي ڇڏيائين. ڏٺائين ڪمري ۾ ڪوئي نہ هو. رنڌڻي مان آهٽ اچي رهي هئي. هوءَ رنڌڻي ۾ ويئي. پرسي کي ڏسي هڪي-ٻڪي رهجي ويئي هئي. وڌيل وار، وڌيل ڏاڙهي، ميرا قاتل ٿُتل ڪپڙا اکين ۾ ڪڏاڻ هڏن جو پڃرو وڃي بچيو هو. هوُ اسٽوو ٻارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رجنيءَ جون اکيون جهرڻ لڳيون. هوءَ سُڏڪڻ لڳي.

چرڪ ڀري پرسي اُن طرف ڏٺو ۽ پڇيائين، ”ڪير آ اتي؟“

رجنيءَ سُڏڪندي چيو، ”هاڻي سُڃاڻين به نه ٿو؟“

”ڪير، رجني؟ تون اتي بيٺي ڇا ٿي ڪرين؟“

”معافي ٿي وٺان، بنا آگيا جي هلي آئي آهيان.“

”ڳالهه معافيءَ جي نه آهي، تون ڇو هڪ گنهگار تي ترس کائي رهي آهين؟ هيءَ جڳهه تنهنجي لائق نه آهي. پنهنجي دنيا ۾ موٽي وڃ.“

”ڪهڙي دنيا ۾ موٽي وڃان؟ منهنجي دنيا ته تو لُٽي ڇڏي، جيترا طعنا مارڻ چاهين مار، آءٌ انهيءَ لائق آهيان.“

”جيتري دير تون هتي ترسندينءَ، منهنجي آتما جو بوجهه وڌندو ويندو. ديا ڪر مونتي، موٽي وڃ.“

”چئه،رجني موٽي اچ، تنهنجو قسم آءٌ ٻاهر جي دنيا کي مُڙي نه ڏسندس. هن گهر جي چوديواريءَ ۾ قيد ٿي ويندس.“

”لڳي ٿو مونکي ماري ئي ڇڏيندينءَ.“

”اِئين نه چئه،آءٌ وڃان ٿي هاڻي هلي ويندس. فقط هڪ دفعو پنهنجي چرنن جي ڌوڙ مٿي سان لڳائڻ ڏي.“

”هڪ رات فقط هڪ رات ترس. سڀاڻي منهنجي رکه پنهنجي سينڌ ۾ ڀرجانءَ.“

”نه.“ رجنيءَ رڙ ڪئي، مُڙي ٻاهر طرف ڀڳي. ٻاهر اچي رجني ٻهي رهي. ڪيس ڪُجهه سمجهه ۾ نه آيو، ڪيڏانهن وڃي؟ راجيش جي گهر گهٽا ڏينهن رهندي؟ ممبئيءَ ۾ ڪٿي هئس نور نڪاڻو؟ هوءَ خود کي پرسي کان به وڌيڪ اپاڳو سمجهڻ لڳي. پرسي کي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجو اجهو ته هو. پاڻ وٽ ڇا هيس؟ ڪجهه لکه رپيا، نالو، شهرت، پر اهڙو ڪير هو جنهن کي پنهنجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻارهي تائين سڀ رسمون پوريون ڪري تيرهين ڏينهن پراڻن گهرن ۾ وڃي ڪم ڳُهريائين.

ماڻهو ڏندين آڱريون ڏيڻ لڳا. سندس چپن تي هردم رهڻ واري مُسڪراهٽ غائب هئي. اکين ۾ اُداسي ۽ چهري تي مايوسي ڇانيل هيس.

پرسي جي موت ۽ رجنيءَ جي پُراڻي زندگيءَ ۾ موٽي وڃڻ جي خبر راجيش جي دل کي ڌوڏي ڇڏيو. هو خود کي قصوروار سمجهڻ لڳو. هو اڪيلو هو، بلڪل اڪيلو. سندس دل جو بار هلڪو ڪرڻ وارو ڪوئي نہ هو. کيس ڪنهن همدرد جي ضرورت هئي. راجيش لليءَ کي فون ڪري اچڻ لاءِ چيو. للي پنهنجي ڪم ۾ مشغول هئي، اچڻ کان لاچاري ڏيکاريائينس. راجيش چيس- سڀ ڪم ڇڏي فورن هلي آءُ.

للي ڏکي ويئي، چيائين، ”اڇهو ٿي اچان.“

راجيش کي هڪ هڪ پل ڳورو لڳڻ لڳو. لليءَ جي اچڻ تي اُن سان لپٽي ويو. اکيون ٽمڻ لڳس. للي کيس ڇاتيءَ سان لڳائي، پُٺيءَ ۽ مٿي تي هٿ ڦيري دلاسو ڏيڻ لڳي. جڏهن راجيش جو من هلڪو ٿيو تڏهن رجنيءَ جي باري ۾ ٻڌايائينس، ٻڌي لليءَ کي بہ افسوس ٿيو.

راجيش لليءَ کي چيو، ”للي ساريون مشغوليون رد ڪر، مونکي ڪيڏانهن پري-پري ڪٿي وٺي هل.“

”ڪيڏانهن هلڻ ٿو چاهين؟“ لليءَ پُڇيس.

”راجستان جي ڪنهن شانت ايڪانت جڳهہ تي.“

”ها، اِهو نيڪ رهندو. هتان فلائيٽ ۾ اُڏيپور تائين هلون، اُتان ٽئڪسي ڪار ۾ جيسلمير جي ڪنهن ننڍيءَ جڳهہ تي هلي رهنداسين.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَڏيپور پهچڻ تي گرمي ناقابلي برداشت لڳي. جيسلمير جو اِرادو ترڪ ڪري مائونٽ آبوءَ روانا ٿي ويا. آبوءَ ۾ هوٽل پئليس ۾ وڃي رهيا.

سڄو ڏينهن روم مان ٻاهر نہ نڪتا. پاڻ ۾ بہ گهٽ ڳالهايائون. ٻئي ڏينهن تي جڏهن وقت ڪاٽڻ مُحال ٿين، تڏهن ٻاهر نڪتا. جهيل تي وڃي بوٽنگہ ڪيائون. ڪجهہ وقت بزار ۾ گذاريائون. پوءِ پنهنجي روم ۾ موٽي آيا. راجيش للِيءَ کي چيو، ”آءٌ رجنيءَ وارو حادثو ڀُلائي نٿو سگهان. اُن ڪري فلمي ڪيريئر مان من اُچاٽ ٿي ويو آهي. ٻيو ڪوئي الٽرنيٽ بہ سامهون نہ آهي. سمجهہ ۾ نٿو اچي آءٌ ڇا ڪريان.“

”راجو، سيٽل ڪرڻ لاءِ ڪائي سُٺي نوڪري نيڪ آهي، پر تون روٽين لائيف ۾ ٽڪي نہ سگهندين.“

”تہ پوءِ آءٌ ڇا ڪريان؟ ايترو تہ طيءِ آهي تہ آءٌ فلم لائين کي جلد الوداع ڪرڻ ٿو چاهيان.“

”ڏس، جلدبازيءَ کان ڪم نہ وٺ، تڏي دماغ سان تون بہ سوچ، آءٌ بہ ٿي سوچيان ٿ ها، هوٽل جي ڪمري کان ٻاهر نڪر، کليءَ هوا ۾ نڪر، روشني وانگر نوان ويچار اچڻ ڏي من ۾.“

”ٺيڪ آهي، جيستائين هتي آهيون، روز جو ٽائيم ٽيبل تون ناهج. ان حساب سان هلنداسين.“

”ڪيستائين هتي رُڪڻ جو اِرادو اَٿئي؟“

”جيستائين ڪنهن نوس نتيجي تي نٿا پهچون.“

”منهنجي ڪم جو ڇا ٿيندو؟“

”هاڻي تنهنجو فقط اِهو ئي ڪم آهي، مونسان گڏ رهہ، مونکي اڪيلو نہ ڇڏ.“

”اِهو ممڪن ڪيئن ٿيندو؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”منهنجي دوستيءَ خاطر تون ايترو بہ نٽي ڪري سگهين؟“

”ڪڏ جي تري ۾ وڃي پوي ڪم، جيستائين تون چوندين تنهنجو پاڇو ٿي رهندس.“

راجيش لليءَ جو هٿ پڪڙي چيس- ”للي، تون ڪيتري نہ سُني آهين، ڪيتري نہ پياري دوست.“

ٻنهي کي مائونٽ آبوءَ ۾ آئي چار ڏينهن ٿي ويا هئا. اڃا تائين ڪُجهہ سوچي نہ سگهيا هئا.

راجيش چيس، ”اِئين ڪيستائين هلندو؟“

”ڇا ڪيستائين ڪيئن هلندو؟“

”چار ڏينهن ٿي ويا آهن، اڃا تائين اسين ڪُجهہ طيءَ نہ ڪري سگهيا آهيون.“

”آءٌ ڇا ٿي ڪري سگهان؟“

”تون ئي ڪري سگهندينءَ، منهنجو دماغ تہ ڪنفيوز ٿي ويو آهي.“

”آءٌ خود بہ ڪنفيوزڊ آهيان.“

”تون ڇو ڪنفيوزڊ آهين؟“

”خبر ناهي.“

”پوءِ ڇا ڪريون؟“

”هل پڪچر ڏسڻ تا هلون.“

ٻئي باغبان پڪچر ڏسڻ ويا. پڪچر ڏسي ٻاهر نڪتا تہ لليءَ چيس، ”تنهنجي مسئلي جو حل نڪري آيو آهي.“

راجيش منتظر ٿي پُڇيس، ”ڇا حل سوچيو اٿئي؟“

”هوٽل هل، ٻُڌايانءِ ٿي.“

راجيش حل ڄاڻڻ لاءِ اُتاولو ٿي رهيو هو. هوٽل جي روم ۾ پهچي پُڇيائينس، ”ڇاهي حل؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پھرياڻين چلڊ بيئر گُهراءِ؟“

”تون پيئنديئن؟“

”تنهنجي گلاس مان ٻه ڍُڪ پريندس.“

راجيش حيرانيءَ مان لليءَ جو چهرو تڪڻ لڳو.

لليءَ ٽوڪيس، ”تون دير ڪري رهيو آهين.“

راجيش ريسٽورنٽ ۾ فون ڪري بيئر ۽ سنئڪس جو آرڊر ڏنو ۽ جلد سروَ ڪرڻ جي هدايت ڏني. راجيش جي اُڻ تڻ وڌي رهي هئي. ڪُجهه دير بعد ويٽر ٽري ۾ بيئر جي بوتل ۽ گلاس کڻي آيو. بيئر جي بوتل کولي گلاس ڀري رکي سنئڪس ڪٽڻ لاءِ ويو.

راجيش گلاس کڻي لليءَ جي چپن سان لڳايو. لليءَ بيئر جو ڍُڪر ڀريو. چهري تي عجيب ڀاوَ اُڀري آيس. راجيش گلاس پنهنجي چپن سان لڳايو. وچ وچ ۾ لليءَ کي ٻه پيئاريندو رهيو. لليءَ جي جهجهڪ دور ٿي ويئي هئي. راجيش لليءَ جي پسند جا سنئڪس ۽ هڪ ٻي بيئر جي بوتل گهرائي. راجيش کي حل جاڻڻ جي تڪڙ نه هئي. آرام سان ڊرنڪ ڪندا رهيا. ڊرنڪ کان پوءِ ماني کاڌائون. آخر ۾ راجيش ڪافيءَ جو آرڊر ڏنو. ڪافي سپ ڪندي راجيش پُڇيس، ”هاڻي؟“

لليءَ چيس، ”راجيش، تون ڪيترن ماڻهن سان مليو آهين، هر طرح جي حالات سان روبرو ٿيو آهين، ڪهاڻي اِسڪرپٽ لکندو رهيو آهين. تون باغبان جهڙو ڪو بوڪ لک، هڪ ئي ڪتاب توکي انٽرنئشنل فيم ڏياري ڇڏيندو. پيشيور ليکڪ بڻجي وڃ.“

راجيش سوچ ۾ پئجي ويو. پوءِ حيرانيءَ ۾ چيائين، ”اِها ڳالهه مونکي پهرياڻين ڇو نه سُجهي؟“ لليءَ کي چيائين- ”هڪ رڪئيسٽ آهي، جيستائين آءٌ ڪنهن سبجيڪٽ تي ڪتاب لکي پورو نه ڪريان ۽ ڪتاب ڇپجي ظاهر نه ٿئي، تون مونکي ڇڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ وڃجان ۽.“

”راجيش، ڪُجهہ سماجڪ مرياداڻون بہ ٿينديون آهن، جن جو پالن ڪرڻو پوندو آهي.“

راجيش لليءَ جي اکين ۾ نهاريندي پُڇيس، ”ڇا تي ڇوڻ چاهين، شادي ڪريان توسان؟“

”ڪيئن ڇوان؟ تو تہ دوستيءَ تائين حد مقرر ڪري رکي آهي.“

”للي، دوستي هر رشتي ناتي کان مٿي ٿيندي آهي. تون منهنجي ضرورت بڻجي چُڪي آهين، تو بنا آءٌ سوچي بہ نٿو سگهان. ڪڏهن ڪڏهن بندڻ قبول ڪرڻ ضروري ٿي ويندو آهي.“

”راجيش، مونکي ڳالهين ۾ پرماءُ نہ، مجبوريءَ ۾ بندڻ ۾ تہ بڌجي سگهجي ٿو، پر اُن سان ٻن دلين جو، ٻن آتمائن جو مِلن نہ ٿيندو آهي. آءٌ مجبوريءَ جو بندڻ نٿي چاهيان، ان ڪان تہ تنهنجي کُلي دوستي بهتر آهي، تون لکڻ شروع ڪر، آءٌ توسان ساڻ آهيان.“

اڳلي ڏينهن راجيش لليءَ کي چيو- ”اسين واپس هلي رهيا آهيون.“

لليءَ پُڇيس، ”ڇو ۽ ڪيڏانهن؟ اڃا رات ٿي تہ چيو هيئہ ت ڪتاب پوري ٿيڻ تائين آءٌ توسان گڏ رهان.“

”چيو هو، ليڪن آءٌ پنهنجي ذميواري ڀُلجي ويو هوس، اُن کي پورو ڪرڻ ضروري آهي.“

”اَهڙي ڪهڙي ذميواري آهي ۽ اَهڙي ڪهڙي اهم ڳالهہ آهي جو تون اچانڪ واپس ورڻ لاءِ تيار ٿئي وئين؟“

”للي، رجنيءَ مونکي چيو هو، ماڻهو ڪنهن کي اُڪاڙي ٻئي هنڌ روپيندا آهن، اُسرڻ تائين سندس نگهباني ڪندا آهن. مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رجنيءَ کي اِندور مان اُڪاڙيو، پر ڪيس ممبئيءَ ۾ ٽانئيڪو نہ ڪري سگهيس. اڄ رجنيءَ جو ممبئيءَ ۾ ڪوئي نور نڪاڻو ناهي، نہ ڪوئي ڪم اٿس، مجبوريءَ ۾ هوءَ پُراڻي زندگيءَ ۾ موٽي ويئي آهي. ماڻهن جي گهرن ۾ ذلت وارو ڪم شروع ڪيو اٿائين. اِها منهنجي لاءِ لعنت جهڙي ڳالهہ آهي. آءٌ پنهنجي اُلجهن ۾ جنيءَ جو دکہ درد ڀُلجي ويس. هاڻي رجنيءَ جي لاءِ سوچڻ ۽ ڪجهہ ڪرڻو آهي.''

''تہ توهان اِندور ويندا؟''

''آءٌ نہ، اسين ٻئي. اُتان رجنيءَ کي ساڻ ڪٺي ٿئي ممبئيءَ هلنداسين.''

''ڇا سوچيو اٿئي رجنيءَ جي باري ۾؟''

''في الحال ڪُجهہ بہ نہ، ليڪن جيستائين اُن جي لاءِ ڪُجهہ ڪريان نٿو، من پريشان رهندس، اُن حالت ۾ آءٌ نہ ڪُجهہ ڪري سگهندس ۽ نہ لکي سگهندس.''

''اِندور هلڻ جو ڇا پلان آهي؟''

''تون لگيج پئڪ ڪر، هتان ٽئڪسيءَ ۾ احمدآباد هلنداسين، اُتان ٽرين يا هوائي جهاز ۾ اِندور، جيئن سهوليت ٿئي.''

''پهريائين نيٽ تي پتو ڪيو تہ احمدآباد مان سهوليت ٿيندي بہ تي يا نہ، پوءِ هوٽل ڇڏيو.''

''نيڪ آهي ڏسان ٿو.''

احمدآباد مان ڪائي گنجائش نہ هئي. اُڏيپور مان اي. سي. فرسٽ ڪلاس ۾ بہ برٿ ملي ويس. هوٽل ڇڏي راجيش ۽ للي ٽئڪسيءَ ۾ اُڏيپور روانا ٿيا.

اِندو پهچي راجيش لليءَ کي گهر ڇڏيو. اُنهيءَ ئي ٽئڪسيءَ ۾ رجنيءَ جي گهر ويو. رجني ڪم تي وڃي چُڪي هئي. راجيش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳهر موٽي آيو. شام جو راجيش وري رجنيءَ جي ڳهر ويو. رجني سنان ڪري نڪتي هئي. وار ڇنڊي سُڪائي رهي هئي. راجيش کي آيو ڏسي ڇرڪي، پوءِ ڪيس ويهڻ لاءِ چيائين. راجيش بيٺي-بيٺي پُڇيس، ”اِهو سڀ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟“

”پيو ڇا ڪريان ها؟“

”اِنتظار، اِنتظار ڪرڻ ڪپندو هو توکي، ٻُک مرڻ جي نوبت نہ نہ آئي هيئہ؟ توکي ممبئيءَ واپس موٽي اچڻ ڳپندو هو. هتي ڳهر ويني تہ ڪم ملڻ ڪان رهيو. ممبئيءَ ۾ رکڻ لاءِ نيرج جو ڳهر هو، لليءَ جو ڳهر هو، سڀ تہ پنهنجا آهن، ڪوئي غير تہ نہ هئا؟“

”ڪيستائين ٻين تي ڊپينڊ ڪريان ها؟“

”ڪهڙو هرج آهي. ماڻهو فلم اِنڊسٽريءَ ۾ سالن جا سال سنگهرش ڪندا آهن، تون ٿورو اِنتظار نہ ڪري سگهينءَ؟ ڪوئي نرماتا توکي سائين ڪرڻ چاهي تہ ڪٿي ڳولهي؟ هيروئن جو ڪوئي ڏڪر تہ نہ پيو آهي؟“

”راجيش بابو، هنن جي اوچتي موٽ سبب دل تي ڳهرو صدمو پهتو، پنهنجو هوش حواس وڃائي وينس.“

”اِنڪري انڌيرو لپيٽي ڇڏيئہ؟ پنهنجي چمڪ تي رکہ ملي ڇڏيئہ؟ تيار رهجانءِ سياڻي ممبئيءَ هلنداسين.“

ايترو چئي راجيش ڳهر موٽي ويو.

راجيش رجنيءَ لليءَ سان ڳڏ اونت ڪاجي اي. سي. ڪوچ ۾ وينو هو. رجنيءَ پُڇيس، ”راجيش بابو، آءٌ ڪيستائين لليءَ وٽ رهندس؟“

لليءَ چيس، ”رجني ڀيڻ، تون جيستائين چاهين، مون سان ڳڏ رهي سگهين ٿي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ليڪن ڪيستائين؟“

”رجني تون جلد پنهنجي گھر رهڻ هلي ويندينءَ.“

”ڪيئن؟“

”شادي ڪري.“

رجني ۽ للِيءَ ٻنهي ڇرڪ ڀريو. رجنيءَ چيس، ”هي ڇا ٿا چئو، اِهو ڪيئن ممڪن آهي؟ آءٌ شادي ڇو ڪندس؟ مون وٽوا سان شادي ڪير ڪندو؟“

”ڪشن ڪندو توسان شادي؟“

”ڪير ڪشن؟“

”اُهو ئي، جنهن فلم ۾ تنهنجي مڙس جو ڪردار نڀايو هو، مون اُن جي اکين ۾ تو لاءِ بيپناهه محبت ڏٺي آهي، پلڪن ۾ ويهاري رکندو توکي.“

”هن مون سان ڪڏهن پيار جو اِظهار نه ڀري رهيو، ڪڏهن محسوس به ٿيڻ نه ڏنو هئائين.“

”شايد سوچيندو هوندو ڪٿي تون هيروئن، ڪٿي هوُ ايڪسٽرا. آءٌ ڪيس گهرائي تنهنجي سامهون ڳالهائيندومانس.“

ٻئي ڏينهن تي شام جو راجيش ڪشن کي نيرج جي گھر سڏايو. للِي ۽ رجني ٻئي اُتي موجود هيون. نيرج اڃا نه آيو هو. ڪشن جي اچڻ تي چانهه وغيره جي فارملٽيءَ کانپوءِ راجيش ڪشن کان سڌو سوال پُڇيو، ”رجنيءَ سان شادي ڪندين؟“

ڪشن مُنجهي ويو. رجنيءَ ڏانهن نهاري، سرد آهه ڀري چيائين، ”نه ڪري سگھندس.“

راجيش حيرانيءَ مان پُڇيس- ”ڇو نه ڪري سگھندين؟ ڇا توکي رجنيءَ سان محبت نه آهي؟“

”آهي، بيحد آهي، اِن ڪري ئي اِنڪار ڪري رهيو آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاديءَ ۾ انيڪ دشواريون آهن، منهنجو پنهنجو نور نڪاٽو نہ آهي، اڄ ڪم آهي، سياڻي بيڪار. آءٌ پاڻ سان گڏ رجنيءَ جي ڪي بہ دربدر ڪرڻ نٿو چاهيان. هلان ٿو.'' ايترو چئي ڪشن ٻاهر نڪري ويو. ڪمري ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي.

لليءَ خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو، ''راجيش، تون ڇو نٿو رجنيءَ سان شادي ڪرين؟''

راجيش ۽ رجنيءَ ڇرڪ پريو. راجيش چيس، ''للي، هي تون ڇا ٿي چئين؟''

''ها، آءٌ ٺي ٿي چوان. تون ئي رجنيءَ کي دلاسو ڏيئي ممبئيءَ وٺي آئين، سندس زندگي سنوارڻ تنهنجو فرض بہ آهي، تنهنجي ذميواري پڻ.''

راجيش سوچ ۾ پئجي ويو. رجنيءَ راجيش جي دشواري دور ڪرڻ لاءِ چيو، ''للي پيڻ هي تون ڇا ٿي چئين؟ آءٌ ڇا لاءِ شادي ڪندس راجيش سان؟ ڪهڙو فرق آهي ڪشن ۽ راجيش ۾؟ ڪشن وٽ رهڻ جو نڪاٽو ناهي، راجيش وٽ بہ تہ نہ آهي. ڪشن وٽ وري بہ ڪم تہ آهي، هن وٽ تہ هن وقت ڪوئي ڪم بہ نہ آهي. سڀ کان وڏي ڳالهہ ڪشن مون سان پيار ڪري ٿو، راجيش تہ پيار بہ نٿو ڪري. بنا پيار جي شادي ڪري مونکي ڪهڙي خوشي حاصل ٿيندي؟''

لليءَ چيس، ''راجيش هڪ ئي فلم ڪري توکي گهر ڏيئي سگهندو. پيار بہ ڪندءِ.''

''سو تہ آءٌ بہ هڪ فلم ڪري پنهنجي گهر جو اِنتظام ڪري وٺندس. بنا پيار جي سمجهوتي جي يا مجبوريءَ جي شادي ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ويندي.''

لليءَ کي چوڻ لاءِ ڪجهہ نہ رهيو. راجيش جي اُلجهن برقرار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي. رجنيءَ سمجهيو تي لليءَ سندس خوشيءَ لاءِ پنهنجي خوشي قربان ڪري رهي هئي. رجنيءَ اِهو هرگز نٿي چاهيو. رجنيءَ لليءَ جي اکين ۾ راجيش لاءِ پيار کي محسوس ڪيو هو، اِنڪري هن راجيش سان شاديءَ کان صاف اِنڪار ڪري ڇڏيو هو.

نيرج گهر موٽيو تہ گهر جو دروازو کُليل ڏٺائين. سمجهي ويو تہ راجيش آيو هوندو.

اندر گهڙيو تہ راجيش سان گڏ لليءَ ۽ رجنيءَ کي بہ موجود ڏٺائين. خوش ٿي چيائين- ''اڄ ٽڪڙي هتي موجود آهي.'' وري گنڀير ٿي چيائين، ''تنهي جي چهري تي ماتم ڇو ڇانيل آهي؟''

لليءَ چيس- ''تون آيو آهين تہ چوڪڙي پوري ٿي ويئي. اُداسي بہ دور ٿي ويندي.''

''نيڪ چيو تو، اِجهو جشن جي تياري ٿو ڪريان.'' نيرج فون ڪري گارڊ کي روم ۾ گُهرايو. راجيش ڏي مخاطب ٿي چيائين، ''نانويڄ ۾ تہ رجني مونکي ڪمپني ڏيندي، توهان ٻنهين لاءِ تہ گاهہ گُهرايان نہ؟ ۽ ٻنهين ڇوڪرين لاءِ سافٽ ڊرنڪ؟''

راجيش چيس، ''گاهہ نيڪ آهي، باقي سافٽ ڊرنڪ جي ضرورت ناهي، فقط بيئر گُهراءِ.''

''سرپرائيز! اڄ تہ خوب محفل ڄمندي.'' کيسي مان هزار ۽ پنڄ سؤ جو نوٽ ڪڍي گارڊ کي ڏيندي چيائين، ڇهہ چلڊ بيئر، هڪ تندوري چڪن، آلو فنگر ۽ ويڄ ڪباب، فورن کان پيشتر.''

''صاحب ٽئڪسيءَ ۾ ٿو وڃان، جلد اچي ويندس.'' گارڊ ٻاهر نڪري ويو.

نيرج لليءَ کي چيو، ''مئڊم گُڊ گرل ٿي ٽيبل سڄاءِ، گلاس، ڪوارٽر پليٽ، اِسپون، ڇري ڪانٽا، نئپڪن، سلاد وغيره جو اِنتظام ڪر، تيستائين آءٌ ٻاٿ وٺي چينڄ ڪري اچان ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيرج جي اچڻ کان اڳ ۾ لليءَ ٽيبل تي گهربل سامان آڻي رکيو. سينٽرل ٽيبل کي سرڪائي صوفا جي پرسان ڪيائين، آمهون-سامهون ٻه ڪرسيون لڳايائين. نيرج آيو ٽيستائين گارڊ ب بيئر ۽ سنيڪس وٺي اچي ويو. نيرج ٻه بوتلون اُتي رکي باقي فرج ۾ رکي آيو. چار ئي گلاس ڀريائين. ٿوري هچڪچاهٽ کانپوءِ رجنيءَ ٻه گلاس کنيو. ڪيس ٻه راحت جي ضرورت هئي. چئني گلاس ٽڪرائي چيئرس چئي جام چپن سان لڳايو. راجيش ۽ نيرج فاسٽ پي رهيا هئا، للي ۽ رجني سِلو هلي رهيون هيون. نيرج فرج مان بوتل آڻي خالي گلاس ڀريندو ٿي ويو. ٿورو سرور اچڻ تي نيرج راجيش کان پُڇيو، ”توهان ٽنهين جا چهرا ڇو لٽڪيل هئا؟“ جواب لليءَ ڏيندي چيو، ”راجيش چاهي پيو ڪشن رجنيءَ سان شادي ڪري. ڪشن پاڻ کي رجنيءَ جي قابل نٿو سمجهي اِنڪري اِنڪار ڪري هلي ويو. آءٌ چاهيان ٿي راجيش رجنيءَ سان شادي ڪري، اُن لاءِ رجني تيار نه آهي.“

نيرج چيو، ”رجني سمجهدار آهي، تنهنجو حق مارڻ نٿي اهي. ڪٿي توهان مونکي نه ٻليءَ جو ٻڪرو بڻائڻ جي فراق ۾ نه آهيو؟“

راجيش گنڀيرتا سان چيو، ”آءٌ اَهڙو ڪجهه به نه ٿو سوچيان، آءٌ ڄاڻان ٿو رجني توهان جي گهر ۾ ڪم ڪري چُڪي آهي، وڌو آهي، تنهنجا ماتا-پتا ان رشتي لاءِ هرگز تيار نه ٿيندا.“ “

نيرج هڪ لنبو ڊُڪ ڀري، گلاس هيٺ رکي چيو- ”راجيش تو ڪهڙا دقيانوسي ويچار پالي رکيا اٿئي؟ ڪير چوندو ته تون ڪليل ويچارن وارو ليکڪ ۽ فلمڪار آهين. رجنيءَ کان پُڇي ڏس، فلم جي هلندي مون رجنيءَ کي پرپوز ڪيو هو، رجنيءَ خود ئي اِنڪار ڪيو هو.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رجنيءَ چيو، ”مون سمجھيو ھو تون مذاق ٿو ڪرين؟“
گوڏن ڀر ويھي رجنيءَ جو ھٿ پڪڙي نيرج چيو، ”آءٌ سيريس آھيان، مون سان شادي ڪندينءَ؟“
رجنيءَ ٿڙي چيس، ”منھنجي خوشنصيبي، ليڪن تنھنجي ممي پاپا کي منائڻ جانءِ.“
”منائي وٺندس.“
لليءَ ۽ راجيش جي چھري تي اچرج گاڏڙ خوشي ھئي.
نيرج راجيش کي چيو، ”ھاڻي تون بہ لليءَ کي پرپوز ڪر، آءٌ چاھين ٿو تہ اڄ ئي تاج ۾ ھلي رِنگ سيريمني ملھايون ۽ شادي بہ گڏ ڪنداسين.“
”پر منھنجو رشتو تہ ممي پپا طئہ ڪندا.“
”غلطي ٿي يار، مونکي تنھنجي لاءِ بيئر بجاءِ ڪير جي بوتل گھرائڻ گھربي ھئي.“
رجنيءَ ۽ لليءَ ٺھڪ ڏنو. راجيش سُسي ويو. نيرج فرج مان بيئر جون بہ بوتلون ڪڍي آيو. سيني جا گلاس خالي ڪرائي نئين سر ڀريائين. راجيش کي چيائين، ”اُٿ، ڏاھي ٻار وانگر لليءَ کي پرپوز ڪر.“
راجيش لليءَ ڏانھن نھاريو. لليءَ جي اکين ۾ چمڪ ھئي.
لليءَ جو ھٿ پڪڙي چيائين، ”للي ھاڻي وقت آيو آھي، دوستيءَ کي رشتي ۾ بدليون.
لليءَ راجيش جو ھٿ چُمي چيو، ”آءٌ تہ اُن گھڙيءَ جي اِنتظار ۾ ھيس. آءٌ نيرج ڀئيا جي شڪرگذار آھيان، نہ تہ نہ معلوم ڪيترا سال اِنتظار ڪرڻو پوي ھا.“
نيرج گھر فون لڳائي ماءُ کي چيو، ”ممي، آءٌ شادي ڪرڻ ٿو چاھيان، ڇوڪري توھان جي جاتل سُڃاتل آھي، مونکي بيحد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پسند آهي.‘‘
ماڻس پڇيس، ’’ڇوڪري ڪير آهي؟‘‘
نيرج ٻڌايس، ’’رجني.‘‘
ماڻس فون ڪٽي ڇڏي. رجنيءَ جو منهن سُسي ويو. نيرج وري ستيش کي فون لڳائي چيو، ’’نمستي انڪل، نيرج ٿو ڳالهايان.‘‘
’’خوش رهہ پُٽ، ڪيئن ياد ڪيو اٿئي؟‘‘
’’انڪل راجيش هاڻي بالغ ٿيڻ تو چاهي.‘‘
’’ڇا مطلب؟‘‘
’’پنهنجي لاءِ ڇوڪري پسند ڪئي اٿائين، توهان کان آشيرواد وٺڻ ٿو چاهي؟‘‘
’’ڇوڪري للي آهي؟‘‘
’’ها انڪل، توهان صحي سڃاتو.‘‘
’’ٻار، آءٌ لليءَ کي گهڻو اڳہ ننهن قبولي آشيرواد ڏيئي چڪو آهيان. ڇاڪي خوشي ٿي تہ راجيش بہ لليءَ کي پسند ڪيو. آءٌ اِها خوشخبري سُنيتا ۽ سُڄاتا کي بہ ٿو ڏيان. ٻئي بيحد خوش ٿيندیون.‘‘
’’انڪل توهان مونکي ۽ رجنيءَ کي بہ آشيرواد ڏيو. اسين چار ئي گڏجي شادي ڪنداسين. في الحال سڳائيءَ جي رسم پوري ڪرڻ ٿا چاهيون. توهان بہ هوٽل تاج اچو.‘‘
’’پُٽ اڄ نہ، سياڻي. سُڄاتا ۽ سُنيتا کي بہ اچڻ لاءِ چوان ٿو. تون بہ پنهنجي ماتا پتا کي ڳُهراءِ. لليءَ جا پئرنٽس تہ هتي آهن ئي، رجنيءَ کي ڇئہ اُن جي طرفان سُڄاتا ۽ آءٌ رهنداسين. راجيش طرفان سُنيتا.‘‘
’’ليڪن انڪل، ممي پاپا اسان جي رشتي جي خلاف آهن.‘‘
’’پُٽ تون فڪر نہ ڪر، پنهنجي سيڻ ۽ سيڻ کي آءٌ راضي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندس. رجنيءَ جو ڪنيا دان آءٌ ۽ سُجاتا ڪنداسين. شادي ڌوم ڌام سان گووا ۾ ٿيندي، رسيپشن ڪروز تي.“

”انڪل،اسان ڇئني جو چرن اسپرش قبول فرمايو.“

”خوش رهو ۽ اڄ جي پارٽي چار ئي ڄڻا ۾ وڃي اِنجواءِ ڪريو.“

نيرج چيو، ”هاڻي دير ڇا جي آهي؟ جلد ختم ڪريو، ڊنر لاءِ تاج هلون.“

ڇئني ڊرنڪ ختم ڪئي. رجنيءَ ۽ لليءَ سامان سميٽي، ٽيبلصاف ڪئي. سنڪ ۾ برتڻ صاف ڪري رکيائون. روم کي لاڪ ڪري چار ئي هيٺ آيا. نيرج ڪار جي چابي راجيش کي ڏني. راجيش چابي لليءَ کي ڏيندي چيو، ”آءٌ پنهنجي زندگيءَ جي واڳ توکي ٿو سونپيان.“

لليءَ چيس، ”آءٌ تہ تنهنجي اَڏين آهيان، جيڪا آگيا ڪندين اُن جو پالن ڪنديس.“ ايترو چئي لليءَ ڊرائيونگ سيٽ تي وڃي ويٺي. راجيش پرسان ويٺس، رجني ۽ نيرج پٺئين سيٽ تي ويٺا. لليءَ ڪار اِسٽارٽ ڪئي. رجنيءَ پنهنجو مٿو نيرج جي ڪُلهي تي رکي چيو، ”منهنجي زندگي بنا پتوار جي ڪشتي آهي، منهنجي ڪشتيءَ جي پتوار بہ تون آهين، ملاح بہ تون آهين.“

نيرج رجنيءَ جي ڳل تي هٿ رکي خاطري ڏنس.

نيرج جو ماءُ پيءُ ممبئيءَ اچڻ لاءِ هرگز تيار نہ هئا. ستيش کين سمجهائي چيو، ”وقت جي نزاڪت کي سمجهو، جوان پُٽ جي جذبات جو قدر ڪريو. ڪهڙو کين اِندور ۾ رهڻو آهي. هينئر بہ ممبئيءَ ۾ ٿا رهن، پوءِ بہ ممبئيءَ ۾ رهندا. شادي گووا ۾ ڪنداسين، توهان اگر ضد نہ ڇڏيو تہ نيرج ڪورٽ ۾ وڃي شادي ڪندو. خوامخواهہ دلين ۾ فاصلو اچي ويندو، بهتر آهي توهان سياڻي فلائيٽ ۾ اچي وڃو.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيرج جي پيءُ ٿڌو ساهه کڻي چيس، ”ايندا سين.“

شام جو هوٽل تاج ۾ مڱڻي جي رسم پوري ٿي. رجنيءَ جي طرفان ناريل مصري نيرج جي ماءُ کي سُجاتا ڏنو. لليءَ جي ماءُ پيءُ کان ڏيڻ وٺڻ جي رسم سُنيتا نڀائي.

آڪٽوبر ۾ ڏسهڙي کان پوءِ واري آرتوار تي شاديءَ جي تاريخ پڪ ڪيائون. شاديءَ جي تياريءَ ۽ پارٽيءَ جي ذميواري ستيش پاڻ تي هموار ڪئي.

شاديءَ جي تياري ٿي ويئي. رجنيءَ جي طرفان اُهي ئي رشتيدار هئا، جيڪي راجيش جي طرف جا هئا. نيرج جي طرفان قريبي رشتيدارن کي سڏ ڏنو ويو. لليءَ جي طرفان رشتيدار ڪجهه وڌيڪ هئا. فلم اِنڊسٽريءَ جا انوائٽي چئني جا ڪامن هئا.

لنڊن مان زينت ۽ پدما به آيون. سرون جو سڄو ڪمار پريوار شامل ٿيو. روپا ۽ مهوئا پڻ شاديءَ ۾ شامل ٿيون. سنجنا پڻ سگهري آئي. ستيش رجنيءَ کي نيرج وارو ڪرائي جو فلئٽ خريد ڪري گفٽ ڪيو. نيرج کي آڊي ڪار گفٽ ڪئي. سُجتا پنهنجي ممبئيءَ واري بنگلي جي چابي لليءَ جي حوالي ڪئي. بنگلو سنجنا کان خالي ڪرائي ورتو هئائين.

زينت پنهنجي پهرين لکيل ڪهاڻي راجيش کي گفٽ ڪئي. لليءَ کي رادو واچ گفٽ ڪيائين. پدما چئني کي هنيمون لاءِ لنڊن انوائيٽ ڪيو ۽ سوڪڙيون پڻ ڏنيون. هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي حساب سان چئني کي تحفا ڏنا. سيني کي رڻرن گفٽ ڏني ويئي. چابڙيا راجيش کي هڪ بنگلو گفٽ ڪيو ۽ چئني کي پنهنجي فلم لاءِ سائين ڪيائين. مسٽر لال به چئني کي پنهنجي اڳلي فلم لاءِ سائين ڪيو ۽ چئني کي ماريشس جي ايئر اِنڊيا جون اوٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موٽ جون ٽڪيٽون ۽ پورٽ لئيس ۾ ولا انڪائو جو ڏهن ڏينهن جو پئڪيج گفٽ ڪيو. راجيش پنهنجي پيڻ-پيٽوئي کي بہ ٽرپ ۾ پنهنجي خرچ تي شامل ڪيو. ستيش پڻ چٽني کي پنهنجي فلم لاءِ سائين ڪيو. ٽن ٽن فلمن جي ڪانٽرئڪٽ ملڻ تي هنيمون تان واپس اچڻ تي ڪين بزي رهڻو هو، اِنڪري ماريشس ٽرپ پوريءَ طرح اِنجواءِ ڪرڻ تي چاهيائون.

هوائي جهاز اُڏامي رهيو هو. للي، نيرج ۽ رجنيءَ جي ارمانن کي پرلڳي ويا. راجيش ٽيٽيءَ ذميواريءَ جي باري ۾ سوچي رهيو هو . راجيش زينت جي ڏنل ڪهاڻي پڙهڻ شروع ڪئي. ڪهاڻي سٺي هئي. ٿوريءَ ڦيرڦار سان اِسڪرپٽ تيار ٿي سگهي ٿي. راجيش ان ڪهاڻيءَ تي پيءُ جي لاءِ فلم بڻائڻ جو سوچيو. فلم جي ميجر پورشن جي شوٽنگ لنڊن ۾ ڪرڻ جو سوچيائين. فلم جي شوٽنگ سان گڏ پدما جي هنيمون ٽرپ جو آفر بہ سجايو ٿيندو.

راجيش جي دماغ ۾ 1953 ۾ مڪيش جي پروڊيوس ڪيل فلم انوراگ (جنهن ۾ سرئيا سان هيرو جو رول بہ ڪيو هئائين) جو گانو تري آيو، گيت جا بول هئا- ’ڪوئي دل ۾ هئہ، ڪوئي نظر ۾ هئہ، اسي ڪشمڪش ۾ جيئي جا رهان هون، ڪسي ياد رکون، ڪسي ڀول جائون.‘‘

راجيش ’ڪسي ياد رکون، ڪسي ڀول جائون‘ ٽائيٽل سان فلم ٺاهڻ جو اِرادو ڪيو هيرو هڪ نيرج، هيروئن چار- رجني، زينت، انگوُري ۽ مهوٿا، مهمان رول ۾ پدما. اِها فلم هن مسٽر لال لاءِ ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو.

1951 ۾ پيُوان دادا جي گولڊن جبلي هِٽ فلم البيلا جو سيڪول چاپڙيا جي لاءِ ٺاهڻ جو سوچيائين. فلم جي جان سي. رامچندر جو سنگيت هو. راجيش کي اهڙي ئي لاجواب سنگيت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اُميد سرون ڪمار ٽيم مان هئي. راجيش جو سڄو سفر ان سوچ ويچار ۾ ڪٽجي ويو.

رات جو ڊنر مان فارغ ٿي راجيش لليءَ سان گڏ پنهنجي سئيٽ ۾ آيو. دروازو اندران بند ڪري لليءَ کي سڏي چيائين، ”للي، هاڻي توکي ٻـطرفي ذميواري نڀائڻي پوندي.“

لليءَ پڇيس، ”ڇا ڪرڻو پوندو؟“

پهرين گرهست جي ذميواري، ٻي پنهنجي ڪم جي ذميواري ۽ ٽين منهنجي سيڪريٽريءَ جي ذميواري. منهنجي فلمن جو شيڊيول تون ڊزائين ڪندينءَ. اُن ڪانسواءِ هيرو - هيروئن ۽ ٻيءَ ڪاسٽ جي ڊيٽس وٺڻ وغيره.

لليءَ ڪنڌ جُهڪائي چيو، ”جيڪا آگيا منهنجا باس.“

”گهر ۾ تون باس هوندينءَ، ٻاهر آءٌ.“

”هن وقت اسين ڪٿي آهيون؟“

”هوٽل ۾.“

”ٻاهر تہ نہ آهيون نہ؟“

”منهنجو حڪم آهي، دماغ مان سڀ فتور ڪڍي ڇڏ ۽ سُکہ سپنن ۾ لين ٿي وڃ.“

”جيڪو حڪم منهنجا باس.“ راجيش لليءَ کي ٻانهن ۾ کڻي سندس ڇپن کي چڪي، گُلن سان سجايل سُهاڳہ سيج تي ليٽايس ۽ لائيٽ آف ڪري ڇڏيائين.

• • •



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ڀاڙي، ڪائُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڀُلائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جيِ دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنىَ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڀُولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ ڪان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلمِ حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيان تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها، توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)